# سُورةُ المـآئِده

سورة المائده ٻي منزل جو آغاز آهي ۽ مضامين جي مماثلت جي اعتبار کان سورة النساءَ جو جوڙ آهي. جهڙي طرح سوره آل عمران سورة البقره جو جوڙ آهي، هي ابتدائي چارئي سورتون مدني سورتون آهن، جڏهن تہ الفاتحہ مکي سورت آهي. اهل ڪتاب جي بيان ۽ شريعت اسلامي جي احڪام جو تسلسل سورة النساءِ ۽ سورة المائده ۾ موجود آهي. سورة البقره ۾ جيڪي شرعي احڪام بيان ٿيا، اهي سوره آل عمران ۽ سورة النساءِ ۾ مذڪور ٿيندي، سورة المائده ۾ اختتام پذير ٿيا آهن. گويا اهل ڪتاب تي اتمام حجت لاءِ ۽ معاشري جي اسلامي اصولن تي تقرير جو تفصيلي جائزو هت پورو ٿيو. سورة النساءِ جو آغاز ”يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ “سان ٿيو آهي ۽ سورة المائده جو آغاز ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡٓا“سان ٿيو آهي. جنهن سان ظاهر آهي تہ هن سورت ۾ مؤمنن لاءِ ضروري احڪام موجود آهن.

هن سورت جو نالو پندرهين رڪوع جي آيت ڪريمه ”هَلۡ يَسۡتَطِيۡعُ رَبُّكَ اَنۡ يُّنَزِّلَ عَلَيۡنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ“ کان ورتل آهي، جنهن جو سورت جي موضوع سان ڪو تعلق نہ آهي، پر علامت طور رکيو ويو آهي تہ جيئن ٻين سورتن کان الڳ لڳي. هي سورت صلح حديبيه کان بعد هجري سنہ 7 جي آخر ۽ سنہ 8 جي شروعات ۾ نازل ٿي. مڪي جي قريش حضور خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪي ساٿين سميت عمرو ادا ڪرڻ نہ ڏنو هو، پر معاهدي بعد ايندڙ سال عمري جي اجازت ڏني هئي. مسلمانن کي تاڪيد ڪيو ٿو وڃي تہ جيڪڏهن گذريل سال ڪافرن زيادتي ڪري عمري ڪرڻ کان روڪيو هو تہ هن سال ان زيادتي جو بهانو بنائي دشمن سان زيادتي جو جواب زيادتي سان ناهي ڏيڻو. هي سورت هڪ خطبو محسوس ٿئي

تي، پر جيڪڏهن ڪجهه آيتون شامل ڪيل آهن تہ بہ انهن جو پتو نٿو پوي. سوره آل عمران ۽ سورة النساءِ جي نزول کي گهڻو وقت گذري چڪو هو ۽ هينئر اسلام هڪ ناقابل تسخير قوت نظر اچي رهيو هو. اسلامي رياست هڪ طرف نجف، ٻئي طرف شام، ٽئين طرف بحر احمر ۽ چوٿين طرف مڪه مڪرم جي قريب پهچي چڪي هئي. آس پاس جا يهودي جزيو ڏيڻ لڳا. جنگ احد جي زخمن مسلمانن کي وڌيڪ پرجوش ڪري زخمي شينهن بڻائي ڇڏيو هو. جزيره عرب کي معلوم ٿي چڪو هو تہ اسلام هاڻي نہ رڳو زباني تبليغ جو دين آهي، پر هڪ مسلم اسلامي رياست ٿي چڪو آهي، جنهن کي مٽائڻ ناممڪن آهي. مسلمان آزاديءَ سان پنهنجي دين اسلام جي احڪامن جي پيروي ڪري سگهيا ٿي ۽ اسلام جي تبليغ جاري رکي سگهيا ٿي. تهذيب، تمدن، اخلاق، معاشرت ۾ ٻين کان ممتاز ۽ علحده نظر ايندا هئا. شرعي احڪام بہ جاري ٿي چڪا هئا. اسلامي زندگي جي مڪمل صورت ڏسي ڪافر مايوس ٿي چڪا هئا. نبي اڪرم ﷺ روم ۽ ايران جي بادشاهن ۽ عرب جي قبائلي سردارن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ خط موڪليا.

حج، زائرين ڪعبه، حلال حرام جا احڪام ڏنا ويا، دور جهالت جون رسمون بند ڪيون ويون، مسلمان طاقتور جماعت ٿي چڪي هئي. انهن کي بار بار عدل ۽ انصاف جو حڪم ڏنو ويو ۽ الله ۽ رسول ﷺ جي اطاعت جي تاڪيد ڪئي وئي. ڪتاب الاهي جو پابند ڪيو ويو، عيسائين ۽ يهودين کي غلط روش اختيار ڪرڻ کان روڪيو ويو. مشرڪن ۽ بت پرستن جو زور ٽٽي چڪو هو. انهي دوران سورة المائده جا احڪام نازل ٿيا. بعض حضرات هن سورة کي آخري مدني سورة چيو آهي. هن سورت جو ڪجهه حصو سفر حديبيه دوران، ڪجهه فتح مڪه ۽ باقي خطبة الوداع (عرفات 9 ذوالحج 10 هجري) تي نازل ٿيو. ياد رهي تہ هجرت کان اڳ نازل ٿيل سورتن کي 'مڪي سورة' ۽ هجرت کان بعد نازل ٿيل سورتن کي 'مدني سورة' چوندا آهن.

آيتون ١٢٠ | سورة المائده (مدني سورت) | رکوع ١٦

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَوۡفُوۡا بِالۡعُقُوۡدِ ؕ اُحِلَّتۡ لَكُمۡ بَهِيۡمَةُ الۡاَنۡعَامِ اِلَّا مَا
يُتۡلٰى عَلَيۡكُمۡ غَيۡرَ مُحِلِّى الصَّيۡدِ وَاَنۡتُمۡ حُرُمٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَحۡكُمُ مَا يُرِيۡدُ ①
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تُحِلُّوۡا شَعَآئِرَ اللّٰهِ وَلَا الشَّهۡرَ الۡحَرَامَ وَلَا الۡهَدۡىَ
وَلَا الۡقَلَاۤئِدَ وَلَاۤ آٰمِّيۡنَ الۡبَيۡتَ الۡحَرَامَ يَبۡتَغُوۡنَ فَضۡلًا مِّنۡ رَّبِّهِمۡ وَرِضۡوَانًا ؕ
وَاِذَا حَلَلۡتُمۡ فَاصۡطَادُوۡا ؕ وَلَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ شَنَاٰنُ قَوۡمٍ اَنۡ صَدُّوۡكُمۡ عَنِ
الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ اَنۡ تَعۡتَدُوۡا ۘ وَتَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡبِرِّ وَالتَّقۡوٰى ۖ وَلَا تَعَاوَنُوۡا عَلَى
الۡاِثۡمِ وَالۡعُدۡوَانِ ۖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ②

المنزل الثاني

وقف لازم

الربع

الله جي (بابرڪت) نالي سان شروع جيڪو تمام گھڻو مهربان ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آهي.

مؤمنو! الله سان ڪيل پنهنجا سمورا عهد و پيمان پورا ڪريو. اوهان لاءِ سمورا مويشي قسم جا چوپايا جانور حلال ڪيا ويا آهن، سواءِ انهن جي جيڪي اوهان کي ٻڌايا وڃن ٿا، پر (جيڪڏهن) احرام جي حالت ۾ هجو ته شڪار ڪرڻ کي به حلال نه سمجهو. بيشڪ الله جيڪو گهري ٿو، حڪم ڪري ٿو. (1) (انهن معاهدن جي تڪميل لاءِ معاشي زندگيءَ بابت ارشاد رباني آهي) مؤمنو! الله جي شعائر (نشانين) جي بي حرمتي نه ڪريو، نه حرمت وارن مهينن جي، نه

هَدۡي يعني قرباني جي جانورن جي، نہ ڳچي ۾ نشاني طور ٻڌل پٽيءَ واري جانور جي ۽ نہ وري مڪي مڪرم جو قصد ڪندڙ زائرين جي، جيڪي پنهنجي پروردگار جي عنايتن ۽ خوشنودگيءَ جا طلبگار آهن. ها جڏهن احرام جي حالت ختم ٿي وڃي تہ شڪار ڪري سگهو ٿا. (ڪن ماڻهن مسجد الحرام جو رستو اوهان لاءِ بند ڪيو هو تہ انهيءَ سبب جي ڪري) توهان جي دشمني بہ اوهان کي ايترو مشتعل نہ ڪري جو توهان حدون پار ڪري وڃو (هر حال ۾ حدود الاهي اندر رهو) نيڪي ۽ تقوىٰ جي ڪمن ۾ تعاون ڪريو، مگر ڪنهن جي حق تلفي ۾ ۽ زيادتيءَ ۾ تعاون نہ ڪريو. الله جي سمورن حڪمن جي پوري طرح پابندي سان حفاظت ڪريو، ان ڪري جو نافرمانيءَ جي صورت ۾ الله سخت سزا ڏيڻ وارو آهي. (2)

سورت جي شروع ۾ "يَاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡٓا" چئي مؤمنن کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ اوهان مان جيڪو عهد ڪري، ان کي ضرور پورو ڪري، يعني اي مؤمنؤ اوهان الله تي ايمان آڻي، ان سان سندس حڪمن جي پيروي ڪرڻ جو عهد ڪيو آهي. ان ڪري اوهان پنهنجا عهد و پيمان (قول و قرار) پورا ڪريو. يعني جنهن بہ ڳالهہ جي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو عهد ۽ اقرار ڪريو تہ اهو عهد ضرورپورو ڪريو، جهڙي طرح اوهان لا اِلٰه الا الله مُحَمَّد رسول الله چئي الله سان عهد ڪيو آهي، يا نڪاح ڪري پنهنجي رفيقهِ حيات سان عهد ڪيو آهي، يا دنياوي ۽ ديني ڪمن ۾ وچن ڪيا آهن تہ انهن جو پورو ڪرڻ لازم آهي. "عُقُوۡد" جمع آهي "عَقَد" جو. عقد مضبوط عهد کي سڏبو آهي، يعني ٻن شين يا ٻن ذرين جي قول و قرار جو اهڙو مضبوط اتصال (ڳانڍاپو) جن جو الڳ الڳ ٿيڻ مشڪل هجي، جنهن جو وفا ۽ ايفاء لازم هجي. روزِ ميثاق کان وٺي بعد جا سارا عهد، الله تعالىٰ سان حلال حرام لاءِ ڪيل عهد، ماڻهن سان ڪيل وعدا، امانتون، صلح جا معاهدا، سڀ هن "اَوۡفُوۡا بِالۡعُقُوۡدِ" جي حڪم ۾ شامل آهن. "لَا دِيۡنَ لِمَنۡ لَّا عَهۡدَ لَهٗ" جيڪو عهد پورو نٿو

ڪري، اهو بي دين آهي. ”آيَةُ الْمُنَافِقِ ثَلَاثٌ إِذَا حَدَّثَ كَذَبَ وَإِذَا وَعَدَ أَخْلَفَ وَإِذَا اؤْتُمِنَ خَانَ“ (بخاري و مسلم) منافق جون ٽي نشانيون آهن. جڏهن ڳالهائي، ڪوڙ هڻي. جڏهن وعدو ڪري ته عهدشڪني ڪري. جيڪڏهن امانت سپرد ڪجي ته خيانت ڪري. هڪ ٻي حديث ۾ منافق جون پنج نشانيون بيان ڪيون ويون آهن، جن مان وعدي وفائي به هڪ آهي. عهدو پيمان جي پورائي ايمان جي تقاضا آهي. گذشته سورة النساءِ جي آخري حصي ۾ يهود جي ظلم ۽ بدعهديءَ سبب سزا ۾ ڪين بعض حلال ۽ طيب شيون به حرام ڪيون ويون هيون، جن جو تفصيل سورة الانعام ۾ مذڪور آهي. هت مؤمنن کان الله جي حلال ۽ حرام ڪيل شين کي ڪماحقه قبول ڪرڻ لاءِ خبردار ڪيو ويو آهي ته اوهان لا الٰه الا الله محمد رسول الله چئي، جيڪو الله سان عهد ڪيو آهي، ان کي پوريءَ طرح ادا ڪرڻو آهي. اوهان لاءِ چوپايا جانور حلال ڪيا ويا آهن. يعني انهن جو گوشت کائڻ اوهان لاءِ حلال آهي (المائده: 5 /1) سواءِ انهن جي جيڪي هن بعد اوهان کي انهن جي حرام هجڻ جو حڪم ڏنو ٿو وڃي. (البقره: 173/2، المائده: 3/5، الانعام: 12/6، النحل: 115/16) پر جيڪڏهن اوهان بيت الله جي زيارت لاءِ وڃو ٿا ته پوءِ احرام جي حالت ۾ اوهان حلال جانورن جو به شڪار ڪري نٿا سگهو. الله پنهنجي جنهن به مصلحت واري حڪم جو ارادو ڪري ٿو ته اهو حڪم جاري ڪري ٿو.

”بهيمة الانعام“ بَهِيمَةٌ هر چرڻ واري چوپائي جانور کي چئبو آهي ۽ ”الانعام“ اٺ، ڳئون، رڍ، ٻڪريءَ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. هت اهي چوپايا جانور اچن ٿا، جيڪي انعام جي طرح جا آهن. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي روايت آهي: ”نَهٰى رَسُوْلُ اللهِ عَنْ كُلِّ ذِيْ نَابٍ مِّنَ السِّبَاعِ وَكُلِّ ذِيْ مِخْلَبٍ“ يعني جانورن ۾ درنده حرام آهن جهڙيءَ طرح شينهن، ڪتو گڏهه وغيره ۽ پکين ۾ مخلب، يعني چنبي وارا حرام آهن. جهڙيءَ طرح باز، چيل، ڳجهه، ڪانءُ وغيره. هن آيت ۾ انهن سمورن چوپاين کي حلال قرار ڏنو ويو آهي، جن کي دور جاهليت ۾ حرام ڪيو ويو هيو.

اي مؤمنؤ ! جڏهن اوهان الله جي اطاعت ۽ سندس حڪمن جي بجا آوريءَ جو عهد ڪيو آهي ته پوءِ الله جي حڪمن جي بجا آوريءَ جو طريقو ۽ آداب ٻڌايا ويا آهن. انهن

جي بي حرمتي نہ ڪريو ۽ نہ وري انهن حرمت وارين چئن مهينن رجب، ذوالقعدہ ذوالحج، محرم الحرام جن ۾ امن عامہ جو اعلان ڪيو ويو آهي، جنگ و جدل ڪان روڪيو ويو آهي جي بي حرمتي ڪريو، هن بين الاقوامي اجتماع لاءِ جيڪي جانور تحفي طور قربانيءَ لاءِ موڪلجن ٿا ۽ نہ وري انهن جانورن جي بي حرمتي ڪريو، جن ڪي گردن ۾ پٽا علامت طور ٻڌي بيت الله جي زيارت ڪرڻ لاءِ گڏوني وڃن ٿا تہ اتي ذبح ڪن، نہ وري انهن ماڻهن جي بي ادبي ۽ بي حرمتي ڪيو جيڪي هن بين الاقوامي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ وڃن ٿا، جيڪي هن برڪت ۽ هدايت واري مقام تي پهچي پنهنجي پروردگار جو فضل ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ جا متمني آهن. جهڙي طرح عرب هنن جو "مَرْحَبًا بِضُيُوْفِ الرَّحْمٰنِ" چئي استقبال ڪن ٿا. پرجڏهن اوهان حج يا عمري جي احرام ڪان آجا ٿي وڃو تہ پوءِ حلال جانورن جو حرم ڪان ٻاهر شڪار ڪري سگهو ٿا. پر هي ڳالهہ ياد رکو جنهن قوم اوهان ڪي سخت ايذاءُ ۽ تڪليفون ڏنيون آهن، ۽ اوهان ڪي ڪعبي تائين اچڻ ڪان بہ روڪيو هيو (الفتح: 8/48) ۽ هينئر اوهان ڪي الله تعالىٰ غلبو ڏنو آهي تہ ان قوم جي دشمني اوهان ڪي هن ڳالهہ تي آماده نہ ڪري تہ اوهان هنن سان بي واجبي يا زيادتي ڪريو يا انهن ڪي حج ڪان روڪيو. بعض مفسرين حضرات جو خيال آهي تہ اهو نہ روڪڻ جو حڪم تيستائين هيو، جيستائين مسلمان ۽ ڪافر گڏ طواف ڪندا هيا، پر بعد ۾ روڪڻ جو حڪم رڳو ڪافرن ۽ مشرڪن لاءِ هيو. (التوبه: 28/9) پر اوهان عدل ۽ انصاف جو رستو اختيار ڪريو، (المائده: 8/5) جنهن مطابق نيڪي ۽ پرهيز گاري جي هر معاملي ۾ هڪٻئي جي مدد ڪريو، پر ڪنهن سان ظلم ۽ زيادتي ۾ هڪٻئي جي مدد نہ ڪريو. هن ۾ دشمن ۽ دوست سيئي برابر آهن. ياد رکو تہ اوهان جو هر عمل نيڪ يا بد نتيجا ظاهر ڪندو. ان ڪري الله جي نافرماني جي نتيجن ڪان ڊڄو ۽ بچو. خوف خدا دل ۾ رکو. خدا سخت سزا ڏيندو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ بيت الله جي زيارت لاءِ ايندڙ حاجي سڳورن ۽ قربانيءَ جي جانورن جي بہ بيت الله جي ڪري الله ڪيتري عزت ۽ حرمت رکي آهي، جنهن جي وڏي شاهدي سوره قريش 106 ۽ سورة الفيل 105 ۾ آهي. "شَعَآئِرِ" جمع آهي "شِعَار" جو يعني هر اهڙي شيءِ جيڪا ڪنهن مذهب، مسلڪ عقيدي يا فڪرو عمل جي نمائندگي ڪري تہ اها شيءِ ان جو شعار آهي. اهڙيءَ طرح حج قرباني احرام ۽ حرمت وارا چار مهينا، صفا مروه جو سعي،

منیٰ، مزدلفه جو قيام، شيطانن کي پٿريون هڻڻ يعني حج جا سمورا مناسڪ سڀ الله جا شعائر آهن.

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيرِ وَمَآ أُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ وَالْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوذَةُ وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَالنَّطِيحَةُ وَمَآ أَكَلَ السَّبُعُ إِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ ۚ وَمَا ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ وَأَنْ تَسْتَقْسِمُوا بِالْأَزْلَامِ ۚ ذٰلِكُمْ فِسْقٌ ۗ الْيَوْمَ يَئِسَ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ دِينِكُمْ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ ۚ الْيَوْمَ أَكْمَلْتُ لَكُمْ دِينَكُمْ وَأَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِي وَرَضِيتُ لَكُمُ الْإِسْلَامَ دِينًا ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ فِي مَخْمَصَةٍ غَيْرَ مُتَجَانِفٍ لِإِثْمٍ ۙ فَإِنَّ اللّٰهَ غَفُورٌ رَحِيمٌ ﴿٣﴾

اوهان تي مردار، خون (وهندڙ رت) سوئر جو گوشت ۽ غير الله جي نالي تي ذبح ٿيل جانور يا جيڪو گلو گهٽجڻ ڪري مري ويو جيڪو ڪنهن ڌڪ سبب مري ويو يا جيڪو مٿان هيٺ ڪِري مري ويو يا جيڪو ڪنهن سڱ لڳڻ ڪري مري ويو يا جنهن کي درندن چير ڦاڙ ڪري ڪاڌو هجي، حرام آهن، سواءِ ان جي جنهن کي اوهان زنده حالت ۾ ڏسي ذبح ڪيو. اهڙي طرح اهي جانور به حرام آهن، جيڪي ڪنهن آستاني تي غيرالله جي نالي منسوب ڪري ذبح ڪيا ويا ۽ اهي به جن جو گوشت اوهان جوئا جي تيرن ذريعي تقسيم ڪيو. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته هي سڀ خدا جي نافرماني جا ڪم آهن، هي منڪر هاڻي اوهان جي دين کان مايوس ٿي ويا آهن. ان ڪري (هنن حرمتن تي عمل درآمد ڪرڻ

وقت) هنن کان نہ ڏجو (چو تہ اهي حرمتون هنن وٽ حلال آهن) رڳو منهنجي حڪمن جي انحرافي ڪرڻ ۾ مون کان ڏڄو، توهان جي دين کي مون اوهان جي لاءِ مڪمل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اوهان تي پنهنجين نعمتن جي انتها ڪري ڇڏي آهي ۽ توهان جي طريقِ حيات کي دين (جي حيثيت ۾) اسلام طور پسند ڪيو آهي. (سو منهنجي هنن حڪمن جي سؤ فيصد پيروي ڪريو.) پر جيڪڏهن ڪو بک کان مجبور ٿي اضطراري حالت ۾ ڪا حرام شيءِ کائي ٿو، جيڪڏهن گناهہ جو لاڙو نہ هجي تہ ضرورت جي حد تائين کائڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي، ان ڪري جو الله وڏو بخشڻهار ۽ دائمي رحمت وارو آهي. (3)

هن سورة جي شروعات ۾ ارشاد آهي: "أُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِيْمَةُ الْاَنْعَامِ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ" يعني سواءِ حرام شين جي بيون سڀ شيون حلال آهن. هاڻي انهن حرام شين جو ذڪر اچي رهيو آهي. هن کان اڳ سورة البقره جي آيت 173 ۾ اوهان لاءِ هي شيون بہ حرام ڪيون ويون آهن. مردار جيڪو پنهنجي طبعي موت مري وڃي. وهندڙ خون، يعني ذبح ڪرڻ وقت جيڪو خون نڪرندو آهي، رڳو اهو حرام آهي، باقي گوشت تي لڳل جگر (جيري) ترِي وغيره جو خون حرام ناهي. (البقره: 173/2، الانعام: 145/6، النحل: 115/16) سوئر (خنزير) جو گوشت ۽ هر اها شيءِ جنهن کي الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي نالي سان منسوب ڪيو ويو هجي. اهو جانور جيڪو گهٽو اچڻ سبب مري وڃي ۽ اهو جانور جو ڪنهن بلندي تان ڪري مري وڃي يا اهو جانور جيڪو ٻئي جانور جي سڱ لڳڻ سان زخمي ٿي مري وڃي يا جنهن کي ڪنهن درندي جانور چيري ڦاڙي کاڌو هجي. هنن سڀني صورتن ۾ جانور مري ويو هجي يا ان کي بسم الله پڙهي ذبح نہ ڪيو ويو آهي يا جنهن تي تڪبير وجهڻ سان خون نہ نڪتو ۽ بدن ۾ رهجي، بدن جو حصو ٿي ويو تہ اهو بہ مردار جانور وانگر ٿي ويو، پر جيڪڏهن جانور جي مرڻ کان اڳ ذبح ڪجي تہ گوشت حلال آهي. يعني مٿي بيان ڪيل يارنهن قسمن جي جانورن کي حرام قرار ڏنو ويو آهي. هت اهو معلوم هئڻ گهرجي تہ کاڌي پيتي جي جن شين کي شريعت ۾ حلال ۽ حرام چيو ويو آهي تہ ان

مان طبي ۽ جسماني نفعو نقصان مراد ناهي، پر اخلاقي نفعو نقصان مطلوب آهي. انسان عقل، شعور ۽ تجربي ذريعي پاڻ ان جو طبي نفعو نقصان معلوم ڪري سگھي ٿو، پر اصل حرام شين جي روڪڻ ۾ اخلاق ۽ ڪردار جو سوال آهي. اهي حرام شيون انسان جي اخلاق ۽ ڪردار تي بري طرح اثرانداز ٿين ٿيون، ورنه شريعت زهر کي حرام نه ڪيو آهي. الله تعالیٰ کي معلوم آهي ته انهن حرام شين جو انساني اخلاق تي ڪيترو برو اثر پوي ٿو. غذا انسان جي ڪردار سازيءَ ۾ اهم حصو وني ٿي. مثلاً گوشت خور جانور درنده آهن ته گاهه کائيندڙ گھريلو جانور آهن. گوشت خور پکي باز، ڳجهه، چيل سڀ انهن پکين جي ابتڙ آهن، جيڪي داڻو کائيندا آهن. تتر، ڪبوتر، جهرڪي ڪڪڙ وغيره.

اُٺ کي نحر ڪبو آهي ۽ ٻين جانورن کي ذبح ڪبو آهي، جنهن ۾ جانور جو خون بلڪل نڪري ويندو آهي. ۽ اهڙي جانور جو گوشت به حرام آهي، جيڪو آستاني تي نصب چاڙهي. "نُصُبُ" اهڙا پٿر آهن، جيڪي ڪافرن ڪعبة الله جي نزديڪ رکيا هيا ۽ انهن جي نالي تي جانور کهي، ان جو رت ان پٿر تي لڳائيندا هيا ۽ دعائون گهرندا هيا. "تَسۡتَقۡسِمُوۡا بِالۡاَزۡلَامِ" تيرن ذريعي تقسيم ڪرڻ. مثلاً: هڪ اُٺ جو گوشت آهي، جيڪو ڏه ماڻهن ۾ تقيم ڪرڻو آهي، هاڻي تيرن جي فال ذرعي تقيم ڪجي. هڪ تير تي $\frac{1}{4}$ لکيل آهي، ٻئي تي $\frac{1}{2}$ لکيل آهي، ٽئين تي $\frac{1}{3}$ آهي، چوٿين تي $\frac{1}{4}$ آهي، انهن تيرن جي حساب سان جنهن جي قسمت ۾ جيترو نڪري، ان کي اوترو ملندو، يا جي تير خالي هوندا، ته انهن کي ڪجهه نه ملندو. ناانصافيءَ جو اهو رواج بند ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح ٽي تير هوندا هئا، هڪ تي لکيل هوندو "اِفۡعَلۡ" يعني هي ڪم ڪر، ٻئي تي "لَا تَفۡعَلۡ" يعني اهو ڪم نه ڪر، ٽيون تير خالي هوندو هيو. جيڪڏهن "اِفۡعَلۡ" وارو تير نڪتو ته اهو ڪم ڪندا هيا. "لَا تَفۡعَلۡ" وارو تير نڪتو ته اهو ڪم ڪو نه ڪندا هئا. خالي تير نڪرندو هو ته وري ٻيهر اڇلائيندا هيا. اهي سڀ جاهلانا رسمون انسان لاءِ نقصانده هيون. جانور جو جيڪو گوشت جوئا جي تيرن ذريعي تقسيم ڪيو وڃي اهو به حرام آهي. اهڙيءَ طرح جوا جا سمورا طريقا حرام آهن، جيڪي نوع انسان لاءِ هاجيڪار آهن. ان وقت عرب ۾ هي مڪروهه ۽ گندي رسم به موجود هئي. اهي سڀ اعمال بدترين گناهه آهن. اوهان جي مخالفن کي اميد هئي ته شايد

کا مفاهمت جي راھ نڪري اچي پر ڪاڏي پيتي جي شين ۽ رسمن ۾ رات ڏينهن جو فرق ڏسي اوهان جي دين مبين کان بلڪل مايوس ٿي چڪا آهن، ڪين يقين ٿي ويو آهي ته هي دين سندن رسمن رواجن کي هرگز قبول نٿو ڪري ۽ نه وري اوهان دين حق کي ڇڏي هنن جو طريقو اختيار ڪرڻ وارا آهيو. هنن جي هن مايوسي کان اوهان کي ڪو به ڊپ ڊاءُ نه هئڻ گهرجي. اوهان کي هميشه اهو اونو ۽ ڊپ رهي ته ڪڏهن الله جي حڪمن جي نافرماني ڪري نقصان جا مرتڪب نه ٿيو. اوهان کي الله طرفان غلبو حاصل آهي. ڪافر اوهان جي دين کي وڌندڙ ڏسي مايوس ٿي ويا آهن. ان ڪري انهن کان نه ڊڄو. اڄ جي ڏينهن مون (الله) اوهان جو دين ڪامل مڪمل ڪري ڇڏيو آهي ۽ مون پنهنجون نعمتون جيڪي سورة الفاتحه ۾ "اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ" مطلوب هيون، اهي پوريون ڪري ڇڏيون آهن. اهي سڀ احڪام به بيان ٿي چڪا آهن. جيڪي انساني زندگيءَ جون تمام ضرورتون ۽ گهرجون پوريون ڪن ٿا. هر ڀلائي بيان ٿي چڪي آهي ۽ هر شر ۽ برائيءَ کان منع ڪيو ويو آهي ۽ اسلام کي قوت ۽ غلبو عطا ٿي چڪو آهي ۽ اوهان جي لاءِ اسلام کي دين طور پسند ڪيو آهي. "اِنَّ الدِّيۡنَ عِنۡدَ اللّٰهِ الۡاِسۡلَامُ" (آل عمران: 19/3) الله وٽ دين صرف اسلام آهي. "وَمَنۡ يَّبۡتَغِ غَيۡرَ الۡاِسۡلَامِ دِيۡنًا فَلَنۡ يُّقۡبَلَ مِنۡهُ" (آل عمران: 85/3) جو اسلام کانسواءِ ڪو ٻيو دين ڳوليندو ته اهو هرگز قبول نه ڪيو ويندو. "هُوَ الَّذِيۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَدِيۡنِ الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّهٖ" (التوبة: 33/9) الله اسلام کي ٻين سمورن دينن تي غلبو عطا ڪندو. ان ڪري هن دين اسلام جي مٿي ڏنل حڪمن تي هر حالت ۾ عمل پيرا ٿيڻو آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي بک سبب اضطراري ۽ بيوسيءَ جي حالت ٿي وڃي جنهن ۾ ڄاڻي واڻي گناهه ڪرڻ جو ڪو به شائبو نه هجي ۽ نه وري ضرورت کان وڌيڪ کائي ٿو ته اهي حرام شيون به جان بچائڻ جي حد تائين کائي سگهي ٿو، الله بخش ڪرڻ وارو آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام جي سورة البقره آيت 128 ۾ دعا آهي ته "اُمَّةً مُّسۡلِمَةً لَّكَ" يعني امت مسلمه پيدا ٿئي پوءِ انهن ۾ اهڙو رسول مقبول مبعوث ٿئي جيڪو هنن جي دل جي پاڪيزگي ڪري، ڪتاب ۽ حڪمت سان روشناس ڪرائي. "وَلِاُتِمَّ نِعۡمَتِىۡ عَلَيۡكُمۡ" (البقره: 150/2) ته جيئن مان اوهان تي پنهنجي نعمت جي تڪميل ڪيان. جيڪا اڄ حجة الوداع جي موقعي تي پوري ٿي وئي. حجة الوداع جي موقعي تي الله پنهنجي نعمت کي امت مسلمه لاءِ

مکمل ڪري ڇڏيو آهي. هن خطبي کان اندازًا ٽن مهينن بعد الله جو رسول ﷺ رفيق اعلىٰ، الله پاڪ جي طرف وصال ڪرڻ فرمائي ويو. ڪجھ روايتن ۾ آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال مبارڪ کان 9 ڏينهن اڳ "وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ○ (البقره: 281/2) نازل ٿي آهي.

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَآ اُحِلَّ لَهُمْ ؕ قُلْ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ۙ وَمَا عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ مُكَلِّبِيْنَ تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ ۫ فَكُلُوْا مِمَّآ اَمْسَكْنَ عَلَيْكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهِ ۪ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۴﴾ اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ؕ وَطَعَامُ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ لَّكُمْ ۪ وَطَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ ۫ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ مُحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ وَلَا مُتَّخِذِيْٓ اَخْدَانٍ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ ۫ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۵﴾ ع ۵

هو تو کان پڇن ٿا تہ هنن لاءِ ڪهڙيون شيون حلال ڪيون ويون آهن، چئو تہ سموريون پاڪيزه شيون اوهان لاءِ حلال آهن ۽ شڪاري جانورن مان جن کي اوهان ان علم مان تربيت ڏيو ٿا، جيڪو علم الله اوهان کي سيکاريو آهي (انهن جو پڪڙيل شڪار بہ حلال آهي) پر اهو (شڪار) جيڪو هو اوهان لاءِ پڪڙي رکن، تہ اهو پلي کائو، جانورن کي شڪار پڪڙڻ لاءِ ڇڏڻ کان اڳ ان تي الله جو

نالو وٺو ۽ (الله جي حڪمن جي انحرافي کان هميشہ) خوف ڪائيندا رهو. الله بنا دير حساب چڪائڻ وارو آهي. (4) هاڻي تمام پاڪيزه شيون اوهان لاءِ حلال ڪيون ويون آهن. اهل ڪتاب جو طعام اوهان لاءِ حلال آهي. اوهان جو کاڌو هنن لاءِ حلال آهي. (شرڪ ۽ توحيد جو فرق معلوم هئڻ بعد) مسلمانن جون پاڪ دامن عورتون بہ اوهان لاءِ حلال آهن ۽ اهل ڪتاب جون پاڪ دامن عورتون بہ اوهان لاءِ حلال آهن، جڏهن توهان هنن جا مهر هنن کي ادا ڪريو، بشرطيڪہ توهان بہ پاڪ دامن رهڻ وارا هجو نہ بدڪاري ڪرڻ وارا ۽ نہ وري چوري چپي تعلقات قائم ڪرڻ وارا پنهنجي ايمان جي پوريءَ طرح حفاظت ڪيو ۽ معلوم هئڻ گهرجي تہ ايمان جو انڪار ڪندڙن جي سموري محنت (عمل) ضايع ٿي وجن ٿا ۽ قيامت ڏينهن هو نامراد ماڻهن مان هوندا.(5)

---

هن ڪان اڳ حرام شين جو تفصيل سان بيان ٿي ويو آهي، هاڻي هي ماڻهو توکان پڇن ٿا تہ ڀلا ڪهڙيون شيون هنن لاءِ حلال آهن، چوتہ ماڻهو پوين پابندين ۽ سختين جا عادي ٿي ويا هيا، ان ڪري هو وضاحت وٺڻ گهرن ٿا. ڪين بڌاءِ تہ سموريون پاڪيزه شيون اوهان لاءِ حلال ڪيون ويون آهن. (البقره: 172/2) ۽ اهو جاندار بہ اوهان لاءِ حلال آهي جنهن کي اوهان جي تربيت يافته شڪاري جانور اوهان لاءِ پڪڙيو آهي ۽ انهن کي اهوئي ڪجهہ سيکاريو اٿو جيڪو الله اوهان کي سيکاريو آهي. شڪاري سيکاريل Trained جانور اهو آهي جنهن کي ڇڏ ڪجي تہ هليو وڃي ۽ روڪجي تہ رڪجي پوي ۽ شڪار مان پاڻ ڪجهہ نہ کائي ۽ شڪار ۾ ٻيو غير تربيت وارو جانور بہ شريڪ نہ هجي.(صحيحين) ان کي بسم الله پڙهي ذبح ڪريو ۽ بسم الله پڙهي شڪار تي ڇڏيو. جيڪڏهن بسم الله چئي شڪار تي جانور کي ڇڏجي ۽ اهو شڪار مالڪ تائين پهچڻ ۾ مري چڪو هجي تہ حلال آهي، پر جي زنده هجي تہ پوءِ ذبح ڪرڻ لازم آهي، ذبح نہ ڪبو تہ حرام ٿي ويندو. ياد رکو حلال طيب آهي ۽ حرام خبيث آهي. الله جي هنن چٽن حڪمن جي نافرماني ڪرڻ وقت الله واري عذاب کان بچو، الله وٽ مڪافات عمل ۾ حساب وٺڻ ۾ ڪا بہ دير نہ آهي، اهو ان ۾

نهايت تيز آهي. اڄ دين ڪامل ٿي چڪو آهي، ان ڪري اوهان لاءِ سموريون طيب ۽ پاڪيزه شيون حلال ڪيون ويون آهن، هن بعد ماٿهن پاران پاڻ تي مڙهيل بيجا بندشون دور ٿي ويون. اهل ڪتاب جو طعام اوهان لاءِ کائڻ حلال آهي، يعني انهن جو ذبح ڪيل جانور حلال آهي. بشرطيڪ اهڙي شيءِ نه هجي جيڪا اوهان وٽ حرام آهي، يا ان جو ذبح ڪرڻ وقت خون نه نڪتو هجي ۽ خون بدن ۾ رهجي گوشت جو حصو ٿي وڃي، جهڙيءَ طرح اڄ ڪلهه مشين ذريعي ذبح آهي. اهڙي طرح اوهان جو طعام به هنن لاءِ حلال آهي. اوهان لاءِ مسلمان عورتن سان نڪاح ڪرڻ ۽ اهل ڪتاب عورتن سان نڪاح ڪرڻ جائز آهي. بشرطيڪ هنن جا مقرر مهر هنن کي ڏيو. هنن عورتن کي نڪاح جي حلقي ۾ آڻڻ مراد هجي. (النساء: 24/4-25) بدڪاري ۽ زنا جو خيال نه هجي يا چوري ڇپي بدڪاري ڪئي وڃي. هي ايمان جا احڪام ۽ ڳالهيون آهن، جيڪي هر ايماندار مسلمان کي بجا آڻڻ لازم آهن، پر جيڪڏهن ڪو ايمان جي دولت جو انڪاري آهي ته ان جو هر عمل ناڪاره ٿي ويندو ۽ آخرت ۾ هن جي لاءِ وڏو خسارو ۽ تباهي آهي. ياد رهي ته مسلمان عورت جو اهل ڪتاب مرد سان نڪاح ناجائز آهي. اهل ڪتاب جي اهڙي عورت سان شادي نه ڪجي، جيڪا شرڪ يا الله کي مڃيندڙ ئي نه هجي. حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنه جي زماني ۾ اهل ڪتاب سان نڪاح روڪيو ويو هو، پر صحابه اڪرام رضي الله تعالىٰ عنهم جي اصرار تي اجازت ڏني وئي.

بعد ۾ سال 1971ع الجزائر ۾ پوري دنيا مان آيل علماء حضرات جي هڪ ڪانفرنس ۾ مسلمان جي ديني نمائندن قرارداد پاس ڪئي ته اهل ڪتاب يهودي يا نصراني عورت سان شادي ناجائز ۽ حرام آهي ڇو ته هن وقت جا يهودي ۽ عيسائي توحيد جا قائل نه آهن، پر مشرڪ آهن. ان ڪري شادي نٿي ڪري سگهجي. باقي يهودي يا عيسائي عورت مسلمان ٿي وڃي ته بلڪل جائز آهي. خبر ناهي ته اسان جا لکيا پڙهيا باشعور مسلمان يورپ، آمريڪا يا آسٽريليا وغيره وڃي اچي ڇمڙيءَ تي ڇو هر ڪجي پون ٿا ۽ مشرڪ اهل ڪتاب سان به نڪاح ڪرڻ کان نٿا گهٻرائين. خدا کين هدايت جي توفيق ڏئي. وڌيڪ ڏسو: البقره: 221/2)

الله تعالىٰ طرفان ايمان واري لاءِ هي اهي پابنديون آهن، جن جي پيروي ڪرڻ لازم آهي. ڪجهه ڪرڻ ۽ ڪجهه نه ڪرڻ خدا کي پسند ناهي. (البقره: 85/2) "اُدۡخُلُوۡا فِى السِّلۡمِ

"كَآفَّةً" اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿيو، "آدها تيتر آدها بٽير" نہ هلندو. هنن حڪمن کي
دل سان قبولڻ لاءِ اسلامي تربيت جي ضرورت آهي، جنهن ۾ نماز سڀ کان اول آهي.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ اِلَى
الْمَرَافِقِ وَامْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ؕ وَاِنْ كُنْتُمْ جُنُبًا
فَاطَّهَّرُوْا ؕ وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ
اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا
بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ مِّنْهُ ؕ مَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيَجْعَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ حَرَجٍ وَّلٰكِنْ
يُّرِيْدُ لِيُطَهِّرَكُمْ وَلِيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝٦ وَاذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ
عَلَيْكُمْ وَمِيْثَاقَهُ الَّذِيْ وَاثَقَكُمْ بِهٖٓ ۙ اِذْ قُلْتُمْ سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ز وَاتَّقُوا
اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٧

(حلال شين جي استعمال ۽ حرام شين کان اجتناب جي هدايتي حڪمن بعد الله جل شانه
جي حضور ۾ بندگي لاءِ اچڻ وقت پاڪيزگي سان پيش ٿيڻ خاطر ارشاد رباني آهي تہ)
مؤمنو! جڏهن نماز لاءِ تيار ٿيو تہ پاڪيزگي لاءِ پنهنجن چهرن کي پنهنجن هٿن
کي ٺونين سوڌو ڌئو. پنهنجن مٿن تي مسح (مک) ڪريو ۽ پنهنجا پير ٽڪين
سميت ڌوئو. پر جيڪڏهن توهان جنابت (تڙ ڪرڻ) وارا آهيو تہ غسل ڪري
پوري طرح پاڪ ٿي وڃو ۽ جيڪڏهن توهان بيمار آهيو يا سفر ۾ آهيو يا توهان
مان ڪو رفع حاجت (پائخانو) ڪري آيو آهي يا توهان عورتن سان صحبت
(مجامعت) ڪئي آهي ۽ پاڻي ميسر نہ آهي تہ پوءِ پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو
(جنهن جي صورت اها آهي تہ ) ان سان پنهنجي منهن ۽ (پورن) هٿن تي مسح
(مک) ڪريو. الله اوهان تي ڪنهن بہ قسم جي سختي ڪرڻ نٿو گهري. پر هو

اوهان جي پاڪيزگي پسند ڪري ٿو ۽ اوهان تي پنهنجن نعمتن جو اتمام ڪرڻ گهري ٿو ته جيئن توهان هنن آسانين جو فائدو وٺي پنهنجي پروردگار سان اقامت صلوات ذريعي رابطي ۾ رهي هن جي احسانن جي قدر شناسي ۽ شڪرگذاري ڪريو. (6) پاڻ تي الله طرفان ٿيل هن نعمت کي ياد رکو ۽ ان سان ڪيل اهو پڪو پختو عهد (عبديت ۽ اطاعت جو) به ياد رکو جيڪو اوهان سان ٿيل آهي. جڏهن اوهان چيو هو ته (يا الله) اسان چڱي طرح ٻڌو ۽ اسان فرمانبردار (اطاعت گذار) آهيون. الله کان سندس حڪمن جي نافرماني واري عذاب کان پاڻ کي بچائيندا رهو. الله کان ڪجهه ڳجهو ناهي. هو اوهان جا سينن وارا پوشيده راز به ڄاڻي ٿو.(7)

هن کان اڳ اوهان کي حلال شين کائڻ لاءِ تاڪيدي حڪم ڏنا ويا هئا. حلال کاڌو اندر جي پاڪيزگي ۽ طهارت جو باعث آهي، جڏهن ته حرام کاڌو خباثت ۽ پليتيءَ جو ڪارڻ آهي. مؤمن کي کاڌ خوراڪ ۾ صرف پاڪيزه رهي، الله جي بارگاهه ۾ سجدهِ نياز لاءِ حاضر ٿيڻ گهرجي. مؤمنؤ! جڏهن اوهان نماز قائم ڪرڻ لاءِ اُٿو ته نماز کان اڳ وضو ڪريو يعني پنهنجو منهن ۽ هٿ نونين تائين ڌوئيندا ڪريو ۽ پنهنجي مٿي تي پاڻي وارا هٿ گهمائي مسح يا مک ڪريو. مٿي تي ٽوپي يا پڳڙي آهي ته ان تي به مسح جائز آهي. (سنن ابوداؤد- احسن البيان) ۽ پنهنجا ٻئي پير ٽڪين (پيڏين، مُرن) تائين ڌوئو. معلوم هئڻ گهرجي ته "اَرْجُلَكُمْ" ۾ لام کي زير ڏئي به پڙهندا آهن، يعني "اَرْجُلِكُمْ" جنهن ڪري هو پيرن تي مسح (مک) ڪن ٿا، اهل تشيع حضرات جو اهو مسلڪ آهي. پر لام تي زبر ڏيڻ سان ڌوئڻ جو حڪم آهي، جيڪو اهل سنت حضرات ڪن ٿا. هن ۾ زير ۽ زبر جو فرق چو آهي، اهو عالم ئي سمجهن ٿا، "فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ" تي عطف ڪبو ته "اَرْجُلَكُمْ" ۾ لام کي زبر ايندي، جنهن ڪري پير ڌوئڻا پوندا، پر جيڪڏهن "وَامْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ" تي عطف ڪبو ته اَرْجُلِكُمْ" ۾ لام کي زير ايندي، جنهن ڪري مک ڪرڻو پوندو. پر جيڪڏهن تڙ

واري وڏي ناپاڪي آهي تہ پوءِ وھنجي پاڪ صاف ٿيو، پر جيڪڏھن اوھان بيمار آھيو ۽ وھنجڻ اوھان لاءِ نقصانڪار آھي يا سفر ۾ آھيو ۽ پاڻي جو ملڻ محال آھي يا اوھان مان ڪو پاخاني مان ٿي آيو آھي، يا عورت کي ڇھي چڪا آھيو يعني مجامعت ڪئي آھي ۽ اوھان کي پاڻي نٿو ملي تہ پوءِ وضو توڙي غسل جي بدران پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪيو، جنھن ۾ پاڪ مٽي تي ٻئي ھٿ ھڻي پنھنجي منھن ۽ ٻانھن کي ڪارائين تائين گھمايو. نونين تائين ضروري ناھي. (النساء: 43/4) (تفسير احسن البيان) الله اوھان کي ڪنھن تڪليف يا تنگي ۾ وجھڻ نٿو گھري ڇو تہ ”اَلدِّيْنُ يُسْرٌ“ دين آسان آھي. پر ھو اوھان کي پاڪ صاف رکڻ گھري ٿو ان ڪري غسل ۽ وضو جو بدل ڏئي اوھان کي پاڪ صاف رکيو اٿس. ”اِنَّ اللّٰهَ طَيِّبٌ لَا يَقْبَلُ اِلَّا طَيِّبًا“ الله پاڪ آھي ۽ پاڪائيءَ کي پسند ڪري ٿو. ”اَلطَّهَارَةُ نِصْفُ الْاِيْمَانِ“ پاڪيزگي اڌ ايمان آھي. ”وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ“ (التوبه: 108/9) الله تعالىٰ پاڪ صاف رھندڙن کي پسند ڪندو آھي. ھو اوھان کي ھڪ سلجھيل جماعت بنائڻ لاءِ پنھنجي طرفان اھڙين آسانين ذريعي اوھان کي پنھنجي نعمتن سان نوازي ٿو ۽ پوريون ڪري ٿو، تہ جيئن اوھان الله جي انھن نعمتن جي قدر شناسي ڪري سندس شڪرگذار ٿيو.

معلوم ھئڻ گھرجي تہ وضوءَ ۾ چار فرض آھن: (1) پورو منھن ڌوئڻ، (2) ٻئي ھٿ نونين تائين ڌوئڻ، (3) مٿي جو مسح (مڪ) ڪرڻ ۽ (4) پير پيڏين تائين ڌوئڻ. وضوءَ ۾ ھٿن، ٻانھن، منھن ۽ پيرن مان ڌوئڻ ڪان ڪوبہ ذرو رھجي نہ وڃي ۽ غسل ۾ پورو بدن ڌوئجي ۽ ڪجھ بہ نہ رھجي وڃي، جنھن ۾ بدن جا ڍڪيل حصا بہ ڌوپجي وڃن. غسل ۾ ٽي فرض آھن: (1) ڳراڙا ڪرڻ، (2) نڪ کي پاڻي سان صاف ڪرڻ، (3) سڄي بدن کي پاڻي سان ڌوئڻ يا وھنجڻ. تيمم ۾ ٽي فرض آھن: (1) نيت ڪرڻ تہ تيمم ڇا لاءِ ڪري ٿو، (2) منھن ۽ ٻانھن تي نونين تائين صاف مٽي تي ھٿ ھڻي مڪ ڪرڻ. وڌيڪ تفصيل فقہ جي ڪتابن ۾ موجود آھي. ابوحيہ جو قول آھي تہ مون حضرت علي ڪرّم الله وجھہ جن کي وضو ڪندي ڏٺو. ھن پھريان پنھنجا ٻئي ھٿ صاف ڪيا، پوءِ ٽي دفعا ڳرڙيون ڪيون، پوءِ ٽي دفعا نڪ کي پاڻي ڏنو، پوءِ ٽي دفعا چھرو مبارڪ ڌوتو، پوءِ ٻانھن کي ٽي دفعا ڌوتو. پوءِ مٿي جو مسح (مڪ) ڪيو، پوءِ پيرن کي ٽڙين (مُرن) تائين ڌوتو ۽ پوءِ چيائون:

”اَحۡبَبۡتُ اَنۡ اُرِیۡکُمۡ کَیۡفَ کَانَ طُهُوۡرُ رَسُوۡلِ اللّٰهُ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَسَلَّمَ“ (ترمذي، ابن ماجه) مون گهريو تہ اوهان کي ٻڌايان تہ نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ جي وضو ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو هيو. (ضياءُ القرآن) حضرت موسىٰ ڪاظم رضي الله تعالىٰ عنه پنهنجي عقيدتمند کي چيو: ”وَالَّذِیۡ اٰمُرُكَ بِهٖ فِیۡ ذَالِكَ اَنۡ تَتَمَضۡمَضَ ثَلَاثًا وَ تَسۡتَنۡشِقَ ثَلَاثًا وَ تَغۡسِلَ وَجۡهَكَ ثَلَاثًا وَ تُخَلِّلَ شِعۡرَ لِحۡیَتِكَ وَ تَغۡسِلَ یَدَیۡكَ اِلَی الۡمِرۡفَقَیۡنِ وَتَمۡسَحَ رَاسَكَ کُلَّهٗ وَتَمۡسَحَ ظَاهِرَ اُذُنَیۡكَ وَبَاطِنَهَا وَتَغۡسِلَ رِجۡلَیۡكَ اِلَی الۡکَعۡبَیۡنِ ثَلَاثًا وَلَا تُخَالِفَ اِلٰی غَیۡرِهٖ“ (ڪشف الغمه بحواله ضياءُ القرآن) وضوءَ جي باري ۾ اهو حڪم ڏيان ٿو تہ ٽي دفعا ڪرڙيون، ٽي دفعا نڪ ۾ پاڻي وجهہ، ٽي دفعا چهرو ڌوءُ، ڏاڙهيءَ جو خلال ڪر، ٻئي ٻانهون ٺونٺين سميت ڌوءُ، پوري مٿي جو مک ڪر، ڪنن جي ٻاهرئين ۽ اندرئين حصي جو مک ڪر، ٽي دفعا پيڏين تائين پير ڌوءُ. هن حڪم جي خلاف ورزي نہ ڪر. هر نماز لاءِ نئون وضو ڪري سگهجي ٿو ۽ هڪ وضوءَ سان گهڻيون نمازون بہ پڙهي سگهجن ٿيون.

الله جي طرفان عطا ٿيل نعمتن کي ياد رکو. ناشڪرا ۽ احسان فراموش نہ ٿيو. اوهان کان اهڙو مضبوط طريقي سان وعدو ورتو ويو آهي، جنهن کي ياد رکو. (التوبه: 111/9) جڏهن اوهان ايمان جي دعوت قبول ڪرڻ وقت اقرار ڪيو هو تہ يا الله اسان تنهنجو حڪم ٻڌو ۽ ان کي قبول ڪيو آهي. توهان اهو عهد دل جي سچاين سان ڪيو هو. هن سورت جي شروعات ۾ بہ ”یٰۤاَیُّهَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَوۡفُوۡا بِالۡعُقُوۡدِ“ چئي ان جي ياد ڏهاني ڪرائي آهي تہ الله جي حڪمن جي اطاعت جو عهد پورو ڪريو. هت مسلمانن کي وري الله تعالىٰ سان ڪيل ايمان واري جو وعدو ياد ڏياريو آهي تہ هاڻي دين ڪامل اچي چڪو آهي، الله تعالىٰ پنهنجي نعمت پوري ڪري ڇڏي آهي. هاڻي توهان جو فرض آهي تہ ان نعمت جا پورا پورا شڪرگذار ٻانها ٿيو ۽ ذڪرِ خداوندي کان غافل نہ رهو. اطاعت ۽ تابعداريءَ ۾ اخلاص، استقامت ۽ استمرار جاري رکو. وعدي خلافي جي سخت سزا آهي. ”لَا دِیۡنَ لِمَنۡ لَّا عَهۡدَ لَهٗ“ جو عهد يا قرار جو خيال نہ رکي، اهو بي دين آهي، ان ڪري وعده خلافي ڪري ان جي ڀيانڪ نتيجن کان ڊڄو، الله اوهان جي دل جا راز بہ ڄاڻي ٿو. ”یَعۡلَمُ خَآئِنَةَ الۡاَعۡیُنِ وَمَا تُخۡفِی الصُّدُوۡرُ“ (المؤمن: 19/40) ”وَاَسِرُّوۡا قَوۡلَکُمۡ اَوِ اجۡهَرُوۡا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِیۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ۝“ (الملڪ:

13/67) الله اوهان جي اکين جي خيانت ۽ سيني جي سانديل رازن کان پوري پوري ڄاڻ رکي ٿو. ان ڪري پنهنجي اعمال جي برن نتيجن جي لازمي طور ظهور پذير ٿيڻ کان پاڻ بچايو. "وَاِنۡ تُبۡدُوۡا مَا فِيۡٓ اَنۡفُسِكُمۡ اَوۡ تُخۡفُوۡهُ يُحَاسِبۡكُمۡ بِهِ اللّٰهُ" (البقره: 284/2) اوهان ظاهر ڪريو، يا لڪايو، الله ان جو حساب وٺندو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُوۡنُوۡا قَوّٰمِيۡنَ لِلّٰهِ شُهَدَآءَ بِالۡقِسۡطِ ۫ وَلَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ
شَنَاٰنُ قَوۡمٍ عَلٰٓى اَلَّا تَعۡدِلُوۡا ؕ اِعۡدِلُوۡا ۚ هُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰى ۫ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۸﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ
لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّاَجۡرٌ عَظِيۡمٌ ﴿۹﴾ وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَكَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَاۤ اُولٰٓئِكَ
اَصۡحٰبُ الۡجَحِيۡمِ ﴿۱۰﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ اِذۡ هَمَّ
قَوۡمٌ اَنۡ يَّبۡسُطُوۡۤا اِلَيۡكُمۡ اَيۡدِيَهُمۡ فَكَفَّ اَيۡدِيَهُمۡ عَنۡكُمۡ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ
وَعَلَى اللّٰهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۱﴾ ع ٢ ٦

اي ايمان وارؤ! (خدا سان ڪيل اطاعت ۽ بندگي واري پڪي پختي وعدي جو تقاضا آهي ته) خدا جي ڏنل نظام جي قيام لاءِ عدل ۽ انصاف جا مضبوط حمايتي، محافظ ۽ نگران رهو. ايتري قدر جو دشمن جي دشمني به توهان کي ان تي آماده نه ڪري ته عدل نه ڪريو. هميشه عدل قائم ڪريو. الله جي قربت حاصل ڪرڻ جو اهو قريب ترين رستو آهي. ان ڪري ان کان دوري واري خطرناڪ مڪافات عمل کان بچو. الله اوهان جي هر عمل کان پوريءَ طرح آگاهه آهي. (8) اهي مؤمن جيڪي عمل صالح ڪن ٿا الله انهن سان وعدو ڪيو آهي ته هنن لاءِ مغفرت ۽ اجر عظيم آهي. (9) پر جن ماڻهن ڪفر اختيار ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو قرار ڏنو، اهي ماڻهو ئي دوزخي آهن.(10) مؤمنو!

اوهان تي الله پاران ٿيل ان نعمت کي بہ ياد ڪريو، جڏهن هڪ قوم اوهان سان دست درازي جو ارادو ڪيو تہ الله هنن جي هٿن کي اوهان طرف وڌڻ کان روڪي ڇڏيو. هميشہ الله جي حڪمن جي بجا آوري ڪندا رهو ۽ (نتيجن لاءِ) مؤمنن کي الله تي توڪل ڪرڻ گهرجي. (11)

هن ڪان اڳ مؤمنن کي خدا جي نعمتن جي ياددهاني ۽ الله سان ڪيل وعدي جي مضبوطيءَ سان وفائيءَ جو حڪم هيو، هاڻي ڪين چيو وڃي ٿو تہ الله جي حڪمن جي ادائگي ۽ وعدي وفائيءَ لاءِ نهايت مضبوطيءَ سان قائم رهو. مسلمانؤ! دين جي ڪامل هجڻ ۽ الله جي نعمتن جي پوري ٿيڻ سان هاڻي اوهان ڪان تقاضا آهي تہ اوهان سيرت ۽ ڪردار ۾ پوري طرح صداقت جا پيڪر ٿي وڃو. اوهان ”قَوّٰمُوْنَ بِالْقِسْطِ “ ۽ ”شُهَدَآءَ لِلّٰهِ“ جي تصوير ٿيو. يعني الله جي دين لاءِ مضبوطي سان قائم رهو ۽ حق ۽ سچ ۽ انصاف لاءِ شهادت ڏيڻ وارا هجو تہ جيئن الله جو نظام دنيا ۾ پوري آب و تاب سان نمايان طور تي قائم ٿي سگهي. سورة النساء جي آيت 135 ۾ آيو آهي: ”قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ“. هنن ٻن آيتن ۾ قسط يعني عدل ۽ انصاف کي الله جي جڳهہ تي استعمال ڪري اسلام ۾ عدل ۽ انصاف جي اهميت ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي. (المائده: 2/5) يعني الله جي دين ۽ عدل لاءِ مضبوط ۽ اٽل ارادي ۽ پنهنجي سچي شهادت تي هر حالت ۾ قائم رهو تہ جيئن دشمن جي دشمني يا ذاتي مفادن ۽ ماءُ پيءِ يا رشتيدارن جي طرفداري اوهان کي حق ۽ سچ جي شاهدي ڏيڻ ڪان روڪي نہ سگهي ۽ اوهان انصاف نہ ڪريو. ياد رکو هر حالت ۾ انصاف ڪريو. دين جي نظام جي قيام لاءِ عدل ۽ انصاف لاءِ سچي شهادت ضروري آهي. هر واقعي جو اصل گواهہ الله عزوجل شانہ آهي. گواهي ڏيندڙ ماڻهو گويا خدا جو نمائندو ٿي گواهي ڏئي ٿو. جيڪڏهن گواهيءَ ۾ دٻ، لالچ يا ڪنهن جي غلط مدد ڪرڻ جو دخل ٿيو تہ گويا الله ذوالجلال جي نمائندگي ۽ ڏنل امانت ۾ خيانت هوندي، ان ڪري اسلام شهادت لاءِ نهايت سخت تاڪيد ڪيو آهي، ڇوتہ عدل جو نظام شهادت ۽ ملڪ جو نظام عدل سان قائم رهي ٿو. اها ئي تقويٰ ۽ خوف خدا جي قريب ترين آهي. ان ڪري ان جي

انحرافي ڪري الله جي نافرماني ڪرڻ وارن نتيجن جي گرفت کان پاڻ کي بچايو. اوهان جڳ کان لڪي يا ظاهر جو ڪجهه بہ ڪيو تا الله ان جي پوري طرح خبر رکي ٿو. (المائده: 42-2/5، النساء: 126/4، الانعام: 136/6) جن ماڻهن الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول ﷺ تي ايمان آندو ۽ الله جي ٻڌايل طريقي تي هلي نيڪ ڪمن جو ذخيرو ڪيو تہ انهن لاءِ سندن غلطين ۽ گناهن لاءِ بخشش ۽ مغفرت سان گڏ وڏيڪ وڏو اجر ۽ انعام آهي، پر جن ماڻهن الله تي ايمان آڻڻ ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي ۽ الله جي آيتن ۽ حڪمن کي ڪوڙو قرار ڏنو تہ اهي ماڻهو جهنمي آهن ۽ انهن لاءِ ڀلائي جي ڪا بہ اميد ناهي.

مؤمنؤ! الله جو اوهان تي هي احسان ياد ڪريو تہ جڏهن دشمنن جي هڪ ٽولي پورو پورو ارادو ڪيو هو تہ هو اوهان ڏانهن جنگ ۽ هلاڪت جا هٿ وڌائين تہ اهڙي مشڪل وقت ۾ الله پنهنجي فضل و ڪرم سان هنن جا ظالمانہ هٿ اوهان ڏانهن وڌڻ کان روڪي ڇڏيا. جنهن ڪري اوهان هر تڪليف ۽ مصيبت کان بچي ويا. هن واقعي ۾ مختلف قول آهن: (1) نبي اڪرم ﷺ بنونضير قبيلي کان حسب معاهده تعاون وٺڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ هڪ پٽ کي ٽيڪ ڏئي وينا تہ يهودين مٿن پٽ ڪيرائڻ جو منصوبو ڪيو، پر الله تعالىٰ وحيءَ ذريعي ڪين آگاهہ ڪيو ۽ پاڻ سڳورا اتان هٽي ويا. (2) جڏهن حضور ﷺ پنهنجن اصحابين سان گڏ موجود هيا، تہ ڪعب بن اشرف سازش سان ڪين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر الله تعالىٰ ڪين بچائي ورتو. (3) پاڻ ڪريمن ﷺ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ آرام فرما هيا ۽ سندن تلوار وڻ ۾ ٽنگيل هئي تہ هڪ اعرابي تلوار ڪڍي، ڪين چيو تہ توکي مون کان ڪير بچائيندو. پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو تہ الله جل شانہ. اهي لفظ ٻڌڻ سان اعرابيءَ جي هٿن مان تلوار ڪري پئي. (صحيح بخاري) "وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ" جيڪو الله تي توڪل ڪري ٿو، الله ان جي مدد ۽ حفاظت لاءِ ڪافي آهي. "اَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ" ڇا الله پنهنجن ٻانهن لاءِ ڪافي نہ آهي. ان ڪري الله جي قانون جي حفاظت ڪريو ۽ ان جي خلاف ورزي وارن نتيجن کان پاڻ کي محفوظ رکو ۽ پنهنجي الله تي پورو ڀروسو رکو.

وَلَقَدۡ اَخَذَ اللّٰهُ مِيۡثَاقَ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ‌ۚ وَبَعَثۡنَا مِنۡهُمُ اثۡنَىۡ عَشَرَ نَقِيۡبًا‌ ؕ
وَقَالَ اللّٰهُ اِنِّىۡ مَعَكُمۡ‌ ؕ لَـئِنۡ اَقَمۡتُمُ الصَّلٰوةَ وَاٰتَيۡتُمُ الزَّكٰوةَ وَاٰمَنۡتُمۡ
بِرُسُلِىۡ وَعَزَّرۡتُمُوۡهُمۡ وَاَقۡرَضۡتُمُ اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا لَّاُكَفِّرَنَّ عَنۡكُمۡ سَيِّاٰتِكُمۡ
وَلَاُدۡخِلَـنَّكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ‌ ۚ فَمَنۡ كَفَرَ بَعۡدَ ذٰ لِكَ
مِنۡكُمۡ فَقَدۡ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيۡلِ ۝١٢

الله (جل شانه) اهڙيءَ طرح بني اسرائيل کان بہ عهد ورتو هيو ۽ (ان جي نگراني لاءِ) اسان انهن مان ٻارنهن سردار انهن تي مقرر ڪيا ۽ الله هنن سان وعدو ڪيو هو تہ منهنجو (منهنجي خاص مدد ۽ نصرت ۾) اوهان سان ساٿ رهندو جيڪڏهن توهان اقامت صلوٰة جو اهتمام ڪيو ۽ زڪوات جي ادائگي ڪندا رهيا ۽ منهنجي رسولن سڀني تي هميشہ ايمان آڻيندا رهيا ۽ (انهن جي تبليغ ۽ تعليم جي ترويج ۾ ۽ مخالفن جي مخالفت وقت) سندن مدد ڪندا رهندا ۽ الله جي دين جي حمايت ۽ نصرت ۾ پنهنجو مال خرچ ڪري الله کي قرض حسنہ ڏيندا رهيا تہ مان توهان جي غلطين ۽ گناهن کي ضرور مٽائي ڇڏيندس ۽ توهان کي يقينًا اهڙن باغن ۾ داخل ڪندس جن کي شاداب رکڻ لاءِ دامن ۾ نهرون وهندڙ هونديون، پوءِ هن يقين دهاني بعد بہ ڪنهن ڪفر اختيار ڪيو (۽ الله جا عهد ٽوڙيا) تہ يقينًا اهو شخص سڌي رستي کان ڀٽڪي ويو.(12)

هاڻي بيان جو رخ اهل ڪتاب ڏانهن ٿي رهيو آهي. جنهن جي ذريعي مسلمانن کي ٻڌايو ويو آهي تہ الله جو هي نظام ڪو نئون نہ آهي، پر انهيءَ نظام جو سلسلو اڳ کان جاري آهي. مسلمانو! جهڙي طرح الله تعالىٰ اوهان کان ايمان ۽ نيڪ عمل جو عهد ورتو آهي ۽ اوهان جي هدايت لاءِ قرآن ڪريم جو نزول ۽ حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ کي مبعوث

ڪرڻ فرمايو آهي، بلڪل اهڙي طرح بني اسرائيل کان بہ عهد و اقرار ورتو ويو هو. پر انهن حڪمن ۾ رسولن ڪرام جي اطاعت بدران شقاوت ۾ برائي جي راهہ اختيار ڪئي. ذلت ۽ خواري جا حقدار ٿيا. اوهان مسلمانن کي هن مان عبرت ۽ نصيحت وٺڻ گهرجي. هي واقعو بہ ياد ڪيو تہ الله تعالیٰ بني اسرائيل کان بہ پنهنجي اطاعت جو عهد ورتو هو ۽ هنن جا ٻارنهن (نقيب) نگران يا سردار مقرر ڪيا هئا. ان وقت ڪين الله تعالیٰ چيو هو تہ مان (الله) اوهان سان گڏ آهيان، يعني منهنجي مدد اوهان سان شامل حال آهي. جيڪڏهن اوهان نماز قائم ڪئي، زڪوات ادا ڪندا رهيا ۽ پنهنجي طرف موڪليل سمورن رسولن تي ايمان آندو. (البقره: 110/2، آل عمران: 84/3، النساء: 171/4، المائده: 15/5) انهن جي هدايت قبول ڪئي ۽ انهن جي نيڪي جي ڪمن ۾ مدد ڪندا رهيا ۽ الله جا سهڻا قرض يعني قرضِ حسنه ڏيندا رهيا ۽ پنهنجو مال نيڪيءَ جي ڪمن ۾ خرچ ڪندا رهيا تہ پوءِ يقيناً مان الله عزوجل اوهان جون ڪوتاهيون ڪمزوريون ۽ برايون معاف ڪري ڇڏيندس ۽ اوهان کي راحت ۽ سڪون وارن باغن ۾ داخل ڪندس جن کي سيراب ۽ شاداب رکڻ لاءِ پرسان دامن ۾ نهرون وهي رهيون هونديون. هنن تمام نعمتن جي باوجود بہ جيڪڏهن ڪو ڪافر انڪاري ٿئي تو ۽ اسان جي هنن حڪمن کي ڪوڙو قرار ڏئي سرڪشي اختيار ڪئي تہ پوءِ اهو سڌي راهہ کان ڀٽڪي گمراهہ ٿي ويو. ”سَوَآءَ السَّبِيْلِ“ سڌو رستو يا صراط مستقم، يعني اهڙو معتدل رستو جنهن ۾ نہ ور وڪڙ آهي ۽ نہ اونچ نيچ آهي. ”لَا تَرٰی فِيْهَا عِوَجًا وَّلَآ اَمْتًا“ (طٰهٰ: 107/20) اهڙي متوازن زندگي جيڪا هر حال ۾ انصاف تي مبني هجي جنهن کي ذاتي رجحانات ۽ مفادات اقربا احباب جي طرفداري، دولت يا مرتبي جي خواهش ڪنهن جي خوف يا لالچ حق سچ ۽ انصاف جي راهہ کان روڪي نہ سگهن ۽ هو سڌي راهہ تي جيئڻ ۽ مرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏي اها ”سَوَآءَ السَّبِيْلِ“ آهي.

فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ لَعَنّٰهُمْ وَجَعَلْنَا قُلُوْبَهُمْ قٰسِيَةً ۚ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ
عَنْ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۚ وَلَا تَزَالُ تَطَّلِعُ عَلٰى خَآئِنَةٍ
مِّنْهُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاصْفَحْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣﴾

وَمِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰٓى اَخَذْنَا مِيْثَاقَهُمْ فَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا
بِهٖ ۠ فَاَغْرَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ؕ وَسَوْفَ يُنَبِّئُهُمُ
اللّٰهُ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿۱۴﴾

(جيستائين بني اسرائيل قوانينِ خداوندي جي پابندي ڪئي ته ڪين اقوام عالم ۾ نهايت امتيازي مقام مليو) پر پوءِ هنن جي پنهنجي وعده خلافيءَ (يعني اطاعت جي انڪار) ڪري اسان هنن کي ڦٽڪار (لعنت) تيل قوم قرار ڏنو. هنن جون دليون پٿر بنجي ويون. (هنن خدا پاران وحيءَ (ذريعي مليل ضابطن قانونن جي جيڪي سندن مفادن جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل هئا) ۾ هير ڦير ڪري ڇڏي ۽ ان رهنمائي جو وڏو حصو وساري وينا، جن جي هنن کي نصيحت ڪيل هئي. تون هنن جي خيانت مان آگاهي ڏنو ويندين، سواءِ انهن ٿورڙن جي جيڪي ائين تحريف نٿا ڪن. هنن سان الجهڻ بدران پنهنجو دامن بچائي رکو. درگذر ڪريو. بيشڪ احسان وارو رويو رکندڙن کي الله پسند ڪري ٿو. (13) (اهو يهودين جو حال هو) باقي جيڪي پاڻ کي نصاریٰ چون ٿا ته انهن کان به اسان انهيءَ قسم جو عهد ورتو هو، پر اهي به ان مان فائدو وٺڻ بدران ان جي وڏي حصي کي وساري وينا، جنهن جي ڪري هنن ۾ عداوت ۽ بغاوت (جي باهه) پڙڪي پئي، جيڪا قيامت تائين رهندي. عنقريب هنن کي معلوم ٿي ويندو ته هو جيڪي ڪجهه ڪري رهيا هئا ان جي حقيقت ڇا آهي. (14)

هن آيت ۾ مسلمانن کي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته جهڙيءَ طرح الله عزوجل توهان کان ايمان ۽ عمل جو عهد ورتو آهي، اهڙيءَ طرح بني اسرائيل کان به عهد ورتو ويو هو، پر هنن اطاعت جي بدلي شقاوت ۽ نافرماني ڪئي. ائين نه ٿئي جو توهان به ايمان ۽ عمل جي عهد کان ڦري وڃو. تاريخ گواهه آهي ته بني اسرائيل جي بدعهدي، بدعملي ۽

سرڪشيءَ جي ڪري هنن تي ٻن نمونن جا عذاب نازل ٿيا: هڪ تہ جابر ۽ سرڪش بادشاهن هٿان سندن اقتدار کسجي ويو، قتل، قيد ۽ غلاميءَ جي سزا ڀوڳڻي پئي. ٻيو هنن جو روحاني ۽ معنوي عذاب هيو، جنهن ۾ سندن دل و دماغ حق سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي ويا هيا ۽ گناهن تي گناهہ ڪرڻ جا مرتڪب ٿي رهيا هيا. (بني اسرائيل: 17/ 4 کان 8) هاڻي سندن انهيءَ عهدشڪني، ذهني ۽ قلبي گمراهيءَ بابت اڃي ٿو تہ پوءِ هنن ماڻهن جي فرمانبرداري ۽ اطاعت واري عهد کي ٽوڙڻ ۽ ان جي ابتڙ ڪم ڪرڻ سان اسان مٿن لعنت ڪئي ۽ سندن خوشگوار زندگيءَ جنهن ۾ هنن کي ٻين قومن تي فضيلت هئي (البقره: 47/2) انهي کان محروم ٿي ويا ۽ انهن جون دليون حق ۽ سچ قبول ڪرڻ کان پٿر ٿي ويون. (البقره: 74/2، الحديد: 16/57) جو تہ جيڪو ماڻهو بہ قانون خداوندي جي پيروي نہ ڪندو تہ اهو الله جي رحمت کان محروم ٿي ويندو. اهڙي ماڻهوءَ جا دل ۽ دماغ هدايت کان مفلوج ٿي وڃن ٿا، ان ڪري هو ذاتي مفادن خاطر الله تعالىٰ جي طرفان نازل ڪيل ڪتابن ۾ هير ڦير ڪري پنهنجو مطلب ڪڍن ٿا، حالانڪ جنهن ڳالهہ جي هنن کي نصيحت ڪئي وئي هئي، ان مان ذرو پر حاصل ڪرڻ کان ان کي وساري وينا. هاڻي اوهان هميشہ هنن جي انهيءَ خيانت کان واقف ڪار ٿيندا رهو ٿا تہ هو ڪٿي ڪٿي ۽ ڪهڙي ڪهڙي تحريف ڪن ٿا. هنن جي اڪثريت هن گندي ڪم ۾ رذل آهي. بس ڪي ٿورڙا آهن، جيڪي اهو ڪڌو ڪم ڪونہ ٿا ڪن. اوهان ڪي هن گمراهہ ٽولي کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪين درگذر ڪيو. پنهنجي رٿيل ڪم تي توجهہ ڏيو ۽ هنن طرف ڌيان نہ ڏيو اوهان جي لاءِ اها روش ئي بهتر آهي. (الحجر: 85/15، المزمل: 10/74، المدثر: 9/74) اهو ابتدائي حڪم هيو، جڏهن اجان مسلمانن جي جماعت مقابلي لائق نہ هئي، پر پوءِ جڏهن مقابلي لائق ٿي تہ ڪين چيو ويو: "قَاتِلُوا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ" (التوبه: 29/9) جيڪي ماڻهو الله جل شانه ۽ آخرت تي ايمان نٿا رکن، انهن سان جنگ ڪريو. حديث شريف آهي: "اُمِرْتُ اَنْ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّٰى يَقُوْلُوْا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ فَاِذَا قَالُوْهَا عَصَمُوْا مِنِّيْ دِمَآءَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ اِلَّا بِحَقِّهَا وَحِسَابُهُمْ عَلَى اللّٰهِ" (صحيح بخاري- صحيح مسلم) مون کي حڪم ٿيو آهي تہ جيستائين ماڻهو "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ" نٿا چون تہ مان انهن سان لڙندو رهان، پوءِ جڏهن هو ائين چون ٿا تہ هنن پنهنجي جان ۽ مال بچائي ورتا ۽ هنن

جو حساب الله جي حوالي آهي. الله تعاليٰ بہ اهڙن ماڻهن کي پنهنجو دوست بنائي ٿو جيڪي نيڪ ڪردار جا مالڪ آهن. مختصر طور سمجهو تہ بني اسرائيل عهدشڪني ڪئي، جنهن جي ڪري خدا جي لعنت جا مستحق ٿيا. لعنت ۽ ڦٽڪار جي ڪري هو سخت دل ٿي ويا، جنهن ڪري هنن جون دليون وعظ و نصيحت جي اثرپذيريءَ کان محروم ٿي ويون. بيو ڪلام الاهيءَ ۾ تحريف جا مرتڪب ٿيا. تحريف لفظي ۽ معنوي ٻئي هونديون هيون، جنهن ۾ پنهنجا خودساختہ جملا داخل ڪندا هيا، حق ۽ سچ جي انهن حڪمن کي ڇپائي ڇڏيندا هيا، جيڪي سندن ذاتي مفادن کي روڪين ٿا. هنن جي دلين مان ڪلام الاهيءَ جي رغبت ۽ محبت ختم ٿي وئي. مڪر، خيانت، عذر هنن جي ڪردار جو اهم جزو ٿي ويو. اهڙين حالتن ۾ عفو ۽ درگذر ڪرڻ سان بہ ا هي نتيجا حاصل ٿي ويندا آهن، جيڪي جنگ جي دوران حاصل نہ ٿيندا آهن.

اهو هو يهودين جو حال باقي اهل ڪتاب مان اهي ماڻهو جيڪي پاڻ کي نصاريٰ (عيسائي) سڏائين ٿا انهن کان بہ اسان ايمان، اطاعت ۽ فرمانبرداري جو اهڙو عهد ورتو، پر هنن بہ ان نصيحت مان ڪو فائدو حاصل نہ ڪيو، حق ۽ سچ وساري ويٺا. (النساء: 155/4 هڪ دين تي گڏ رهڻ بدران ٽولا ٽولا ٿي ويا، جنهن جي ڪري هنن جي دلين ۾ هڪ ٻئي خلاف دشمني ۽ ڪيني جي باهہ ڀڙڪي وئي، يعني جڏهن قانونِ خداوندي جو فائدو حاصل ڪري نہ سگهيا تہ هنن ۾ هڪ ٻئي خلاف بغض، فساد ۽ دشمني جي باهہ قيامت تائين برندي رهندي، هاڻي اهو وقت پري ناهي جو سندن برن ڪمن جي حقيقت ۽ نتيجا انهن کي ٻڌايا وڃن. هن بيان سان مسلمانن کي آگاهہ ڪيو ٿو وڃي تہ فرقہ بندي ۽ گروهہ بندي خطرناڪ شيءِ آهي، ان کان پاڻ کي بچايو.

يَاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ كَثِيْرًا مِّمَّا كُنْتُمْ تُخْفُوْنَ مِنَ
الْكِتٰبِ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ۬ قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ يَّهْدِيْ
بِهِ اللّٰهُ مَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَهٗ سُبُلَ السَّلٰمِ وَيُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ
اِلَى النُّوْرِ بِاِذْنِهٖ وَيَهْدِيْهِمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٦﴾

اي اهل ڪتاب (اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي) تہ اوهان ڏانهن خدا جو رسول (عليه الصلواة والسلام) اچي چڪو آهي. جيڪو ايترين ڪيترين ڳالهين ظاهر ڪري ٿو، جيڪي اوهان الله جي ڪتاب مان لڪائي رکيون آهن. ڪافي (غير ضروري) ڳالهين کي درگذر ڪري ٿو. بيشڪ اوهان وٽ الله طرفان هڪ نور (حضرت محمد مصطفىٰ خاتم النبيين ﷺ) ۽ هڪ روشن ڪتاب (قرآن مجيد) اچي چڪو آهي (يا نور ۽ ڪتاب مان رڳو قرآن مراد آهي). (15) الله ان جي ذريعي جيڪي سندس رضا ۽ خوشنودي طلب ڪن ٿا، سلامتيءَ جي رستن جي رهبري ڪري ٿو ۽ انهن کي (ڪفر ۽ جهالت) جي انڌيرن مان ڪڍي (ايمان ۽ هدايت) جي روشني طرف وٺي اچي ٿو ۽ کين صراط مستقيم طرف دڳ لڳائي ٿو. (16)

يهود ۽ نصاريٰ جي گمراهين ۽ شقاوتن جي بيان بعد کين هدايت جو پيغام ڏنو وڃي ٿو تہ اي اهل ڪتاب! هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ اسان جو رسول خاتم النبيين ﷺ اوهان وٽ اچي ويو آهي، جيڪو اوهان کي گمراهيءَ جي انڌيرن مان ڪڍي هدايت جي روشني تي آڻڻ وارو آهي. (ابراهيم: 14/5-4) جيڪو ڪتاب الاهي توريت ۽ انجيل جون ڪيترين ڳالهيون جيڪي اوهان ماڻهن کان لڪائيندا رهيا آهيو ۽ اهي سڀ اوهان کي کولي ٻڌائي ٿو. ڪجھ اهڙيون شيون جن جي خاص اهميت ناهي، اهي بيان ڪرڻ بدران ڇڏي ڏئي ٿو. ڇو تہ انهن جي بيان ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.

”اَلظُّلُمَاتُ“ جمع آهي يعني انڌيرا. انڌيرا ڪيترن ئي قسمن جا آهن. شرڪ ۽ ڪفر جو انڌيرو، تڪبر ۽ سرڪشيءَ جو انڌيرو، گناهہ ۽ گستاخين جو انڌيرو. نفس پرستي، بدعت ۽ بدڪاريءَ جو انڌيرو، جنهن ڏانهن ”وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ“ رات جا اهي انڌيرا، جڏهن هر طرف رات گهنگهور ٿي وڃي. يعني شر، فساد، فتني، قتل ۽ غارتگريءَ جو وڌڻ بہ ”ظلمات“ يعني انڌيرا ۽ ”وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ“ آهن. هت بہ ”ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي

الْبَرِّ وَالْبَحْرِ“ جو تصور آهي. ”اَلنُّوْرُ“ صرف هڪ آهي، ان ڪري ان کي واحد آندو ويو آهي. اوهان جي هدايت لاءِ الله تعالىٰ جي پاران هڪ نور ۽ هڪ ڪتاب بيان ۾ آيو آهي. هت نور مان مراد حضور ﷺ جي ذات مبارڪ آهي، جيئن امام المفسرين ابن جرير لکي ٿو: ”يَعْنِي بِالنُّوْرِ مُحَمَّدٌ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ اَلَّذِىْ اَنَارَ اللهُ بِهِ الْحَقَّ وَاَظْهَرَ بِهِ الْإِسْلَامَ وَ مَحَقَ بِهِ الشِّرْكَ فَهُوَ نُوْرٌ لِّمَنِ اسْتَنَارَ بِهٖ“ (ابن جرير) يعني هت نور مان مراد ذات پاڪ حضرت محمد ﷺ آهي، جنهن جي ذريعي الله تعالىٰ حق کي روشن ڪيو. اسلام کي ظاهر (غالب) ڪيو، شرڪ کي نيست نابود ڪيو. بلاشڪ حضور ﷺ سراپا نور آهن، هاڻي جنهن کي وٺي ته پنهنجي اکين کي انڌائپ کان بچائي روشني ڪري الله تعالىٰ هن نور مجسم جي روشني سان اسان جو دل و دماغ ۽ اکين کي روشن ڪري. پير محمد اڪرم شاهه اظهري تفسير ضياءُ القرآن ۾ اهوئي چيو آهي. سندس چوڻ آهي ”نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ“ ۾ واو عطفيه آهي، جنهن مان ٻه شيون مراد آهن، يعني ”نُوْرٌ مِّنَ اللهِ اَوَّلَ مَا خَلَقَ اللهُ نُوْرِىْ وَخُلِقَ كُلُّ شَىْءٍ مِّنْ نُّوْرِىْ“ ۽ ڪتاب مبين مان مراد قرآن حڪيم آهي. اهڙو تفسير ڊاڪٽر سيد حامد حسين بلگرامي ”فيوض القرآن“ ۾ ڪيو آهي: ”بيشڪ الله جي طرفان اوهان ڏانهن نور اچي چڪو آهي. يعني نبي آخر زمان ﷺ الله پنهنجي هن نور جي ذريعي پنهنجن ٻانهن کي هدايت جي راهه ڏيکاري ٿو“. امان سائڻ حضرت عائشه رضي الله عنها چيو آهي: ”كَانَ خُلُقُهُ الْقُرْآنُ“ قرآن کي به ”صراط مستقيم“ سڏيو ويو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ کي به ”صراط مستقيم“ چيو ويو آهي. پاڻ ڪريمن ﷺ جي اسوه حسنه قرآن ڪريم جو عملي تفسير يا اظهار آهي. قرآن مجيد به پنهنجي پيروڪارن کي جهل ۽ گمراهيءَ جي اونداهين مان ڪڍي، علم ۽ بصيرت جي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو ته الله جو رسول ﷺ به برحق رسول آهي. (النساء: 170/4)

ياد رهي ته ڪافي معتبر تفسيرن هت ”نور“ مان مراد ”ڪتاب مبين“ يعني قرآن حڪيم ورتو آهي. قرآن به سراپا صراطِ مستقيم آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ به صراط مستقيم آهن (يٰس: 4/36) منهنجي خيال ۾ ٻالهه ساڳي آهي، رڳو انداز بيان الڳ الڳ آهن. والله اعلم بالصواب. الله عزوجل انهي نور محمدي ﷺ ۽ ڪتاب مبين سان

ماڻهن جي دستگيري ۽ رهنمائي ڪرڻ فرمائي ٿو. ”يَهْدِيْ بِكُلِّ اَحَدٍ مِّنْهُ“ يعني انهن ٻنهي مان هر هڪ سان هدايت ۽ رهنمائي ڪري ٿو. جن جي دلين ۾ اطاعت جي سچي طلب ۽ تڙپ آهي ۽ ڪين امن ۽ سلامتي جي رستن تي هلائي ٿو. يعني غلط بيني غلط انديشي ۽ غلط ڪاريءَ جي نتيجن کان بچائي رکي ٿو ۽ انهن کي پنهنجي توفيق سان انڌيرن کان ڪڍي روشني طرف وني اچي ٿو، يعني ڪين شرڪ ڪفر تڪبر، سرڪشي نفس پرستي ۽ بدعت وغيره جهڙن انڌيرن کان ايمان، عمل صالح، تقوىٰ، پرهيزگاري، نيڪ نيتي ۽ نيڪوڪاري جهڙن عملن جي روشني سان سندن زندگيءَ کي پر نور ڪري ٿو ۽ ڪين صراط مستقيم تي گامزن ڪري ٿو. اسوه حسنہ جو نور ۽ قرآن جي روشني جهل ۽ گمراهي جي انڌيرن کان علم و بصيرت جي روشني سان روشناس ڪن ٿا. (النساء: 174/4، المائده: 10/5، التوبه: 9/ 33) حضرت علي ڪرم الله وجهه کان ارشاد گرامي نقل ٿيل آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: ”كُنْتُ نُوْرًا مِّنْ يَّدِرَبِّيْ قَبْلَ اَنْ يُّخْلَقَ آدَمُ بِاَرْبَعَةِ عَشَرَ اَلْفَ عَامٍ“ آءٌ نورهيس ۽ آدم جي پيدائش کان 14 هزار سال اڳ رب ڪريم جي بارگاهہ بي نياز ۾ نور ناز هئس. حضرت جابر رضي الله تعالىٰ عنه کان مشهور حديث روايت آهي تہ ”اَوَّلَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ نُوْرَ نَبِيِّكَ يَا جَابِرُ“. ڪجهہ چون ٿا تہ ”اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللّٰهُ الْقَلَمَ“ ۽ ڪتي عقل بہ آيو آهي. پر ياد رهي تہ قلم ۽ عقل بہ نور نبوت آهن. سندن خيال ۾ ”نُوْرٌ وَّ كِتَابٌ مُّبِيْنٌ“ ۾ ”واو“ تفسيري آهي، جنهن جي دليل ۾ چون ٿا تہ ”يَهْدِيْ بِهٖ“ ۾ ضمير واحد آهي، ان ڪري نور ۽ ڪتاب مان مراد قرآن آهي. يا اهو ”يَهْدِيْ بِكُلِّ اَحَدٍ مِّنْهُ“ يعني ٻئي حضور ﷺ ۽ ڪتاب هدايت جا ذريعا آهن. هن ۾ ”واو“ عطفيه آهي. ”الٓرٰ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ“ (ابراهيم: 1/14) هت ”تُخْرِجَ“ مان مراد پاڻ ڪريمن ﷺ جن آهن. يقينًا انڌيرن مان روشنيءَ طرف اهو ڪيندو، جيڪو نور آهي. تفصيل لاءِ ڏسو: ضياءُ القرآن ۽ روائح ريحاني شرح لوائح جامي.

لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ؕ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ اَنْ يُّهْلِكَ الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ

جَمِيْعًا ؕ وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۷﴾

بيشڪ انهن ماڻهن ڪفر ڪيو جيڪي چون ٿا ته الله، مسيح ابن مريم ئي آهي. اي رسول ﷺ! چؤ جيڪڏهن الله اهو ارادو ڪري ته مسيح ۽ ان جي والده ته ڇا پر زمين تي جو ڪجهه موجود آهي، انهن سڀني کي هلاڪ ڪري ڇڏي ته ٻيو ڪير اهڙي قدرت رکي ٿو جو ان کي روڪي سگهي. آسمان ۽ زمين تي ۽ جو ڪجهه انهن جي درميان آهي، ان سڀ تي الله جي حڪمراني آهي، جنهن کي گهري وجود ۾ آڻي ٿو ۽ هر شيءِ هن جي دست قدرت جي قبضي ۾ آهي. (17)

هن ڪان اڳ اهل ڪتاب کي اسلام قبول ڪرڻ ۽ رسالت محمديه ﷺ جي تصديق ڪرڻ ۽ توحيد اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي هئي. هاڻي نصاریٰ جي مخصوص عقيدي جو بيان آهي. يقيناً انهن ماڻهن (نصاریٰ) جو ڪفر ته بلڪل پڌرو آهي جو هو مسيح ابن مريم کي ابن الله يعني الله جو پٽ چون ٿا ۽ چون ٿا ته الله هن ۾ حلول ڪيو آهي، ان ڪري مسيح عيسیٰ (عليه السلام) الله تي پيو آهي. "قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ① اَللّٰهُ الصَّمَدُ ② لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ③" الله جي اهڙي اعلان باوجود اي پيغمبر عليه الصلواة والسلام! تون هنن ماڻهن کي چؤ ته اها ڪهڙي نه بي عقلي واري ڳالهه آهي جيڪا اوهان چئي رهيا آهيو. اوهان مخلوق کي خالق سمجهي رهيا آهيو، جيڪڏهن خدا گهري ته مسيح ابن مريم ۽ خود مريم کي هلاڪ ڪري ڇڏي يا روءِ زمين تي رهندڙ سمورن انسانن کي هلاڪ ڪري ڇڏي ته پوءِ ٻيو ڪير آهي جو ان جي مشيت آڏو ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي سگهي. ڏسو ڪو نه ٿا ته زمين آسمان ۾ ۽ جو ڪجهه انهن جي درميان آهي، ان پوري ڪائنات تي صرف الله جو اقتدار ۽ اختيار آهي، ڪا به شيءِ هن جي دست قدرت کان ٻاهر ناهي، هر شيءِ جي تخليق ان جي حڪم "ڪُنْ" سان آهي. اهڙي طرح مريم جو پٽ به الله جي مخلوق آهي، ان ڪري خدا ٿي نٿو سگهي ۽ نه وري ڪو الله جي لباس ۾ اچي سگهي ٿو. (آل عمران: 45/3، النساءِ: 171/4، المائده: 75/5، مريم: 30/19 کان 35 تائين) الله جيئن چاهي پيدا ڪري ٿو، حضرت عيسیٰ

عليه السلام جي غير معمولي پيدائش بہ الله جي اهڙي قدرت ۾ آهي، جهڙي طرح ڪائنات جون سموريون شيون الله جي قدرت ۽ اختيار ۾ آهن. عيسىٰ عليه السلام عيسائين وٽ مرڪب شخصيت ٿي ويو. جنهن گروهہ وٽ انساني جز جو تصور رهيو، انهن هن کي ابن الله جو درجو ڏنو، پر جنهن گروهہ وٽ الوهيت جو جز غالب هو، انهن هن کي الله جو جسماني جزو قرار ڏنو. اهڙي طرح بئي گروهہ (طبقا) سندس عبادت ڪرڻ لڳا. عيسائين سندن اعجازي ولادت ۽ معجزن کي ڏسي کين الله جو درجو ڏنو. ٻئي طرف وري يهودين سندس والده مريم عليها السلام کان بنا والد جي پيدائش کي نهايت غليظ لفظن سان ياد ڪيو. حالانڪ هو الله جو سچو رسول هو.

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ وَ النَّصٰرٰى نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ ط قُلْ فَلِمَ يُعَذِّبُكُمْ
بِذُنُوْبِكُمْ ط بَلْ اَنْتُمْ بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ ط يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ
مَنْ يَّشَآءُ ط وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ز وَ اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ۱۸
يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ عَلٰى فَتْرَةٍ مِّنَ الرُّسُلِ اَنْ
تَقُوْلُوْا مَا جَآءَنَا مِنْ بَشِيْرٍ وَّلَا نَذِيْرٍ ز فَقَدْ جَآءَكُمْ بَشِيْرٌ وَّ نَذِيْرٌ ط
وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۱۹ ع ٣/٨

يهود ۽ نصارىٰ جي دعوىٰ آهي تہ اسان خدا جي لاڏلي اولاد آهيون، ڪين چؤ تہ پوءِ الله اوهان کي عذاب ڇو ٿو ڏئي. پر حقيقت اها آهي تہ اوهان خدا جي خلقيل مخلوقات مان بشر آهيو، خدا جي اطاعت ڪندڙن جي ئي زندگيءَ محفوظ رهي ٿي ۽ خلاف ورزي ڪندڙ سندس قانون مڪافات عمل موجب عذاب ۾ اچن ٿا. آسمانن ۽ زمين جو ۽ جو ڪجهہ انهن جي درميان آهي، ان جو نظام الله جي بادشاهيءَ هيٺ هلي ٿو. هر شيءِ ان طرف وڃي رهي آهي، جيڪو رخ خدا ان لاءِ مقرر ڪيو آهي(18) اي اهل ڪتاب! توهان وٽ اسان جو هيءُ رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم هڪ وڏي وقفي بعد آيو آهي، (جڏهن اڳين رسولن جي دعوت اجهامي چڪي

هئي.) هي انهن حقيقتن کي واضح ڪري ٿو، (جن کي اوهان ضايع ڪري چڪا آهيو) ته جيئن توهان اهو عذر نه ڪيو ته اسان وٽ ڪو بشير ۽ نذير (خوشخبري ڏيندڙ ۽ انتباهه ڪرائيندڙ) نه آيو. پر هاڻي اهو بشير ۽ نذير (جي اچڻ جو عذر به ختم ٿي چڪو جو، هي نبي مڪرم ﷺ) اچي ويو. هي سلسلو الله جي مقرر ڪيل قانون موجب هن ڪان اڳ به جاري رهيو آهي ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي. (19)

يهود ۽ نصاريٰ جي عهدشڪني ۽ غلط عقيدن جو بيان هيو. سندن دعويٰ هئي ته هو ابن الله (الله جو اولاد)، لاڏلا ۽ محبوب آهن. ان جو جواب ڏيندي ڪانئن پڇ ته جيڪڏهن اوهان پنهنجي دعويٰ ۾ سچا آهيو ته پوءِ اوهان تي عذاب ڇو نازل ٿي رهيا آهن. اهل ڪتاب يعني يهودي ۽ نصاريٰ ٻنهي ٽولن جي دعويٰ آهي ته اسان الله جي محبوب ۽ پسنديده اولاد آهيون. (البقره: 2/111-80، آل عمران: 24/3) ان ڪري اسان کي ڪنهن به قسم جو ڊپ ڊاءُ يا خوف خطرو ناهي. اسان جو ڪجهه به ڪريون اسان لاءِ نجات ئي نجات آهي. هنن جو اهو عقيدو هيو ته ”جيڪڏهن ڪفارهِ مسيح يعني مسيح عليه السلام ڦاهي چڙهي، اسان جي گناهن جو ڪفارو ٿي ويو آهي“ تي ايمان هجي ته پوءِ سمجهو ته الله اسان جو پيءُ آهي ۽ پنهنجن پٽن تي ڪڏهن به پنهنجي آسمان جي بادشاهت جا دروازا بند نه ڪندو. (ترجمان القرآن: مولانا ابوالڪلام آزاد) قرآن مجيد هن نظرئي کي غلط قرار ڏئي چيو ته نجات ڪنهن گروهه جو نه، پر اعمال جو نتيجو آهي. اي پيغمبر ﷺ هنن کي چئو ته جيڪڏهن واقعي ائين آهي ته پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي توهان جي گناهن جي سزا ڇو ٿو ڏئي، جن سزائن جو تفصيل قرآن توڙي اوهان جي ڪتابن ۾ موجود آهي. پر اصل حقيقت اها آهي ته اوهان به الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل انسانن مان انسان آهيو، اوهان جي بخشش ۽ عذاب به خدا جي مشيت ۽ قدرت ۾ آهي، اهو جنهن کي گهري ته سندس نيڪ عملن جي ڪري بخش ڪري ڇڏي ۽ جنهن کي گهري ته سندس برن اعمالن سبب عذاب پيڙو ڪري. اهي ٻئي رستا ڪليل آهن، باقي پوري مخلوقات لاءِ قانون خداوندي مطابق زمين ۽ آسمان جو

پورو نظام ۽ جو ڪجهه ان ڪائنات ۾ آهي سڀني تي سندس اختيار ۽ قدرت سان نهايت حسن
۽ خوبي سان هلي رهيو آهي ۽ انهيءَ طرف ئي گامزن آهي. اي اهل ڪتاب اسان جو هي
رسول خاتم النبيين ﷺ اوهان طرف ان وقت آيو آهي، جڏهن رسولن جي اچڻ جو وقفو گهڻو ٿي
چڪو آهي حضرت عيسىٰ عليه السلام ۽ نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ جي درميان 600 سال ڪن جو
فاصلو آهي. انهن رسولن جي تعليم جو سلسلو به گهٽجي ويو آهي. هي اهي تمام
حقيقتون واضح ڪري رهيو آهي جيڪي اوهان وساري ويٺا آهيو ته جيئن اوهان اهو نه
چئي سگهو ته اسان ڏانهن اهڙو ڪو به پيغمبر ڪو نه آيو، جيڪو خوشخبري ڏيندڙ ۽ خراب
انجام کان آگاهه ڪندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ هجي، جنهن سان اسان کي ڪامياب زندگي گذارڻ
جو نمونو ۽ ان جون خوشگوار نعمتون ٻڌائي ۽ ناڪام زندگيءَ جي خطرناڪ انجام کان
آگاهي ڏئي. هي رسول خاتم النبيين ﷺ انهيءَ فريضي جي تڪميل لاءِ آيو آهي، ته جيئن اوهان
وٽ ڪو عذر باقي نه رهي ۽ الله جي ان قانون قدرت موجب آيو آهي، جنهن کي هر شيءِ
تي پورو اختيار ۽ قدرت آهي، (البقره: 2/21-20، النساء: 4/170-174، المائده: 5/16-15-14،
الاعراف: 7/158-157، سبا: 34/28، الفتح: 48/10-9-8، الجمعه: 62/2)

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَعَلَ
فِيْكُمْ اَنْۢبِيَآءَ وَجَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا ۖۗ وَّاٰتٰىكُمْ مَّا لَمْ يُؤْتِ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٠﴾
يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ الَّتِيْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِكُمْ
فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٢١﴾ قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖۗ وَاِنَّا لَنْ
نَّدْخُلَهَا حَتّٰى يَخْرُجُوْا مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ ﴿٢٢﴾

(پاڻ کي الله جي لاڏلي اولاد سمجهڻ جي دعوىٰ ڪندڙ کي هي واقعو به ياد
ڪرڻ لائق آهي ته) جڏهن موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم
جا افراد! خدا جي انهن نعمتن ۽ نوازشن کي ياد ڪريو، جن ۾ هن اوهان جي

قوم ۾ انبياء پيدا ڪيا ۽ اوهان ڪي اقتدار ۽ اختيار جو مالڪ بڻايو ۽ اوهان ڪي اهو ڪجهه عطا ڪيو جيڪو ڪنهن بي قوم جي نصيب ۾ نه آيو. (20) اي منهنجي قوم (ان ڪري هاڻي) ان مقدس زمين ۾ داخل ٿي وڃو جيڪا الله اوهان لاءِ لکي ڇڏي آهي. ۽ پٺئين پير نه هٽندا، ورنه اوهان نا مراد ۽ نقصان وارا ٿي ويندا. (21) انهن (موسىٰ ﷺ جي قوم) وراڻيو ته اي موسىٰ ﷺ يقينًا ان ۾ ته زبردست (ظالم ماڻهو) رهن ٿا ۽ اسان اوڏانهن هرگز نه وينداسون، جيستائين هو انهي سرزمين مان نڪري وڃن ته پوءِ ضرور داخل ٿينداسون. (22)

ذرا ان يهودين جي ڪردار تي نظر وجهو جيڪي پنهنجو پاڻ ڪي الله تعالىٰ جي اولاد ۽ ان جي محبوب مخلوق سڏائين ٿا، جڏهن سندن پيغمبر موسىٰ ﷺ انهي پنهنجي قوم ڪي چيو ته الله جا احسان ياد ڪريو، جنهن اوهان ۾ نبي ڪرام پيدا ڪيا ۽ اوهان ڪي آزادي ۽ خودمختاري عطا ڪئي. ياد رهي ته هت " وَجَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا" مان مراد "بادشاهي" ناهي، پر آزادي ۽ خودمختاري آهي. يعني هن ڪان اڳ اوهان فرعون جا غلام ۽ محڪوم هيا، پر هاڻي اوهان ڪي ان مان نجات ڏني. ۽ دنيا جي ٻين قومن تي اوهان ڪي پنهنجن نعمتن ۽ نوازشن سان اعلىٰ مرتبي ۽ مانَ سان سرفراز ڪيو، يعني عقيدهِ توحيد نبوت حريت حڪومت ۽ دنيا جي حڪمراني (بادشاهي) سان نوازي، ٻين قومن تي فضيلت ۽ برتري ڏني، انهن نعمتن ۽ نوازشن جي ياد ڏهاني ڪرائڻ بعد اوهان پنهنجي بداعمالي ۽ ناشڪري سبب انهيءَ فضيلت ۽ برتري ڪان محروم ٿي چڪا آهيو. هاڻي نبي آخر زمان خاتم النبيين ﷺ جي بعثت بعد هن امت ڪي "كُنْتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ" (آل عمران: 110/3) بهترين امت قرار ڏئي انسانن جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ موڪليو آهي، جيڪي "تَأْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ" نيڪيءَ جو حڪم ڏين ٿا ۽ برائي ڪان روڪين ٿا ۽ الله تي پورو پورو ايمان رکن ٿا. ياد رهي ته جنهن ۾ به اهي خوبيون هونديون انهن ڪي مملڪت جي حڪومت ۽ فضيلت ملندي. هاڻي ٻڌايو وجي ٿو ته اهل ڪتاب جي اها سرڪشي، بدعهدي، گستاخي ۽ پيغمبر جي نافرماني ڪا نئين ڳالهه نه آهي. هن ڪان

اڳ حضرت موسیٰ ؑ جي وقت اهل ڪتاب جو هڪ قصو بيان ڪيو ته وچي جڏهن حضرت موسیٰ ؑ ڪين چيو ته فسلطين جي سر زمين جيڪا الله اوهان جي حق ۾ لکي ڇڏي آهي. يعني جنهن جو اوهان سان واعدو ڪيو ويو آهي، همت ۽ حوصلي سان ان ۾ داخل ٿي وڃو ۽ شڪست خورده ٿي پنتي نه هٽجو. جيڪڏهن همت هاري پنتي هٽيا ته وڏي نقصان ۽ تباهي ۾ اچي ويندا، پر جيڪڏهن همت، جرئت ۽ توڪل علي الله ڪيو ته ضرور ڪامياب ٿيندا.

ياد رهي ته حضرت يعقوب ؑ جو مسڪن بيت المقدس جي سرزمين هيو، حضرت يوسف ؑ جي زماني ۾ بني اسرائيل مصر ۾ آباد ٿيا ۽ بعد ۾ فرعون جي ظلمن کان تنگ هجڻ ڪري موسیٰ ؑ ڪين مصر مان ڪڍي صحراءِ سينا جي پهاڙي ميدان ۾ وٺي آيو ۽ ان وقت بيت المقدس تي عمالقه جي حڪمراني هئي، جيڪا جنگجو قوم هئي. موسیٰ ؑ بني اسرائيل کي چيو ته بيت المقدس ۾ داخل ٿي وڃو، الله طرفان هي اوهان لاءِ موعود زمين آهي. پر بني اسرائيل انڪار ڪيو، جنهن ڪري ڪين پورا چاليهه سال صحرائي زندگي گذارڻي پئي. چاليهه سالن ۾ نئون نسل وجود ۾ آيو ۽ منجهن جرئت، غيرت ۽ همت جنم ورتو.

فطرت کے مقاصد کی کرتا ہے نگہبانی
یا بندہ صحرائی یا مرد کہستانی۔ (اقبال)

موسیٰ ؑ جي انهيءَ جرتمندانه مشوري کي ٺڏيندي هنن چيو ته اي موسیٰ ؑ اتي ته زبردست طاقت وارا ماڻهو رهن ٿا. اسان ۾ انهن جو مقابلو ڪرڻ جي طاقت نه آهي، جيستائين اهي ماڻهو انهيءَ زمين تي موجود آهن، اسان اتي وڃڻ وارا ناهيون. ها جيڪڏهن اهي ماڻهو انهي سر زمين تان هليا وڃن ٿا ته پوءِ اسان ضرور داخل ٿينداسون.

قَالَ رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ
فَاِذَا دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ غٰلِبُوْنَ ۥ ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٣﴾
قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَآ اَبَدًا مَّا دَامُوْا فِيْهَا فَاذْهَبْ اَنْتَ وَ رَبُّكَ

فَقَاتِلَآ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ ﴿۲۴﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّیْ لَآ اَمْلِكُ اِلَّا نَفْسِیْ وَاَخِیْ فَافْرُقْ
بَیْنَنَا وَبَیْنَ الْقَوْمِ الْفٰسِقِیْنَ ﴿۲۵﴾ قَالَ فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَیْهِمْ اَرْبَعِیْنَ
سَنَةً ۚ یَتِیْهُوْنَ فِی الْاَرْضِ ؕ فَلَا تَاْسَ عَلَی الْقَوْمِ الْفٰسِقِیْنَ ﴿۲۶﴾ ع ۷ ۸

(هن بزدل ڏڄندڙ اسرائيلي ٽولي ۾) ٻہ شخص اهڙا بہ هيا جن کي الله حقيقت بينيءَ جي نعمت سان نوازيو هو. هنن پنهنجي قوم کي چيو تہ بلا خوف حملو ڪري شهر جي دروازي تي انهن مٿان داخل ٿي وڃو. داخل ٿيڻ ڪانپوءِ ڏسو تہ ڪهڙيءَ طرح اوهان هنن تي غالب ٿي وڃو ٿا. جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ پوءِ الله تي توڪل ڪري ڪاهي پئو.(23) هنن وراڻيو تہ اي موسیٰ ﷺ جيستائين هو ماڻهو ان سرزمين تي موجود آهن، تيستائين اسان هرگز داخل نہ ٿينداسون. سو توهان پاڻ ۽ توهان جو رب گڏجي هنن سان لڙو اسان (في الحال) هت ويٺا آهيون. (24) موسیٰ ﷺ بارگاهہ ربي ۾ عرض گذار ٿيو تہ اي اسان جا پروردگار! مان پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي ڀاءُ (هارون ﷺ) ڪانسواءِ ڪنهن تي بہ اختيار نٿو رکان. پوءِ تون اسان جي ۽ هن نافرمان قوم جي درميان جدائي جو حڪم صادر فرماءِ. (25) رب تعالیٰ فرمايو تہ پوءِ هي سرزمين هنن (بزدل نافرمان ماڻهن) تي چاليهہ سالن تائين حرام ڪئي وئي آهي هي زمين تي حيران سرگردان چڪر ڪاٽيندا رهندا. سو اي موسیٰ ﷺ هاڻي هن قوم جي عبرتناڪ انجام تي افسوس جو اظهار نہ ڪجانءِ.(26)

موسیٰ ﷺ جي قوم جو اهڙو جواب ٻڌي ڪين ٻن ماڻهن جيڪي خدا جي حڪمن ۽ نعمتن جي انحرافي ڪرڻ جي نتيجن کان خوف کائيندا هئا ۽ ڪين الله تعالیٰ ايمان جي دولت سان نوازيو هو، چيو تہ اوهان نبيءَ جي تسلي ڏيارڻ باوجود چو ايڏا بزدل ۽ ڊرپوڪ ٿيا آهيو، همت ڪري هنن ماڻهن تي قبضو ڪرڻ لاءِ شهر جي دروازي کان داخل ٿي وڃو. جيڪڏهن اوهان همت ڪري داخل ٿي ويا تہ پوءِ اوهان ئي غالب ٿي ويندو، رڳو ايماني

قوت ڏيکاري الله تي توکل ڪري ڪاهي پئو. هنن انهن ٻن ماڻهن جو همت وارو اتساهہ ڏيندڙ مشورو بہ قبول نہ ڪيو ۽ چيائون تہ اي موسىٰ ﷺ جيستائين اهي ماڻهو اتي موجود آهن، تيستائين اسان ڪڏهن بہ ان شهر ۾ داخل ڪو نہ ٿينداسون، جيڪڏهن تنهنجو اهڙو خيال آهي تہ پوءِ تون ۽ تنهنجو الله ئي وڃو ۽ هنن سان جنگ ڪريو، اسان تہ هت ئي ويٺا رهنداسون ۽ انتظار ڪنداسون اوهان فتحياب ٿيا تہ پوءِ اچي ويندا سون. هنن جو اهڙو ڪتو جواب ٻڌي موسىٰ ﷺ لاءِ ڏک جي ڳالهہ هئي ۽ هن پنهنجي رب کي چيو تہ اي منهنجا رب! مان رڳو پاڻ ۽ پنهنجي ڀاءُ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن تي اختيار ۽ اعتبار نٿو رکان. تون هنن جو حال ڏسين ٿو. ان ڪري هاڻي هنن گمراھ ۽ نافرمان ماڻهن ۽ منهنجي درميان تون ئي ڪو فيصلو ڪر تہ هاڻي ڇا ڪجي. الله طرفان حڪم آيو تہ جڏهن هنن بدنصيب ماڻهن جو اهو حال آهي تہ هاڻي چاليھ سالن تائين اها سر زمين هنن تي حرام ڪئي وئي آهي ۽ چاليھ سالن تائين هن خطي ڪان ڪين محرومي حاصل آهي. هي انهيءَ بيابان ۾ سرگردان ڀٽڪندا رهندا، ان ڪري اي موسىٰ ﷺ تون غمگين نہ ٿي. اهي نافرمان گمراھ ماڻهو پنهنجن انهن بداعمالين جي ڪري انهي سزا جا مستحق آهن. ياد رهي تہ غلاميءَ ۾ گهڻو عرصو رهڻ ۾ حوصلا پست ٿي ويندا آهن. اهو ئي حال هيو بني اسرائيل جي قوم جو، چاليھ سال ۾ هڪ نسل ختم ٿي ويندو آهي. ان کان بعد ٻيو نسل پيدا ٿيندو، جيڪو صحرا ۽ بيابان جي آزاد فضا ۾ پلجي غيرتمند ۽ جرئتمند هوندو ۽ اهو اڳتي هلي فتح ۽ ڪاميابيون ماڻيندو. هت هي لطيف نقطو بہ بيان ٿي ويو تہ اوهان حضرت موسىٰ ﷺ جي ڏينهن ۾ سندس انڪار ڪري جنهن عذاب جا مستحق ٿيا، هينئر هن آخر الزمان نبي خاتم النبيين ﷺ جي حڪمن جي انحرافي ڪري ان ڪان وڌيڪ عذاب جا اهل ٿيندا.

فطرت کے مقاصد کی کرتا ہے نگہبانی
یا بندہ صحرائی یا مرد کہستانی۔ (اقبال)

☆☆☆

غلامی میں نہ کام آتی ہیں شمشیریں نہ تدبیریں
جو ہو ذوق یقیں پیدا تو کٹ جاتی ہیں زنجیریں۔ (اقبال)

وقف لازم

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ ابْنَيْ اٰدَمَ بِالْحَقِّ ۘ اِذْ قَرَّبَا قُرْبَانًا فَتُقُبِّلَ مِنْ اَحَدِهِمَا
وَلَمْ يُتَقَبَّلْ مِنَ الْاٰخَرِ ؕ قَالَ لَاَقْتُلَنَّكَ ؕ قَالَ اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ
الْمُتَّقِيْنَ ۝٢٧ لَئِنْۢ بَسَطْتَّ اِلَيَّ يَدَكَ لِتَقْتُلَنِيْ مَاۤ اَنَا بِبَاسِطٍ يَّدِيَ اِلَيْكَ
لِاَقْتُلَكَ ۚ اِنِّيْۤ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٢٨ اِنِّيْۤ اُرِيْدُ اَنْ تَبُوْٓاَ بِاِثْمِيْ
وَاِثْمِكَ فَتَكُوْنَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ ۚ وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ۝٢٩ فَطَوَّعَتْ
لَهٗ نَفْسُهٗ قَتْلَ اَخِيْهِ فَقَتَلَهٗ فَاَصْبَحَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝٣٠

النصف

(هي سرڪشي ۽ مخالفت ۾ فتني فساد ڏانهن وڌي رهيا آهن. ان ڪري) ڪين آدم عَلَيْهِ السَّلَامُ جي ٻن (نوجوان) پٽن هابيل ۽ قابيل جو قصو تمثيلي طور پيش ڪر (جيڪو بلڪل سچو آهي.) جڏهن ٻنهي الله جي حضور پنهنجي پنهنجي قرباني پيش ڪئي. سو انهن مان هڪ (هابيل) جي قرباني قبول ڪئي وئي ۽ ٻئي پٽ (قابيل) جي قرباني قبول نہ ڪئي وئي. ان تي قابيل (هابيل سان حسد ۽ انتقام ڪندي) چيو تہ مان توکي ضرور قتل ڪندس. (ان تي جواب ۾) هن (هابيل) چيو تہ الله، متقي ماڻهن کان ئي (نياز) قبول ڪندو آهي. (27) جيڪڏهن منهنجي قتل ڪرڻ لاءِ تون پنهنجا هٿ مون ڏانهن وڌائيندين تہ مان (ذاتي دفاع کان وڌيڪ) تنهنجي قتل لاءِ هٿ نہ وڌائيندس. آءٌ الله جي پڪڙ کان خوف ڪاوان ٿو. (28) مان گهران ٿو تہ منهنجو گناهہ دفاع ڪندي بلا اراده سرزد ٿي وڃي تہ ان جو گناهہ ۽ تنهنجو پنهنجو قتل ڪرڻ وارو گناهہ بہ تنهنجي پلڙي پوي. تون جهنمي ٿي وڃين ۽ ظالمن جي سزا اها ئي آهي. (29) (هن نصيحت تي بہ باز نہ آيو) ۽ آخرڪار هن جي نفس پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرڻ تي آماده ڪري ڇڏيو. سو هن کي قتل ڪري ڇڏيائين ۽ وڏي خساري ۽ نقصان وارن مان ٿي ويو. (30)

يهودين جي نافرماني ۽ سرڪشي حضرت موسىٰ ؑ جي دور تائين محدود نه هئي پر ان کان بعد به هو پنهنجي انهيءَ گمراهي ۽ نافرماني جي روش تي مضبوطي سان قائم رهيا. (البقره: 91/2) ايتري قدر جو حضرت عيسىٰ ؑ جي قتل جي درپئي لڳي ويا، ناحق قتل ڪرڻ ته هنن جو مشغلو بنجي ويو هو. ان ڪري آدم جي ٻن پٽن جو قصو نصيحت طور پيش ڪجي ٿو. اي پيغمبر عليه الصلواة والسلام هنن اهل ڪتاب کي آدم جي ٻن پٽن جو سچو سچو قصو ٻڌاءِ ته جڏهن هنن ٻنهي خدا عزو جل جي حضور پنهنجي پنهنجي قرباني قبوليت لاءِ پيش ڪئي ته انهن مان رڳو هڪ (هابيل) جي قرباني قبول ٿي وئي ۽ ٻئي (قابيل) جي قرباني قبول نه ٿي. جنهن تي قابيل حسد ۽ ساڙ ۾ اچي پنهنجي ڀاءُ هابيل کي چيو ته مان توکي قتل ڪندس، جنهن تي هابيل کيس وراڻيو ته الله وٽ نيڪ پرهيزگار ۽ متقي ماڻهن جي قرباني قبول پوندي آهي. جيڪڏهن تنهنجي قرباني قبول نه ٿي آهي ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور آهي ۽ مون تي ڪاوڙ ڪرڻ جو ڪهڙو سبب آهي، تون مون کي قتل ڪرڻ ٿو گهرين. ان جي باوجود جيڪڏهن تون دست درازي ڪري مون کي ناحق قتل ڪرڻ گهرين ٿو ته مان پنهنجو حق دفاع ڪندي به اهڙي دست درازي ڪو نه ڪندس جو توکي قتل ڪريان. آءُ اهڙو وڏو گناهه ڪري خدا کي ناراض ڪري ان جي عذاب کان ڊڄان ٿو ته ڪنهن کي قتل ڪريان. مان اهڙي زيادتي ڪرڻ نٿو گهران، جيڪڏهن اها زيادتي ٿئي ته پلي توکان ٿئي. جيڪڏهن دفاع ڪندي مون کان توکي تڪليف پهچي ته ان جو گناهه ۽ تنهنجو پنهنجو قتل ڪرڻ وارو گناهه تنهنجي سر لڳي. حديث شريف ۾ آهي ته قاتل ۽ مقتول ٻئي جهنم ۾ ويندا. صحابه ڪرام رضي الله تعالىٰ عنهم پڇيو ته قاتل جو جهنم ۾ وڃڻ سمجهه ۾ اچي ٿو، پر مقتول جهنم ۾ ڇو ويندو. پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم فرمايو ته هو (مقتول) به پنهنجي ساٿي (قاتل) کي قتل ڪرڻ جو خواهشمند هيو. (صحيحين) اهڙي طرح تنهنجي ڪاتي به گناهه لکجي وڃن ۽ تون پنهنجي هن گناهه سبب جهنم وارن ۾ هجين، ڇو ته ظالمن ۽ زيادتي ڪندڙن جي اها ئي جزا ۽ بدلو آهي. ”لَا تُقْتَلُ نَفْسٌ ظُلْمًا اِلَّا كَانَ عَلَى ابْنِ آدَمَ الْاَوَّلِ كِفْلٌ مِّنْ دَمِهَا لِاَنَّهٗ كَانَ اَوَّلَ مَنْ سَنَّ“ (صحيح بخاري-صحيح مسلم) جيڪو قتل ناحق يا ظلم سان ٿئي ٿو، (قاتل سان گڏ) ان جي ناحق خون جو

بار آدم عليه السلام جي ان پٽ تي به هوندو آهي (المائده: 5/30- 26) ڇوته اُن هن گناهه جي ابتدا ڪئي. جهڙيءَ طرح گناهه جو بدلو پهرين گناهه ڪندڙ کي ملندو، اهڙيءَ طرح نيڪيءَ جو ثواب پهريان نيڪي ڪندڙ کي به ملندو. قاتل کي قصاص ذريعي دنيا ۾ به سزا ملندي ۽ آخرت ۾ جهنم رسيد ٿيندو. هڪ حديث ۾ آهي: "مَا مِنْ ذَنْبٍ اَجْدَرُ اَنْ يُّعَجِّلَ اللّٰهُ عُقُوْبَتَهٗ فِي الدُّنْيَا مَعَ مَا يُدَّخِرُ لِصَاحِبِهٖ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْبَغْيِ وَقَطِيْعَةِ الرَّحْمِ" (سنن ابوداؤد- ابن ماجه) مفهوم آهي ته ظلم، زيادتي ۽ قطع صله رحمي جي سزا دنيا ۾ به آهي ته آخرت ۾ به آهي. قابيل پنهنجي ياءُ جي هڪ به نه ٻڌي ۽ پنهنجي پليد ارادي ۾ اچي هابيل کي قتل ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح قتل جهڙي ڪبيره گناهه ۾ پاڻ کي برباد ڪري ڇڏيو. هن وقت ڪافر ۽ مڪي جا قريش مشرڪ نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم ۽ صحابه ڪرام جي جان وٺڻ جي درپي آهن. المائده: 11/5 ۾ ان سازش طرف اشارو آهي، جڏهن ڪافرن پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم ۽ صحابه ڪرام کي دعوت تي سڏايو ۽ ان دوران کين قتل ڪرڻ جي سازش جوڙي پر عين وقت تي الله تعالىٰ پنهنجي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي ان سازش کان آگاهه ڪري ڇڏيو ۽ ڪافرن جو منصوبو ناڪام ويو. اهل ڪتاب کي ٻڌايو ويو ته نبين جو اولاد سڏائڻ يا پاڻ کي الله جو پيارو اولاد سمجهڻ سان ڪجهه حاصل نه ٿيندو، هابيل ۽ قابيل به نبيءَ جي اولاد هيا. قابيل حسد، ساڙ ۽ عناد جي ڪري پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو، ڇوته سندس نذرانو قبول نه پيو، پر هابيل جو نذرانو قبول ٿي ويو، جنهن ڪري قابيل قتلِ ناحق جو مستحق ٿيو، ڪيس نبيءَ جو اولاد هجڻ ڪنهن ڪم نه آيو، پر ان جي برعڪس هابيل الله جو اطاعت گذار ٻانهو رهيو ۽ قتل ناحق کان بچي ويو، سو هت به مڪي جي ڪافرن کي ٻڌايو ٿو وڃي ته غلط باطل عقيدا رکڻ ۽ نبيءَ جي تعليم کي نڪرائڻ ۽ کيس قتل ڪرڻ لاءِ هن قصي مان عبرت حاصل ڪريو ۽ الله جي عذاب کان ڊڄو. هي قصو سراپا حق ۽ سچ آهي، ڪا ڪهاڻي يا افسانو نه آهي، پر هدايت ۽ عبرت جو سبق آهي. ياد رهي ته هابيل جي صدا ۾ تمام نوع انسان لاءِ راست بازي ۽ نيڪ عمليءَ جي صدا هئي ۽ قابيل جي عمل ۾ تمام ظالم انسانن جي سرڪشي، بدبختي، شقاوت ۽ نحوست جو اظهار هيو. هن سچي قصي بيان ڪرڻ سان به راهون صاف ٿي ويون. نيڪي ۽ سچائي پنهنجا هٿ خون آلوده نه ڪندي، پر ظالم جو هٿ قتل ناحق ۾ رنگين رهندو.

فَبَعَثَ اللّٰهُ غُرَابًا يَّبْحَثُ فِي الْاَرْضِ لِيُرِيَهٗ كَيْفَ يُوَارِيْ سَوْءَةَ اَخِيْهِ ط
قَالَ يٰوَيْلَتٰٓى اَعَجَزْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِثْلَ هٰذَا الْغُرَابِ فَاُوَارِيَ سَوْءَةَ اَخِيْ ۚ
فَاَصْبَحَ مِنَ النّٰدِمِيْنَ ﴿٣١﴾ ۛ مِنْ اَجْلِ ذٰلِكَ ۛ كَتَبْنَا عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اَنَّهٗ معانقة ٥ وقف النبي صلى الله عليه وسلم
مَنْ قَتَلَ نَفْسًا بِغَيْرِ نَفْسٍ اَوْ فَسَادٍ فِي الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ
جَمِيْعًا ط وَمَنْ اَحْيَاهَا فَكَاَنَّمَآ اَحْيَا النَّاسَ جَمِيْعًا ط وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ
رُسُلُنَا بِالْبَيِّنٰتِ ز ثُمَّ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ فِي الْاَرْضِ لَمُسْرِفُوْنَ ﴿٣٢﴾

پوءِ مشيت الاهي سان هڪ ڪانءُ اچي ويو، جيڪو زمين کوٽڻ لڳو ته جيئن هن کي ٻڌائي ته پنهنجي ڀاءُ جو لاش ڪهڙي طرح دفن ڪري. اهو (منظر) ڏسي هو چوڻ لڳو هاءِ منهنجي بدقسمتي جو مان انهيءَ ڪانءَ جهڙو به نه آهيان، جو پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي لڪائي سگهان. جنهن تي هو بيحد شرمندو به ٿيو. (31) (انسان جي طبيعت ۾ انهيءَ سرڪشي ۽ بي اعتداليءَ جي ڪري) اسان موسیٰ عليه السلام تي ڪتاب نازل ڪيو ۽ ان ۾ بني اسرائيل تي پنهنجو فرمان صادر ڪيو ته جنهن به ڪنهن هڪ انسان کي بغير قصاص (قتل جي بدلي ۾ قتل) يا زمين ۾ فساد پکيڙڻ جي سزا بنا قتل ڪيو ته ڄڻ هن معاشري جي سمورن ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ جنهن هڪ انسان کي زندگي بخشي ته ان گويا تمام نوع انسان کي زندگي بخشي. نه رڳو ايترو پر اتمام، حجت لاءِ اسان جا پيغمبر هنن ڏانهن نهايت روشن دليل ۽ نشانيون کڻي آيا. ليڪن ان جي باوجود انهن جي اڪثريت زمين تي زيادتيون ۽ فساد پيدا ڪرڻ ۾ رذل رهي ۽ آهي.(32)

اهل ڪتاب يهود ۽ نصاریٰ پنهنجن گمراهين ۽ سرڪشين ۾ سڀ حدون پار ڪري چڪا هئا. هنن جا اهي ڏوهه ۽ ڏاڍايون انهيءَ حد تائين پهچي چڪا هئا جو هو انبياءِ ڪرام

جي قتل ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائيندا هئا. ان ڪري هت آدم عليه السلام جي ٻن پٽن جو قصو آندو ويو آهي تہ ڪهڙي طرح خود غرض ماڻهو پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪرڻ کان بہ نہ ٿو ڊڄي ۽ اوهان يهودين ۽ عيسائين جو بہ اهو حال آهي جو اوهان جي بدڪرداري اوهان کي قتل جهڙي وڏي ڏوهہ تي آماده ڪري اوهان کي برباد ۽ تباهہ ڪري ٿي. هڪ طرف هابيل جو نيڪ ڪردار آهي تہ ٻئي طرف قابيل جو ڪڌو ڪردار آهي، جيڪو قتل ڪرڻ کان بہ نٿو ڊڄي ۽ بني اسرائيل جو قابيل وارو ساڳيو ظالماڻو ڪردار آهي. قابيل جي قتل واري واردات بعد هو پنهنجي ڀاءُ جو لاش نڪاڻي لڳائڻ ۾ لاش ڪٽي رلندو رهيو، ايتري ۾ هڪ ڪانءُ خدا جي مشيت سان اتي آيو ۽ زمين کوٽڻ لڳو تہ جيئن قابيل کي ٻڌائي تہ هو هابيل کي قتل ڪرڻ بعد پنهنجي ڀاءُ جو لاش ڪهڙي طرح زمين کوٽي ان ۾ لڪائي (دفن ڪري) ڪانءُ کي ائين ڪندو ڏسي قابيل کي پاڻ تي حيرت ٿي ۽ چوڻ لڳو تہ مون کي ايتري بہ سمجهہ نہ آئي تہ مان هن ڪانگ وانگر زمين کوٽي ڀاءُ جو لاش دفن ڪيان. هو پنهنجي هن سرڪشي ۽ بيوقوفي تي تمام گهڻو پشيمان ٿيو تہ هن کان ڪيڏي وڏي غلطي ٿي وئي هئي، پر اها پشيماني پنهنجي ناداني ۽ ناعقليءَ تي هئي، خدا کان ڊڄي توبه ڪرڻ واري پشيماني نہ هئي. ان ڪري ”اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ تُبْتُ اِلَيْكَ فَتُبْ عَلَيْنَا“ (يعني اي الله! مان تو آڏو توبه ڪريان ٿو، يعني رجوع ڪريان ٿو پوءِ تون بہ پنهنجي رحمت سان مون ڏانهن رجوع ڪر.) سندس اهڙي توبه ”توبة النصوح“ واري توبه ناهي.

آدم عليه السلام جي هنن ٻن پٽن هابيل ۽ قابل جو اهو قصو بني اسرائيل ۾ گهڻو مشهور هو، جيڪو بني اسرائيل جي قتل و غارتگري جو ترجمان هو، ڇو تہ ناحق قتل ڪرڻ بني اسرائيل جو شيوو ٿي چڪو هو. تنهن ڪري هنن جي اصلاح حال لاءِ هي تاڪيدي حڪم موڪليو ويو تہ ناحق قتل جي بدلي ۾ قصاص طور قاتل کي قتل ڪرڻ يا ملڪ ۾ فتنو فساد برپا ڪندڙ کي سزا طور قتل ڪرڻ ضروري هوندو، ڇو تہ جيڪڏهن ڪنهن هڪ جان کي ناحق قتل ڪيو تہ ڄڻ هن هڪ قتل نہ پر پوري انسان ذات کي قتل ڪيو ۽ جنهن ماڻهوءَ ڪنهن انسان جي زندگي موت کان بچائي ورتي تہ گويا هن پوري نوع انسان کي زندگي ڏني.

هنن جي اصلاح ۽ هدايت لاءِ الله جي طرفان هڪ ٻئي پٺيان رسول ايندا رهيا ۽

سچائي ۽ چٽن دليلن ذريعي قوم جي رهبري ڪندا رهيا، ان جي باوجود هنن ۾ اڪثر ماڻهو ظلم ۽ زيادتي ڪندا رهيا. سزا جو اثر هڪ تہ سوسائٽيءَ جي مجموعي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو ۽ ٻيو جرم ۽ ان جي سزا جو اثر انسان جي ذات تي پوندو. جنهن جي ڪري هو دنيا ۾ بہ عذاب جو مستحق ٿيندو تہ آخرت ۾ بہ ذلت ۽ خواري جي سزا ڀوڳيندو. (النساء: 4/92-93) ياد رهي تہ انسان جي حيثيت ۾ هر فرد پوري نوع انسان جو نمائندو آهي، ان ڪري هڪ فرد جو قتل گويا نوع انسان جي قتل ڪرڻ جي برابر ۽ هڪ فرد کي بچائڻ نوع انسان جي سلامتي جو پيغام آهي. (المائده: 5/45-32)

اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيۡنَ يُحَارِبُوۡنَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ وَيَسۡعَوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ فَسَادًا
اَنۡ يُّقَتَّلُوۡۤا اَوۡ يُصَلَّبُوۡۤا اَوۡ تُقَطَّعَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَاَرۡجُلُهُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ اَوۡ يُنۡفَوۡا
مِنَ الۡاَرۡضِ‌ ؕ ذٰ لِكَ لَهُمۡ خِزۡىٌ فِى الدُّنۡيَا‌ وَلَهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ۙ‏ ﴿۳۳﴾
اِلَّا الَّذِيۡنَ تَابُوۡا مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ تَقۡدِرُوۡا عَلَيۡهِمۡ‌ۚ فَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ
غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۳۴﴾ ع ٥ ٨

(رسول مقبول ﷺ معرفت احڪام الاهي جي اچڻ، عدل ۽ انصاف جي نظام قائم ٿيڻ بعد بہ جيڪڏهن ڪي ماڻهو بغاوت ڪري الله ۽ ان جي رسول اڪرم ﷺ سان جنگ جوٽين ٿا ۽ زمين ۾ فساد پکيڙڻ ۾ رڌل رهن ٿا تہ) انهن جي سزا اها آهي تہ انهن کي قتل ڪيو وڃي يا ڦاسي چڙهايو وڃي يا مخالف طرف کان هٿ پير ڪاٽيا وڃن يا ڪين جلاوطن ڪيو وڃي (يا نظر بند ڪري زندگي محدود ڪئي وڃي (مطلب مهل ۽ موقعي مطابق مناسب سزا ڏني وڃي) اها سزا هنن جي لاءِ دنيا ۾ ذلت ۽ رسوائيءَ جو ڪارڻ ٿيندي. باقي رهي آخرت، سو اتي بہ انهن لاءِ سخت تباهيءَ وارو عذاب هوندو. (33) مگر جيڪي ماڻهو پنهنجي

روش هن کان اڳ تبديل ڪن جو اوهان انهن کي قابو ڪريو ۽ توبه ڪن ٿا ته اهڙا ماڻهو سزا کان محفوظ هوندا ۽ عام سهولت کان محروم نه ٿيندا. خدا جي قانون ۾ اهڙي گنجائش موجود آهي ڇو ته الله غفور رحيم آهي. (34)

هينئر دين اسلام جي ذريعي ۽ نبي خاتم الانبياءِ خَاتَمِ النَّبِيِّينَ ﷺ جي ڪري عدل ۽ احسان جو نظام قائم ٿي چڪو آهي، جنهن جي ڪري هر هڪ کي امن ۽ سڪون نصيب آهي، انسان ذات جي بهتري ۽ ڀلائي واري هن نظام کي ڇڏي جيڪڏهن اجان به هو پنهنجي نافرماني ۽ زيادتي واري روش تي قائم رهي حق ۽ سچائي کي ڇڏي ڪفر ۽ انڪار جي راهه اختيار ڪن ٿا ته اهي گويا حق جي نظام خلاف جنگ ڪن ٿا، ان ڪري ڪين ٻڌائي ڇڏ ته جيڪي ماڻهو الله سان ۽ ان جي رسول خَاتَمِ النَّبِيِّينَ ﷺ سان جنگ ڪن ٿا يا ملڪ ۾ خرابي ۽ بدامني پکيڙڻ ۾ سرگردان ڦرن ٿا، ڌاڙا، ڦرلٽ ۽ عوام دشمنيءَ جا ڪم ڪري ملڪ ۾ فساد، فتنو ۽ نفرت پيدا ڪن ٿا، عورتن جي عصمت دري، اغوا براءِ تاوان، مذهبي ۽ نسلي فساد پيدا ڪن ٿا، ته اهڙن رهزن ظالمن جي سزا آهي ته ڪين قتل ڪيو وڃي يا ڦاسي چاڙهيا وڃن يا انهن جا هٿ پير مخالف پاسي کان (يعني ساڄو هٿ ته کاٻو پير، پر جي کاٻو هٿ ته ساڄو پير) ڪٽيو وڃي يا انهن کي جلاوطن ڪيو وڃي، يعني جهڙو ڏوهه اهڙي سزا عدالت ڏيندي. اهڙن ماڻهن لاءِ هن زندگيءَ ۾ به رسوائي ۽ ذلت هوندي ته آخرت ۾ به انهن لاءِ دردناڪ عذاب هوندو. پر جيڪڏهن هن کان اڳ جو اوهان هنن کي گرفتار ڪري قابو ڪيو ۽ هو سچي دل سان توبه ڪن ته پوءِ انهن سان نرمي ڪريو، اوهان جي اها نرمي ۽ عفو و درگذر ڪرڻ واري ڳالهه الله کي پسند آهي ڇو ته الله جي ذات گرامي غفور رحيم يعني توبه قبول ڪري بخش ڪرڻ واري آهي، جتي جتي سخت سزائن جو حڪم آهي ان جي آخر ۾ الله توبه تائب ٿيڻ جو حڪم ڏئي ٿو ته جيئن ٻانهو خدا جي مغفرت ۽ رحمت مان مستفيض ٿي سگهي. الله جي ٻانهن تي هي خاص عنايت آهي ته مرڻ کان اڳ الله ڏانهن رجوع ڪريو ته ان کي بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ پائيندو. (المائده 5/45-23) ”اِنَّ اللّٰهَ لَا يَقْبَلُ تَوْبَةَ الْعَبْدِ مَا لَمْ يُغَرْغِرْ“ (جامع ترمذي- مسند احمد) الله تعالي ٻانهن جي ان وقت توبه قبول ڪري ٿو جيستائين هن تي نزع جي حالت طاري نه ٿئي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَ جَاهِدُوْا فِيْ
سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۳۵ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ
جَمِيْعًا وَّ مِثْلَهٗ مَعَهٗ لِيَفْتَدُوْا بِهٖ مِنْ عَذَابِ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَا تُقُبِّلَ مِنْهُمْ ۚ
وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۳٦

مؤمنؤ! (سرڪشي ۽ بي راهه روي ڇڏي) الله جي حڪمن جي دل و جان سان نگهباني ڪريو. الله جو قرب ۽ رضا حاصل ڪرڻ لاءِ جهاد في سبيل الله جو طريقو اختيار ڪندي مسلسل جدوجهد ۽ محنت سان ان تائين رسائي جو ذريعو تلاش ڪريو ۽ هن جي راهه ۾ جهاد جاري رکو ته ڪاميابي ماڻي سگهو(35) بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي (پيغمبر جي اتمام حجت بعد به) انڪاري آهن، انهن کي جيڪڏهن ساري زمين جي دولت به ملي وڃي ۽ ايتري ٻي پڻ ملي وڃي ته جيئن اها فديي (بدلي) ۾ ڏئي پاڻ کي قيامت جي ڏينهن عذاب کان بچائي سگهن ته اها انهن کان قبول نه ڪئي ويندي ۽ انهن کي درد ناڪ سزا هر حال ۾ ملندي. (36)

پوئين آيت ۾ ذڪر هيو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو گناهه ۽ غلطيءَ ڪرڻ بعد توبه ڪري ٿو ته الله بخش ڪرڻ وارو ۽ هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي، ان ڪري هن آيت ۾ اچي ٿو ته مؤمنؤ! هر حال ۾ الله جي نافرمانيءَ جي نتيجن کان خوف ڪائيندا رهو. الله جي عذاب کان پنهنجو بچاءُ ۽ حفاظت ڪريو، ڪڏهن به سرڪشي ۽ بي راهه روي جي روش اختيار نه ڪجو، بلڪ هن تائين رسائين يعني پهچڻ ۽ قربت خداوندي حاصل ڪرڻ جا ذريعا اختيار ڪيو ۽ انهي جي حصول لاءِ پوريءَ طرح جدوجهد ۾ لڳا رهو ته جيئن اوهان کي سودمند، ڪامياب ۽ خوشگوار زندگي ناهڻ ۾ ڪاميابي ٿي. (البقره: 186/2، بني اسرائيل: 57/17) هت مجاهدو يعني مقابلو آهي، يعني جيڪي قوتون الله جي راهه ۾ مزاحمت ڪن، خدا

جي راهہ تي هلڻ کان روڪين ۽ خدا جي مرضيءَ خلاف هلڻ لاءِ مجبور ڪن ۽ توڪي خدا جو بندو ٿيڻ بدران غيرالله جو بندو بنائڻ گهرن ٿيون تہ انهن سيني شيطاني قوتن جي خواهشن جو حتي الامڪان مقابلو ڪرڻ 'مجاهدو' يا 'جهاد' آهي، جيئن جهاد ۾ جنگ ڪرڻ بہ آهي. اها ڳالهہ ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ خداوند ڪريم ڪنهن گناهہ جي رڳو سزا يا تعذير بيان ڪري، بيان ختم نٿو ڪري، پر انهن گناهن کان بچڻ لاءِ ذهني ۽ قلبي انقلاب پيدا ڪرڻ جا طريقا ٻڌائي ٿو ۽ انهن طريقن تي هلي الله جي خوشنودي، دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ جو يقين ڏياري ٿو. "اِتَّقُوْا" چئي ٻڌائي ٿو تہ پنهنجي حفاظت لاءِ ڪمربستہ ٿي وڃو. خدا جي حڪمن جي بجاآوري ڪيو. خدا وٽ رسائيءَ جا وسيلا اختيار ڪريو.

وسيلہ لاءِ اسوه رسول ﷺ جي پيروي ۽ تابعداري نهايت مضبوط سَنَد آهي ۽ هر عمل ۾ خدا جو رضامندو ۽ اذن ضروري آهي. اوهان چاهيندو تہ الله سان اوهان جي محبت جو رشتو قائم ٿئي تہ پوءِ حضور ﷺ جي دل و جان سان اطاعت ڪريو تہ الله جو قرب ۽ محبت ملي ويندا. هر عمل صالح پاڻ ڪريمن جي اطاعت طرف هڪ قدم آهي. (البقره: 82/2، آل عمران: 3/132-131، بني اسرائيل: 57/17) پر جن ماڻهن ايمان ۽ عمل صالح بدران ڪفر، انڪار ۽ بداعماليءَ جو طريقو اختيار ڪيو تہ اهي ماڻهو پنهنجن عملن جي سزا کان بچي ڪو نہ سگهندا، توڙي ڪٿي هنن جي قبضي ۾ اهو سمورو مال متاع اچي وڃي، جو هن ڪائنات ۾ موجود آهي ۽ ايترو ٻيو مال بہ هنن کي ڪٿان ملي وڃي ۽ هو اهو سمورو مال متاع قيامت جي ڏينهن واري عذاب کان بچڻ جي بدلي ۾ ڏيڻ گهري تہ بہ اهو ان کان قبول نہ ڪيو ويندو. حديث شريف ۾ آهي تہ قيامت جي ڏينهن الله جل شانہ ڪافر کان پڇندو تہ چا تون زمين برابر سون ڏئي، بدلي ۾ هن عذاب کان ڇوٽڪارو پسند ڪرين ٿو تہ ڪافر چوندو هائو. الله جل شانہ فرمائيندو تہ دنيا ۾ تہ مون توکان هن کان بہ گهٽي گهٽ جو مطالبو ڪيو هيو، پر تو ان جي پرواهہ نہ ڪئي، هن کي وري دوزخ حوالي ڪيو ويندو. (صحيح بخاري- صحيح مسلم) هنن جو مقدر دردناڪ عذاب دوزخ جي باهہ آهي، جيڪا هنن کي ضرور ملي رهندي ۽ هو ان ۾ هميشہ رهندا، ان مان نڪري ڪو نہ سگهندا. (البقره: 123/2-254، آل عمران: 176/3 کان 178، طٰهٰ: 109/20، لقمان: 33/31، الفاطر: 18/35، الدخان: 29/44، الحاقه: 69/32-26، القيامة: 75/ 26 کان 30، عبس: 80/37-42)

يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنَ النَّارِ وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنْهَا ز وَلَهُمْ عَذَابٌ
مُّقِيْمٌ ﴿۳۷﴾ وَالسَّارِقُ وَالسَّارِقَةُ فَاقْطَعُوْٓا اَيْدِيَهُمَا جَزَآءًۢ بِمَا كَسَبَا
نَكَالًا مِّنَ اللّٰهِ ط وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۳۸﴾ فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَاَصْلَحَ
فَاِنَّ اللّٰهَ يَتُوْبُ عَلَيْهِ ط اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۹﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ
لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ط يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ ط
وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۴۰﴾

هو انهيءَ دوزخ جي آڙاهه مان نڪرڻ گهرندا، پر نڪري نہ سگهندا. هنن جي لاءِ اتي دائمي عذاب آهي.(37) (هي شريعت جا سخت حڪم آهن، جن تي مضبوطيءَ سان عمل ڪريو. ملڪ ۾ بغاوت ۽ فساد پيدا ڪرڻ ڪان پوءِ وڏو فتنو چوري آهي. اسلام جان ۽ مال جي حفاظت جو داعي آهي، ان ڪري امن وسڪون قائم ڪرڻ لاءِ) چور مرد هجي يا عورت (مجرم هجڻ جي لحاظ سان برابر آهن. ثبوت ملڻ تي) ٻنهي جا هٿ ڪاٽي ڇڏيو. سندن عمل جي سزا لاءِ ۽ الله پاران عبرتناڪ سزا واسطي. ياد رکو الله سڀ تي غالب آهي ۽ هو وڏي حڪمت وارو آهي. (38) پوءِ جيڪو شخص پنهنجي هن ظلم بعد توبه ۽ اصلاح ڪري ٿو تہ الله جو قانون بہ ان ڏانهن بخشش ۽ رحمت سان رجوع ڪري ٿو. بيشڪ الله گهڻو ئي بخشڻ وارو ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي. (39) (خدا ڪنهن ڪي سزا ڏئي پنهنجي قوت ۽ اقتدار جو اظهار نٿو ڪري پر قانون جي عملداري گهري ٿو.) ڇا توهان نٿا ڄاڻو تہ هن جي قوت ۽ اقتدار جي جهلڪ آسمانن ۽ زمين جي تنها حڪمراني ۽ بادشاهي ۾ ظهور پذير آهي. مڪافات عمل طور ڪنهن ڪي عذاب ۽ سزا جو حقدار ڪري ٿو تہ ڪنهن ڪي بخشش ۽ رعايت جو مستحق بڻائي ٿو. الله هر شيءِ تي خوب قدرت رکي ٿو. (40)

ان وقت هو هزار خواهشون ڪن تہ دوزخ جي پڙڪندڙ باھہ مان ٻاهر نڪري وڃن، پر هو ڪنهن بہ صورت ۾ ان باھہ جي عذاب کان نڪري نہ سگهندا ڇو تہ اهو هنن لاءِ دائمي وارو عذاب آهي، سندن ميڙيل مال ملڪيت هنن جي جهنم واري باھہ جو ٻارڻ هوندو. (التوبه: 9/34-35، الهُمَزه: 104/9-1) جيڪو عذاب هميشہ رهڻ وارو هوندو ۽ ان مان نڪري نہ سگهندو. ملڪ ۾ فتني فساد ۽ بغاوت بعد چوري ڌاڪازني بہ وڏو ڏوھہ آهي، جنهن جي ڪري معاشري ۾ امن و سڪون نٿو رهي. دهشتگرد ۽ اوباش ماڻهو عوام جا گهر لٽڻ ۾ مشغول رهن ٿا، جان جي حفاظت بعد مال جي حفاظت لاءِ اهڙن مجرمن لاءِ سزا آهي. مجرم چور مرد هجي يا عورت، جرم جي اعتبار سان هڪجهڙي سزا جا مستحق آهن، جنهن ۾ ڪو بہ فرق ناهي. چوري ثابت ٿيڻ تي هنن ٻنهي جا هٿ ڪپي ڇڏيو. هي هنن جي چوريءَ جي سزا آهي ۽ الله جي طرفان ماڻهن لاءِ عبرت حاصل ڪرڻ جو مقام آهي. ياد رهي تہ خيانت چوري نہ آهي، حديث شريف ۾ آهي: ”لَا قَطْعَ لِخَائِنٍ“ يعني خيانت ۾ هٿ ڪٽڻو ناهي. چوريءَ ۾ ڪنهن جي حفاظت مان مال ڪٽي وڃڻ آهي. چوريءَ جي سزا چوريءَ جي مطابق هوندي. ”لَا قَطْعَ فِيْ ثَمَرٍ وَّ كَثَرٍ“ کجور ۽ سبزيءَ جي چوريءَ ۾ هٿ ڪٽڻو ناهي. ”لَا قَطْعَ فِيْ طَعَامٍ“ سبزي ۽ طعام ۾ هٿ ڪٽڻو ناهي. حضرت عثمان ۽ حضرت علي رضي الله عنهما جو فيصلو آهي تہ: ”لَا قَطْعَ فِي الطَّيْرِ“ پکيءَ جي چوريءَ ۾ هٿ نہ وڍيو. الله جو هر حڪم حڪمت وارو آهي. ۽ الله پنهنجن حڪمن ڏيڻ لاءِ غالب ۽ اختيار وارو آهي.

ياد رهي تہ چوريءَ جي سزا ڏوهيءَ جي اصلاح ۽ عوام لاءِ اهڙي پيشي کان بچڻ جو ذريعو آهي. سزا بہ چوري جي مقدار ۽ اندازي مطابق هوندي، جنهن ۾ جيل جي سزا بہ رکيل آهي، ڇو تہ چوندا آهن، مان ڇا ڪيان منهنجا هٿ وڏيل آهن، يعني مان ڪرڻ کان روڪيو ويو آهيان، يا ڪري نٿو سگهان. جيل ۾ رکڻ بہ ڳويا مجرم جا چوري ڪرڻ کان هٿ ڪپجي ويا، ”والله اعلم بالصواب“ سزا ڏيڻ مان اصل مراد ڏوھہ جو روڪڻ آهي، جيڪڏهن ڪو مجرم چوريءَ بعد شرمسار ٿي، توبه ڪري ٿو تہ وري اهڙو گناھہ نہ ڪندو ۽ مظلوم جي داد رسيءَ بعد عدالت هن کي معاف بہ ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙي توبه بعد الله تعالیٰ بہ ان کي پنهنجن نوازشن سان نوازيندو ۽ بخش ڪندو. توبه ان ڪري ضروري آهي

تہ سزا بعد بہ چوريءَ جو عمل هن جي نفس اندر باقي رهي ٿو، ان ڪري پنهنجي اندر جي اصلاح ۽ پاڪيزگيءَ لاءِ توبه ضروري آهي. بيشڪ الله نهايت بخش ڪرڻ وارو آهي. هن ڪائنات جي نظام ڪي برقرار رکڻ ۾ ان الله تعالىٰ جو حڪم هلي ٿو، جيڪو زمين ۽ آسمانن ۾ پوري طرح قدرت ۽ اختيار رکي ٿو. هنن قانونن ذريعي ڪنهن کي سزا ڏيڻ مقصود ناهي، پر اصل ۾ انسان جي اصلاح مطلوب آهي. ان ڪري اهو الله جو ئي اختيار آهي تہ هو ڪنهن کي سزا ڏئي يا بخش ڪري، سزا کان آجو ڪري. انساني حيات ۾ يا خارجي دنيا اندر هر عمل هڪ خاص انداز ۽ مقدار ۾ نتيجا ناهيندو آهي. جنهن تي خدا جو پورو پورو اختيار ۽ قبضو آهي.

مع الوقف على الاول جوز

يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ لَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ مِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا
اٰمَنَّا بِاَفْوَاهِهِمْ وَلَمْ تُؤْمِنْ قُلُوْبُهُمْ ۛ وَمِنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا ۛ سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ
سَمّٰعُوْنَ لِقَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ۙ لَمْ يَاْتُوْكَ ۭ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ مِنْ بَعْدِ مَوَاضِعِهٖ ۚ
يَقُوْلُوْنَ اِنْ اُوْتِيْتُمْ هٰذَا فَخُذُوْهُ وَاِنْ لَّمْ تُؤْتَوْهُ فَاحْذَرُوْا ۭ وَمَنْ
يُّرِدِ اللّٰهُ فِتْنَتَهٗ فَلَنْ تَمْلِكَ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔـا ۭ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ لَمْ
يُرِدِ اللّٰهُ اَنْ يُّطَهِّرَ قُلُوْبَهُمْ ۭ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ ښ وَّلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ
عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٤١﴾

اي رسول مڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم! اهي ماڻهو توکي ڏکارو نہ ڪن، جيڪي ڪفر ڏانهن هڪ ٻئي کان وڌيڪ تيزي سان وڪ وڌائي رهيا آهن. انهن ۾ ڪي اهي منافق آهن، جيڪي چون ٿا تہ اسان ايمان آندو آهي، حالانڪہ هنن جون دليون ايمان کان عاري آهن. انهن ۾ وري ٻيا يهودي آهن، اهي ڪوڙيون ڳالهيون گهڙڻ لاءِ تنهنجون ڳالهيون ٻڌن ٿا. دراصل اهي ٻين لاءِ جاسوسي ڪرڻ لاءِ

جيڪي اجان تو وٽ نہ آيا آهن، انهن لاءِ ٻڌن ٿا ۽ جيڪو تو کان ٻڌن ٿا، ان کي پنهنجي اصل مقصد کان بدلي پيش ڪن ٿا. بعد ۾ پنهنجن ماڻهن کي چون ٿا جيڪڏهن رسول ﷺ اهي ڳالهيون ڪري جيڪي اسان اوهان کي ٻڌايون تہ قبول ڪجو، پر جيڪڏهن ان جي ابتڙ ڪجهہ چوي تہ اهو هرگز قبول نہ ڪجو. دراصل هي فتني ۾ پئجي ويا آهن ۽ جنهن کي الله جو قانون فتنہ گر ڪري پيش ڪري اهو فتني ۾ اچي وڃي ٿو. پوءِ الله جي مقابلي ۾ تون ان لاءِ ڪجهہ بہ (حمايت) نٿو ڪري سگهين. هي اهي انسان آهن، جن جي باري ۾ الله جي قانون مشيت ۾ ناهي تہ هنن جي دلين کي پاڪ صاف ڪري. انهن لاءِ دنيا ۾ بہ رسوائي ۽ آخرت ۾ بہ وڏو عذاب آهي. (41)

هن کان اڳ مال جي چوريءَ جو ذڪر هيو. هاڻي انهن منافقن ۽ يهودين جي تخريبي ۽ شرارتي ذهنيت جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جنهن جي قول و فعل ۾ هميشہ تضاد رهيو آهي. ان ڪري الله تعالىٰ پنهنجي پياري رسول ﷺ جي تسلي ۽ تشفي لاءِ فرمائي ٿو تہ هنن منافقن جي انهي ٻٽي ڪردار تي غمگين ٿيڻ جي ضرورت ناهي. جيڪي زبان سان تہ چون ٿا اسان ايمان قبول ڪيو آهي، پر هو دل سان مؤمن نہ ٿيا آهن. ”اِقْرَارٌ بِاللِّسَانِ وَ تَصْدِيْقٌ بِالْقَلْبِ“ ئي اصل ايمان آهي. هن گروهہ جا فرد ايمان کي ڇڏي ڪفر اختيار ڪرڻ ۾ تيز آهن. هنن يهودين جي حالت اها آهي جو هو تنهنجي مجلس ۾ اچن ٿا ۽ تنهنجو وعظ و نصيحت ٻڌن ٿا، بظاهر ائين لڳي ٿو تہ هو دل جي ڪنن سان ٻڌڻ آيا آهن، پر حقيقت ۾ هو نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ نہ، پر ڪوڙ موڙ جو ڊرامو رچائي رهيا آهن. هنن جو اصل مقصد اهو آهي تہ هو مجلس ۾ ويهڻ بعد انهن ساٿين وٽ وڃن، جيڪي هن مجلس ۾ ڪو نہ آيا هئا ۽ انهن کي اصل نصيحت بدران پنهنجي پاران غلط ۽ ڪوڙ ملائي ڪين ٻڌائين. اهي تنهنجي ڳالهين ۽ تورات جي حڪمن ۾ ملاوت ڪري غلط بياني ڪن ٿا. هو پنهنجي پيشوائن ۽ عالمن جي چوڻ تي الٽا سڌا سوال ڪندا آهن

۽ ماڻھن کي چوندا آھن تہ جيڪڏھن اوھان کي توھان جي ھن عقيدي موجب کو بڌائي تہ قبول ڪجو، باقي ان جي خلاف ڪجھ نہ ٻڌجو ۽ اجتناب ڪجو. ھنن ٻنھي ٽولن جو اھو حال آھي جو بظاھر ائين محسوس ٿئي ٿو تہ ھنن ايمان قبول ڪيو آھي، پر حقيقت ۾ ھو ڏوڪو ڏين ٿا، ڇو تہ ڪفر ۽ منافقت ۾ قاتل آھن ۽ تون ھنن جي ھن تباھيءَ تي غمگين ٿي رھيو آھين. (الڪھف: 6/18، الشعراء: 3/26، الفاطر: 8/35) اي پيغمبر! جن جي بدبختي ھن حد تائين پھچي چڪي آھي، جو اھي ڪڏھن بہ ھدايت حاصل ڪو نہ ڪري سگھندا، ڇو تہ جيڪو پاڻ پنھنجي لاءِ مصيبت پيدا ڪري ۽ پنھنجي پيرن تي پاڻ ڪھاڙو ھڻي، اھو ماڻھو ان جو نتيجو ضرور حاصل ڪندو، ان ڪري توھان ماڻھو الله جي قانون مڪافات ۾ ڪجھ نٿا ڪري سگھو. ھنن حق جي انڪاري ماڻھن جي ڪوشش آھي تہ دور جھالت وارو قانون جاري رھي، ان ڪري ھو حضور ﷺ تي رڪيڪ حملا بہ ڪري رھيا آھن ۽ سندس فلاح ۽ بھبود واري پروگرام جي ڀرپور مخالفت بہ ڪري رھيا آھن ۽ ايمان آڻڻ کان انڪار ڪري رھيا آھن، ان ڪري اي حبيب ﷺ رنجيده دل نہ ٿي يعني دل شڪستہ نہ ٿي. ان غم ۾ پريشان آھين تہ ھو تباھہ ۽ برباد ٿي ويندا. تون ايڏو غم نہ ڪر. اھي ماڻھو الله جي قانونِ مشيت موجب فتني ۽ آزمائش ۾ آھن، تہ جيئن سندن دل جي ٻيائي، ڪوٽ ۽ ڏوڪو ڪلي ظاھر ٿئي، ان ڪري تون نامراد ماڻھن لاءِ ڪجھ نٿو ڪري سگھين. تون پنھنجي تبليغ کي جاري رک، باقي نتيجا الله جي حوالي ڪر. يقين ڪريو تہ الله تعالىٰ اھڙن غليظ ماڻھن جي دلين کي پاڪ ڪرڻ نٿو گھري، ھنن جي لاءِ دنيا ۾ بہ رسوائي آھي تہ آخرت ۾ بہ درد ناڪ عذاب آھي. ھن آيت جو مفھوم آھي تہ ھنن منافقن جي دل ۾ ڪوٽ آھي، ھو ھدايت حاصل ڪرڻ لاءِ نہ، پر جاسوسي ڪرڻ اچن ٿا. ھنن وٽ تورات جا واضح احڪام آھن، پر ان ۾ تحريف ڪري، ڪجھ مان ڪجھ ڪري ڇڏين ٿا. حالانڪ ھنن ڏانھن خلقِ عظيم جو مالڪ، رئوف رحيم ۽ رحمة للعالمين رسول ﷺ ۽ قرآن "هُدًى وَّ شِفَآءٌ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ" آيا آھن، مگر ھي بدنصيب منافقت جي باھہ ۾ جلي سڙي رھيا آھن ۽ آخرت ۾ وڏو عذاب آھي. منافقن لاءِ وڌيڪ ڏسو (البقره: 2/8-20، ق: 14/50، المنافقون: 8/63)

سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ ؕ فَاِنْ جَآءُوْكَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ اَوْ اَعْرِضْ
عَنْهُمْ ۚ وَاِنْ تُعْرِضْ عَنْهُمْ فَلَنْ يَّضُرُّوْكَ شَيْـًٔا ؕ وَاِنْ حَكَمْتَ فَاحْكُمْ
بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿۴۲﴾ وَكَيْفَ يُحَكِّمُوْنَكَ وَعِنْدَهُمُ
التَّوْرٰىةُ فِيْهَا حُكْمُ اللّٰهِ ثُمَّ يَتَوَلَّوْنَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ؕ وَمَآ اُولٰٓئِكَ
بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۳﴾ ع

(هنن جو اهو ڏوهہ گهٽ نہ آهي تہ هي تنهنجون ڳالهيون انهيءَ لاءِ ٻڌڻ ايندا آهن تہ ان ۾ پنهنجي طرفان ڪوڙ ملائي بيان ڪن ۽ اهڙين غلط بيانين سان سندن پيشوا) ٻين جو مال ناجائز (حرام مال) بلا تردد کائن ٿا. لهٰذا جيڪڏهن هي پنهنجن فيصلن جي لاءِ تو وٽ اچن تہ توکي (الله طرفان) اختيار آهي تہ انهن درميان فيصلو ڪرين يا ڪين ٽاري ڇڏين. جيڪڏهن تون هنن کي ٽاري ڇڏيندين تہ هو توکي ڪو نقصان پهچائي نہ سگهندا. پر جي فيصلو ڪرين تہ تو تي لازم آهي تہ انهن جي درميان انصاف سان فيصلو ڪرين. الله تعالىٰ انصاف ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو. (42) هي (اهل ڪتاب) توکي سچيءَ دل سان ڪيئن حاڪم قبول ڪندا، جڏهن تہ هنن وٽ تورات موجود آهي. جنهن ۾ الله جو فيصلو موجود آهي. تو وٽ فيصلي لاءِ رجوع ڪرڻ بعد ان کان ٻہ ڦري وڃن ٿا (حق ۽ انصاف جو فيصلو قبول نٿا ڪن) حقيقت اها آهي تہ هي حق ۽ سچ کي قبول ڪرڻ وارا نہ آهن. (43)

هنن منافقن ۽ ڪافرن جي اخلاقي ۽ ذهني پستي جي اها حالت آهي جو هي تنهنجون ڳالهيون انهيءَ لاءِ ٻڌڻ اچن ٿا تہ جيئن انهن نصيحت ڀرين ڳالهين ۾ وڌاءُ ڪري ڪوڙ ملائي ٻاهر ٻين کي ٻڌائين ۽ اهڙي طرح غلط بياني ڪري ٻري طريقي سان ماڻهن

جو مال جيڪو هنن لاءِ حرام آهي، سو ڪائين ٿا. جيڪڏهن تورات ۾ ڪنهن ڏوھ جي سخت سزا آهي تہ يهودي علماء اهڙن مالدار مجرمن سان ڪجھ ڏيتي ليتي ڪري، پيغمبر حق ﷺ ڏي فيصلي لاءِ موڪلين ٿا تہ اهو نئون دين آهي، مصلحتًا اوهان ڪي اتان ڇوٽڪارو ملي ويندو. اي نبي اڪرم ﷺ جيڪڏهن اهڙا ماڻهو اوهان وٽ ڪنهن جرم جو فيصلو ڪرائڻ لاءِ اچن تہ پوءِ توکي الله جي طرفان اختيار آهي تہ تون هنن جو فيصلو ڪرين يا نہ ڪرين. جيڪڏهن تون هنن جو فيصلو ڪرڻ کان انڪار ڪندين تہ هي تنهنجو ڪجھ بہ بگاڙي ڪو نہ سگهندا. انهن کان ڪو بہ خوف نہ ڪر. ها پر جي فيصلو ڪرين تہ پوءِ عدل ۽ انصاف سان فيصلو ڪر، چو تہ الله تعالیٰ جي بارگاھ ۾ انصاف ڪندڙن کي پسند ڪيو ويندو آهي. (النساء: 135/3، المائده: 8/5، الانعام: 152/6) تعجب جي ڳالھ آهي تہ جڏهن هنن وٽ تورات موجود آهي ۽ الله جا احڪام ان ۾ بيان ٿيل آهن تہ پوءِ يهودي پنهنجي ڪتاب کي ڇڏي تو وٽ مقدمو ڇا لاءِ پيش ڪن ٿا، در حقيقت هو جاڻي واڻي تورات کان منهن موڙي تو وٽ اچن ٿا. اهو انهي ڪري آهي جو هو ذاتي مفادپرستي خاطر خدائي حڪم مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن. در حقيقت هو مؤمن آهن ئي ڪو نہ، ان ڪري پنهنجي ڪتاب کان منهن موڙي تو ڏانهن اچن ٿا.

اسلامي حڪومت ۾ معاهدي مطابق تورات تي فيصلا ڪرڻ جي اجازت هئي، جنهن ۾ رجم جي سزا هئي. ياد رهي تہ يهودين جا علماء طاقتور ۽ مالدار ماڻهن کي وڏي سزا کان بچائڻ لاءِ وڏيون تاويلون ڪري، هنن کي ڇوٽي موٽي سزا ڏئي، دولت ڪمائيندا هيا. ڪڏهن انهن کي حضور ﷺ ڏانهن فيصلي لاءِ موڪليندا هئا تہ شايد هن نئين دين ۾ اهڙي سختي نہ هجي، ان ڪري يهودين کي نبي اڪرم ﷺ جن وٽ فيصلي لاءِ موڪليو ويو تہ اسلام ۾ رجم جي سزا نہ هجي، پر نبي اڪرم ﷺ بہ رجم جو حڪم ڏنو، جيڪو هنن قبول نہ ڪيو پر هڪ يهودي عالم تصديق ڪئي تہ تورات ۾ بہ رجم جو حڪم آهي، جنهن کي بعد ۾ بدلائي گڏھ تي چاڙهي ڪارو منهن ڪيو ويو. هت انهي فيصلي طرف اشارو آهي. هن آيت ۾ الله تعالیٰ اهڙن منافقن جي بدديانتيءَ کي بي نقاب ڪيو آهي تہ اهي مذهبي اڳواڻ جن جي دينداري ۽ علم و دانش جي پوري عرب ۾ ڌوم متل هئي، اهي ڪهڙي ذلت آميز حرڪت ۾ مبتلا هيا.

إِنَّآ أَنْزَلْنَا التَّوْرٰىةَ فِيْهَا هُدًى وَّنُوْرٌ ۚ يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّوْنَ الَّذِيْنَ اَسْلَمُوْا
لِلَّذِيْنَ هَادُوْا وَالرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوْا مِنْ كِتٰبِ اللّٰهِ
وَكَانُوْا عَلَيْهِ شُهَدَآءَ ۚ فَلَا تَخْشَوُا النَّاسَ وَاخْشَوْنِ وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ
ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٤٤﴾
وَكَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيْهَآ اَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ ۙ وَالْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَالْاَنْفَ
بِالْاَنْفِ وَالْاُذُنَ بِالْاُذُنِ وَالسِّنَّ بِالسِّنِّ ۙ وَالْجُرُوْحَ قِصَاصٌ ؕ فَمَنْ
تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهٗ ؕ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ
هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٥﴾

هي تورات اسان ئي نازل ڪئي، جنهن ۾ هدايت بہ هئي (هدايت جي راهہ ڏيکارڻ لاءِ) روشني بہ هئي. الله جا فرمانبردار انبياء، رباني عالم ۽ فقيہ هنن يهودين جا فيصلا انهيءَ مطابق ڪندا هئا. ان ڪري جو انهن کي هن ڪتاب الاهي جو محافظ ۽ گواهہ بنايو ويو هو. ڪين اها هدايت بہ ڪئي وئي هئي تہ تورات مطابق فيصلا ڪرڻ ۾ ماڻهن جو ڪو ڊپ ۽ ڊاءُ نہ ڪريو، مگر قانون خداوندي ڪان انحرافي ۽ خلاف ورزي ۾ خدا جو خوف رکو. (الله جي حڪمن جي فروخت جو دڪان لڳائي رقم نہ ڪمايو.) جيڪو ماڻهو خدا جي نازل ڪيل قانون مطابق فيصلا نٿو ڪري، اهو حق ڪان انڪار ڪندڙ آهي.(44) اسان هن کي انهيءَ ڪتاب (تورات) ۾ حڪم ڏنو هو تہ جنهن شخص بہ ڪنهن کي (ناحق) قتل ڪيو تہ ان جي سزا موت هوندي. جان جي بدلي جان، اک جي بدلي اک، نڪ جي بدلي نڪ، ڪن جي بدلي ڪن، ڏند جي بدلي ڏند .اهڙي طرح ٻين زخمن جو بہ قصاص آهي. پر جيڪڏهن مدعي پاڻ مجرم کي معاف ڪري

**چڏي تہ اهو گويا مجرم لاءِ ڪفارو آهي، جو شخص ان خداوندي حڪمن مطابق جيڪي هن نازل ڪيا آهن، فيصلو نہ ٿو ڪري تہ اهي ظلم ۽ زيادتي ڪندڙ آهن.(45)**

دين يعني احڪام خداوندي تي هلڻ لاءِ وحي الاهي جي سلسلي کي جاري رکندي اسان تورات نازل ڪئي، جنهن ۾ هر آسماني صحيفي وانگر ماڻهن جي هدايت يعني صحيح رستي تي هلڻ جي رهنمائي ۽ جهالت جي انڌيرن مان ڪڍڻ لاءِ روشني موجود هئي. اهل ڪتاب جا سمورا انبياء ڪرام جيڪي مسلم يعني الله جي حڪمن کي دل و جان سان تسليم ڪندڙ هئا. "وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِيْٓ اِلَيْهِ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ" (الانبياء: 25/21) اسان اوهان کان اڳ جيڪي رسول موڪليا، سمورن کي اها وحي ڪئي وئي تہ مون کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي، پوءِ توهان سڀ منهنجي عبادت ڪريو. انهن يهودين جا فيصلا انهيءَ نور ۽ هدايت مطابق ڪندا هئا ۽ هنن جا علماء ۽ مشائخ بہ انهيءَ ڪتاب مطابق معاملن جو نبيرو ڪندا هئا. ڇو تہ هي هن ڪتاب جا محافظ بڻايا ويا هئا ۽ انهن حڪمن ۽ قانون جا شاهد هئا. انهن کي اهو ئي چيو ويو هو تہ ڪنهن جي دٻ دٻاءَ بنا الله جي حڪمن جي پيروي ڪريو ۽ ڪرايو ۽ عمل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ الله جي عذاب کان ڊڄو ۽ قانون خداوندي جي حڪمن کي هن دنيا جي ٿورڙي مال ۽ نفعي عوض نہ وڪڻو. ياد رهي تہ دنيا جو ڪيترو بہ گهڻو مال هجي، اهو آخرت جي نعمتن آڏو نهايت حقير ۽ ٿورڙو آهي. جيڪو شخص بہ الله جي نازل ڪيل قانون مطابق معاملن جا فيصلا نٿو ڪري تہ اهو ڪافر آهي. توڙي ڪٽي زبان سان مڃيندڙ هجي، پر عملي طرح ڄاڻي واڻي ان جي ابتڙ فيصلا ڪري. انهن صحيفن ۾ اسان اهو حڪم بہ ڏنو هو تہ قتل ناحق ڪندڙ جي سزا موت آهي. (البقره: 178/2) حديث شريف ۾ آهي: "اَلْمُسْلِمُوْنَ تَتَكَافَاُ دِمَآئُهُمْ" مسلمان جي قتل جو بدلو قتل آهي، يعني خون برابر خون آهي. مرد هجي يا عورت، غلام هجي يا آزاد، قصاص ۾ برابر آهن، حديث شريف ۾ آهي. "لَا يُقْتَلُ مُسْلِمٌ بِكَافِرٍ" (صحيح بخاري) ڪافر جي بدلي مسلمان کي قتل نہ ڪيو ويندو. پر ذمي ڪافر لاءِ اهو حڪم ناهي. انهي حڪم مطابق جان جو بدلو جان آهي. اک جو بدلو اک آهي ۽ نڪ

جو بدلو نڪ آهي ۽ ڪَن جو بدلو ڪَن آهي. ڏند جو بدلو ڏند آهي ۽ زخمن جو بدلو بہ برابريءَ تي آهي، پر جيڪڏهن ڪو شخص بدلو وٺڻ بدران معاف ڪري ڇڏي تہ اهو هن جي گناهن جو ڪفارو ٿي ويندو (يا اهو مجرم جي سزا جو ڪفارو ٿي ويندو) "فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهُ" ۾ "لَهُ" جو ضمير ٻنهي ڏانهن ٿي سگهي ٿو. انسان جي عظمت ۽ عزت برقرار رکڻ لاءِ قصاص جو هيءُ قانون لاڳو ڪيو ويو هو، پر جيڪڏهن ڪو شخص خدا جي نازل ڪيل انهن حڪمن جي خلاف فيصلا ڪندو تہ اهو ظلم ۽ زيادتي ۾ شامل آهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ جَرَّ فِيْ جِسْمِهٖ جَرَاحَةً فَتَصَدَّقَ بِهَا كُفِرَ عَنْهُ ذُنُوْبَهٗ بِمِثْلِ مَا تَصَدَّقَ بِهٖ" يعني ڪنهن شخص جي جسم ۾ ڪو زخم لڳايو ويو ۽ ان معاف ڪري ڇڏيو تہ جيتري معافي هوندي، اوترا هن جا گناهہ معاف ٿيندا. اسلام عفو ۽ درگذر کي الله جي صفتن مان هڪ عظيم نعمت تصور ڪري ٿو، جنهن سان ماڻهو دشمن جي دل بہ جيتي سگهي ٿو. (النحل: 125/16، المؤمنون: 96/23، العنڪبوت: 46/29، حٰم السجده: 34/41) دراصل اهو قانون تورات ۾ بہ ڏنو ويو هو، يهودين کي ان مطابق فيصلا ڪرڻ جو حڪم هو، پر مال دولت جي ڪشش ۾ فيصلا ذاتي مفادن تي ڪرڻ لڳا ۽ ظالمن ۾ شمار ٿي ويا.

وَقَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ
التَّوْرٰىةِ ص وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ فِيْهِ هُدًى وَّنُوْرٌ لا وَّمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ
يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ط ﴿٤٦﴾ وَلْيَحْكُمْ اَهْلُ الْاِنْجِيْلِ
بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فِيْهِ ط وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤٧﴾

۽ اسان انهن پيغمبرن جي پويان انهن جي نقش قدم تي عيسىٰ بن مريم عَلَيْهِمَا السَّلَامُ کي موڪليو جيڪو پاڻ کان اڳ آيل ڪتابن تورات جي تصديق ڪندڙ هو. ۽ اسان ان کي انجيل عطا ڪئي، جنهن ۾ ماڻهن لاءِ هدايت ۽ روشني هئي ۽ اها انجيل بہ پاڻ کان اڳ واري ڪتاب توريت جي تصديق ڪرڻ واري هئي. سراسر هدايت هئي ۽ متقي ماڻهن لاءِ نصيحت هئي. (46) اهل انجيل کي بہ ان مطابق فيصلو

**ڪرڻ گھرجي، جيڪو الله ان ۾ نازل ڪرڻ فرمايو آهي. پر جيڪو شخص خدا جي نازل ڪيل حڪم مطابق فيصلو نٿو ڪري ته اهي ماڻھو فاسق آهن. (47)**

۽ پوءِ انهن نبين سڳورن جي پٺيان انهن جي نقش قدم تي بيبي مريم جي پٽ عيسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ کي هلڻ جو حڪم ڏنو. هن جي بعثت جو هڪ اهو به فريضو هو ته جيڪو دين اڳوڻن نبين حضرات جو صحيفن ۾ موجود آهي، ان جي تصديق ڪري. ان ڪري اسان هن کي انجيل ڏني جيڪا اڳين نازل ٿيل صحيفن جي تصديق ڪندڙ ۽ ماڻھن جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ هدايت ۽ روشني هئي ۽ انهن سمورن پوين (گذريل) صحيفن جي سچائي جي تصديق ڪندڙ هئي، جنهن ۾ انهن ماڻھن لاءِ جيڪي متقي آهن ۽ زندگي جي گمراهي وارن خطرن کان بچڻ چاهين ٿا، انهن لاءِ هدايت ۽ نصيحت جو روشن باب آهي. اهڙيءَ طرح انجيل وارن کي به گھربو آهي ته اهي اهڙي نموني حڪم ڏين ۽ پنهنجن معاملن جا فيصلا ڪن جهڙي طرح الله انجيل ۾ اهي حڪم ڏنا آهن، پر جيڪي ماڻھو الله جي نازل ڪيل حڪمن مطابق پنهنجا فيصلا نٿا ڪن ۽ معاملا پنهنجن خواهشن ۽ ذاتي مفادن مطابق حل ڪن ٿا، اهي ماڻھو سڌو رستو ڇڏي، گمراهي جي راهه اختيار ڪرڻ وارا فاسق ۽ نافرمان ماڻھو آهن. بار بار اهو ٻڌايو ٿو وڃي ته هر ايندڙ نبي سڳورو پوين نبين جي دين جي تصديق ڪندڙ آهي، ڇو ته الله جو دين (دين اسلام) هميشه هڪ ئي رهيو آهي ۽ سمورا انبياءِ ڪرام ان سلسلي جي ڪڙي آهن، جنهن جو آخري نبي سڳورو سيدنا حضرت محمد مصطفىٰ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ آهي. جيڪي ماڻھو الله جي قانون مطابق فيصلا نٿا ڪن ۽ قليل رقم وٺي دين وڪڻن ٿا، سي ڪافر آهن. قليل رقم مان مراد آهي ته هن دنيا جي وڏي مان وڏي قيمتي شيءِ به ڪتاب الاهي جي هڪ فرمان برابر به نه آهي. جيڪي عدل ۽ انصاف نٿا ڪن، اهي ڪافر آهن، اهي ظالم آهن. جيڪي ڪتاب الهيءَ جي خلاف فيصلا ڪن ٿا فاسق آهن، هي ٽي حڪم خدا جي دين خلاف ڪم ڪندڙ ڪافرن، ظالمن ۽ فاسقن لاءِ آهن، پر جيڪي ان مطابق فيصلو ڪن ٿا، اهي متقي آهن. (المائده: 5/ 47-45-44) هاڻي نبي آخر زمان خاتم الانبياءِ والمرسلين جي بعثت بعد ان تي نازل ٿيل ڪتاب قرآن مجيد جيڪو الله تعالىٰ جو آخري مڪمل ڪتاب آهي، جيڪو پوين ڪتابن: توريت، انجيل ۽ زبور جي تصديق ڪندڙ آهي، انهن جو محافظ ۽ قيامت تائين جا احڪام ڏيڻ وارو آهي ته هاڻي قرآن

۽ حضور خاتم النبيين ﷺ جي اطاعت ڪرڻي آهي.(البقره: 2/285-133، آل عمران: 3/197، النساء: 4/162) جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ ۽ ڪتاب الله جي حڪمن موجب فيصلا نٿا ڪن، انهن کي آيت 45- 44 ۽ آيت 47 ۾ ڪافر، ظالم ۽ فاسق سڏيو ويو، ڇوته اهي ماڻهو خدا جي حڪم جا انڪار ڪندڙ (ڪافر) ۽ عدل و انصاف جا دشمن (ظالم) ۽ اطاعت کان منهن موڙيندڙ (فاسق) آهن.

وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ الْكِتٰبِ وَمُهَيْمِنًا عَلَيْهِ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ عَمَّا جَآءَكَ مِنَ الْحَقِّ ؕ لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنْكُمْ شِرْعَةً وَّمِنْهَاجًا ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ لِّيَبْلُوَكُمْ فِیْ مَآ اٰتٰىكُمْ فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ؕ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿۴۸﴾

(جڏهن پويان سمورا آسماني صحيفا، ڪتاب پنهنجي اصلي حالت ۾ نه رهيا ۽ مشيت ايزدي جي پروگرام موجب اهو وقت اچي ويو ته پوري نوع انسان لاءِ هڪڙو مڪمل دستور حيات ڏنو وڃي، جيڪو هميشه لاءِ انهن جي رهنمائي ڪري وحيءَ جي ان سلسلي ۾) اسان تو ڏانهن هي ڪتاب نازل ڪيو آهي، جو سراپا حق آهي. هن کان اڳ آيل ڪتابن جي تعليم جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ ان پوري تعليم جو نگران ۽ محافظ آهي. توهان ماڻهن جا فيصلا انهيءَ مطابق ڪريو، جيڪي احڪام الله نازل ڪيا آهن. ماڻهن جي خواهشات ۽ خيالن جي پيروي نه ڪريو. توهان کي به هڪ شريعت تي هلائڻ بدران وقت جي تقاضائن مطابق اوهان مان هر هڪ لاءِ الڳ شريعت ۽ هڪ لائحہ عمل مقرر ڪيو آهي. الله گهري ها ته توهان سيني کي هڪ امت ڪري ڇڏي ها. پر هن ائين نه ڪيو ته جيئن هو توهان کي ان ۾ آزمائي جيڪو ڪجهه اوهان کي ڏنو ويو آهي، سو

**نيڪيءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ (سبقت ڪرڻ) جي ڪوشش ڪريو. اوهان سڀني کي الله طرف ئي ورڻو آهي. پوءِ هو توهان کي اهي سڀ شيون ٻڌائي ڇڏيندو، جنهن ۾ اوهان اختلاف ڪندا هئا. (48)**

هاڻي جڏهن انهن سمورن ڪتابن کان بعد جيڪي پنهنجي اصلي حالت ۾ نہ رهيا آهن ۽ مشيئت خداوندي جي نظام مطابق اهو وقت اچي ويو آهي تہ پوري نوع انسان جي رهنمائي لاءِ هميشہ رهڻ وارو زندگيءَ جو اهڙو مڪمل نظام ڏنو وڃي، جو هر دور ۾ هر قوم لاءِ يڪسان هدايت ۽ رهبري جو ڪم ڪري، ان ڪري اي نبي مڪرم ﷺ! هي ڪتاب (قرآن) توتي نازل ڪيو آهي، جيڪو حق ۽ سچائيءَ جو ترجمان آهي ۽ انهن تمام حڪمن جي تصديق ڪري ٿو، جيڪو ڪجهہ هن کان اڳ جي نازل ڪيل ڪتابن ۾ مذڪور آهي ۽ انهن تي نگران ۽ محافظ جو ڪردار ادا ڪري ٿو تہ جيئن اهي سنهري اصول هميشہ جي لاءِ قائم رهن ۽ انهن ۾ ترميم يا تبديل ڪرڻ جي ضرورت نہ رهي. ان ڪري توکي گهرجي تہ ان مطابق ماڻهن جا فيصلا ڪرين ۽ جيڪا سچائي توتي نازل ٿي آهي، ان کي ڇڏي ماڻهن جي خواهش جي پيروي نہ ڪرين. اوهان مان هر جماعت لاءِ زندگي سڌي رستي تي گذارڻ لاءِ شريعت ۽ منهاج مقرر آهي. ياد رهي تہ اصل کان دين، دين اسلام آهي. ”شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ“ (الشوریٰ: 13/42) حديث شريف ۾ آهي: ”اَلْاَنْبِيَاءُ اِخْوَةٌ لِّعُلَّاتٍ اُمَّهَاتُهُمْ شَتّٰى وَ دِيْنُهُمْ وَاحِدٌ“ (صحيح بخاري) سمورا انبياءِ ڪرام علاتي ڀائر آهن، هنن جون مائرون (شريعتون) مختلف آهن، پر دين هڪ آهي. جنهن جا بنيادي احڪام ساڳيا آهن، پر هر دور ۾ ان وقت جي ۽ ماڻهن جي سماجي، معاشي، معاشرتي ۽ انتظامي حالتن مطابق شريعت، منهاج ۽ احڪام ڏنا آهن. انساني زندگي پٿر جي دور کان راڪيٽ، ميزائيل ۽ ايٽم بم جي دنيا ۾ داخل ٿي آهي، ان ڪري ماڻهن جي تهذيب ۽ تمدن تبديل ٿيندي رهي آهي، پر تمام انبياءِ ڪرام جو دين ۽ پيغام، توحيد ۽ آخرت تي ايمان اٽل آهي، باقي معاشرتي قانون يا شريعت وقت ماحول ۽ انساني سطح ۽ سهولتن موجب عمل صالح ڪرڻ لاءِ تبديل ٿيندي رهي آهي، ان ڪري قرآن لاءِ چيو ويو تہ هي سراپا حق آهي، جنهن ۾ ڪا خامي ناهي، جيڪو پوين سمورن ڪتابن جي

صحيح هجڻ جي تصديق ڪري ٿو ۽ انهن سمورن ڪتابن جي بنيادي تعليم ۽ حڪمن جو محافظ آهي. اصل (دين) ۾ ڪوبہ فرق ناهي، پر فرع (شريعت) ۾ ڪمي بيشي آهي. (البقره: 62/2، المائده: 69/5) جو تہ انسان کي باقي ڪائنات وانگر هڪ طريقي تي رهڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو ويو آهي. اسان انسانن کي آزادي ۽ اختيار جي رعايت ڏني آهي تہ اهي پنهنجي عقل سليم کي استعمال ڪندي، پنهنجي راهہ مقرر ڪن. جيڪڏهن الله گهري ها تہ سمورن انسانن کي هم خيال هڪ امت بنائي ڇڏي ها ۽ مختلف شريعتن ۽ طريقن جو اختلاف پيدا نہ ٿئي ها. (البقره: 213/2، المائده: 69/5، الحج: 17/22) پر ائين نہ ڪيو آهي، ڇو تہ جو ڪجهہ ڪيو آهي، اهو اوهان جي حالتن، ضرورتن، استطاعت ۽ وقت جي تقاضائن مطابق ڪيو آهي، تہ جيئن اوهان کي طلب ۽ ترقي جي آزمائش وارن مرحلن کان گذاري منزل مقصود تي پهچائي، جنهن ۾ سخت مصيبتن ۽ مشڪلاتن مان گذرڻو پوي ٿو. (البقره: 155/2، آل عمران: 179/3-186، الانفال: 25/8) ان ڪري هميشہ نيڪي جي رستي تي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا رهو. سمورين شريعتن جو اصل مقصد بہ اهو ئي آهي، اوهان سيني کي آخرڪار الله جي آڏو هڪ ملزم جي حيثيت ۾ پيش ٿيڻو آهي. ان وقت الله تعالىٰ اوهان کي اوهان جي هڪ ٻئي خلاف اختلاف جي حقيقت ظاهر ڪندو ياد رهي تہ دين هميشہ هڪ آهي، يعني خدا پرستي ۽ نيڪ عملي جو قانون، شرع ۽ منهاج ان اصل يعني دين جو وقت ۽ حالتن مطابق زندگي بسر ڪرڻ جو طريقو آهي.(البقره: 213/2، آل عمران: 85/3-19-64) تمام انبياءِ ڪرام جو دين هڪ آهي. "اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ" (آل عمران: 19/3) الله وٽ اسلام ئي دين آهي. "وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ" (آل عمران: 85/3) جيڪو بہ اسلام کان سواءِ ٻيو دين طلب ڪندو، اهو ان کان هرگز قبول نہ ڪيو ويندو ۽ آخرت ۾ اهو خساري وارن ۾ هوندو.

وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ وَ احْذَرْهُمْ اَنْ يَّفْتِنُوْكَ عَنْۢ بَعْضِ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمْ اَنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّصِيْبَهُمْ بِبَعْضِ ذُنُوْبِهِمْ ؕ وَ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ

لَفٰسِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ؕ وَ مَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا
لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع

۽ انهن جو فيصلو ان قانون موجب ڪريو، جيڪو الله نازل ڪرڻ فرمايو آهي ۽ هنن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪريو. انهن جي شر ڪان هوشيار رهو. مبادا هي ماڻهو توکي هدايت جي ڪنهن حڪم تي بهڪائي ڇڏين، جيڪو الله تو ڏانهن نازل ڪيو آهي، جيڪڏهن ان هوندي بہ منهن موڙين تاتہ الله انهن کي سندن گناهن جي سزا ڏيڻ گهري ٿو. حقيقت اها آهي تہ هنن ماڻهن جي اڪثريت نافرمان آهي. (49) ڇا هي ماڻهو دور جهالت وارو قانون (نظام حيات) گهرن ٿا، حالانڪہ حق ۽ سچائي تي يقين رکڻ واري قوم لاءِ حڪم ڏيڻ وارو الله ڪان بهتر ڪير تي سگهي ٿو.(50)

اي نبي مڪرم ﷺ هنن ماڻهن جي درميان فيصلا انهيءَ ڪتاب جي مطابق ڪريو ، جيڪو الله تعالىٰ اوهان طرف نازل ڪيو آهي. هنن جي خواهش ۽ ذاتي مفادن ڏي ڌيان نہ ڌريو، نهايت خبرداريءَ سان خيال ڪريو تہ جيئن خدا پاران جو ڪجهہ نازل ٿيو آهي، ان حڪم جي تعميل يا نفاذ ۾ ڪنهن بہ قسم جي هير ڦير لاءِ ڪو فتنو نہ پيدا ڪن، تو پاران ڪين صحيح حقيقت بيان ڪرڻ بعد هو انهيءَ تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ ان ڪان منهن موڙين تا ۽ حڪم الاهي مڃڻ ڪان انڪار ڪن تا تہ گويا هو مشيت ۽ قانون خداوندي مطابق پاڻ لاءِ مصيبتون پيدا ڪن تا ۽ خدا جي عذاب جا حقدار ٿين ٿا، جيڪو سخت شديد آهي. "اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ " (البروج: 12/85) حقيقت اها آهي تہ هنن ۾ گهڻا ماڻهو احڪام الاهي جا نافرمان آهن. هي حڪم الاهي جا ان ڪري انڪاري آهن، جو هو اسلام ڪان اڳ جهالت وارو نظام گهرن ٿا، حالانڪہ احڪام الاهي انسانن جي اصلاح ۽ مفاد لاءِ آهن، پر هو علم و بصيرت ڪان وانجها آهن ۽ جهالت جا رسم و رواج اپنائڻ گهرن ٿا حالانڪہ يقين ڪرڻ وارن لاءِ الله جي حڪمن ڪان وڌيڪ ڪجهہ نہ آهي، جو صحيح ۽ سود مند حڪم ڏئي ٿو. پر اهڙي واضح ۽ سود مند نصيحت کي ڇڏي، سراپا خساري ۽ گمراهي واري جهالت جي دور جي رسمن کي جاري رکڻ گهرن ٿا، ياد رهي تہ هت جاهليت

جو لفظ اسلام جي مقابلي ۾ آيو آهي ۽ اسلام تہ امن، سڪون بهتري ۽ ڀلائي جو حڪم ڏئي ٿو، پر هو ان حڪم کي مڃڻ بدران جهالت واري زندگيءَ جاري رکڻ گهرن ٿا. ان ڪري اسلام کان اڳ واري دور کي ”دور جاهليت“ سڏيو ويو آهي. اسلام ۾ الله طرفان وحي، رسول ۽ ڪتاب نازل ڪيا ويا، جن ۾ انسانن جي خيرخواهي، بهتري ۽ ڀلائي ۽ بهبود جو مقام آهي. جهالت خدائي حڪمن جي خلاف هلندڙ نظام جو نالو آهي، جنهن ۾ ظلم، زيادتي، جبر، ڏاڍ جي حڪمراني هوندي آهي، ان ڪري ان اونداهي دور کي ”دور جاهليت“ سڏيو ويو آهي. حديث شريف ۾ آهي: ”اَبْغَضُ النَّاسِ اِلَى اللّٰهِ عَزَّ وَجَلَّ مُبْتَغٍ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةَ الْجَاهِلِيَّةِ“ (صحيح بخاري) الله تعالىٰ وٽ سڀ کان زياده ناپسنديده اهو شخص آهي، جيڪو اسلام ۾ جاهليت جي طريقي جو متلاشي هجي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْيَهُوْدَ وَالنَّصٰرٰٓى اَوْلِيَآءَ ۘ بَعْضُهُمْ وقف لازم / وقف النبي صلى الله عليه وسلم
اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۭ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاِنَّهٗ مِنْهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي
الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥١﴾ فَتَرَى الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يُّسَارِعُوْنَ فِيْهِمْ
يَقُوْلُوْنَ نَخْشٰٓى اَنْ تُصِيْبَنَا دَآئِرَةٌ ۭ فَعَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِيَ بِالْفَتْحِ
اَوْ اَمْرٍ مِّنْ عِنْدِهٖ فَيُصْبِحُوْا عَلٰى مَآ اَسَرُّوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ نٰدِمِيْنَ ﴿٥٢﴾ وَيَقُوْلُ
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ اِنَّهُمْ لَمَعَكُمْ ۭ الثلثة
حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَاَصْبَحُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٥٣﴾

مؤمنو! توهان يهود ۽ نصاراىٰ کي دوست نہ بڻايو. اهي هڪ ٻئي جا دوست آهن (ياد رکو تہ هن تنبيهہ ۽ ياد ڏهاني باوجود) جيڪڏهن اوهان مان ڪو بہ هنن سان دوستي ڪري ٿو تہ پوءِ ان جو شمار انهن يهودو نصاراىٰ جي ٽولي سان هوندو. حقيقت اها آهي تہ الله اهڙن ظالمن کي ڪڏهن بہ هدايت سان نٿو نوازي.(51) ان ڪري اوهان ڏسو ٿا تہ جن جي دلين ۾ (نفاق جي) بيماري آهي، اهي انهن

جي دوستي لاءِ هنن ڏانهن پڄندا وڃن ٿا. چون ٿا، اسان کي ڊپ آهي تہ (اهل ڪتاب سان ڦٽائي) ڪنهن مصيبت ۾ نہ مبتلا ٿي وڃون (ان ڪري هو مسلمانن ۽ مخالفن سان دوستي رکن ٿا) عين ممڪن آهي تہ الله تعالىٰ (توهان کي) فتح سان همڪنار ڪري يا ٻي ڪا اهڙي (مسلمانن جي حق ۾) خبر ظاهر ڪري جو هنن منافقن کي پنهنجي پوشيده دلي راز تي پڇتائڻو پئجي وڃي.(52) يقينًا هنن سان ائين ئي ٿيندو. ان وقت مؤمن چوندا تہ ڇا هي اهي ئي آهن، جيڪي الله جي (پاڪ) نالي جو قسم کڻي يقين ڏياريندا هئا تہ هي توهان (مومنن) سان گڏ آهن. هنن جي ڪرتوتن سبب سندن سمورا اعمال ضايع ٿي ويا ۽ هو نامراد رهجي ويا. (53)

---

مسلمانو! اوهان آڏو يهود ۽ نصارىٰ جي اصليت ۽ حقيقت کلي ظاهر ٿي چڪي آهي. هي بہ مڪي جي مشرڪن وانگر توهان جي دشمنيءَ ۾ سرگرم ٿي ويا آهن، انهن کي پنهنجو رفيق ۽ مددگار نہ بڻايو. اوهان قانون الاهي جا پيروڪار ۽ پابند آهيو، جڏهن تہ هو حق ۽ سچ واري انهيءَ پوري نظام جا انڪاري ۽ مخالف آهن، اوهان جو هنن سان ڪو جوڙ ناهي، ان ڪري هنن کي ڪڏهن بہ پنهنجو دلي دوست ۽ همراز نہ بڻايو. اهي پاڻ ۾ هڪٻئي جا دوست ۽ خيرخواهہ آهن. (المائده: 51/5) هن وضاحت ۽ صريح حڪم کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪو اوهان مان هنن سان دوستي وارا لاڳاپا رکندو رفيق ۽ دوست بڻائيندو تہ ان جو شمار انهن منڪرن جي ٽولي ۾ ٿيندو، جيڪو بہ ماڻهو ڄاڻي ٻجهي غلط روش اختيار ڪندو اهو سڌي رستي تي ڪيئن اچي سگهندو. الله اهڙي نافرمان ٽولي تي ڪاميابي ۽ سعادت جي راهہ نٿو کولي. (آل عمران: 118/3، المائده: 56/5-57، التوبه: 71/9، المجادله: 22/58، الممتحنه: 1/60)

هاڻي منافقن جي هڪ گروهہ جي روش کي بي نقاب ڪيو ٿو وڃي، جو هڪ وقت ۾ ٻن ٻيڙين تي سوار ٿيڻ جا خواهشمند آهن. هنن الله عزوجل ۽ رسول الله ﷺ تي دل جي سچائيءَ سان ايمان ڪونہ آندو هيو، جنهن ڪري هو اسلام ۾ ”اُدْخُلُوْا فِي السِّلْمِ

كَآفَّةً" وارا مسلمان نہ هيا. ظاهر ۾ ڪلمه گو هيا، پر باطن ۾ ڪفر سان وابستہ هيا. اسلام ۽ ڪفر جي ڪشمڪش جي انتظار ۾ هيا تہ جنهن جي فتح ٿي، ان سان ملي وڃن. هي خودفريبيءَ جي مصلحت جا شڪار آهن. اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّينَ ﷺ جن ماڻهن جي دلين ۾ منافقت وارو مرض موجود آهي، انهن کي ڏسندين تہ اهي يهود ۽ نصاريٰ طرف دوستي لاءِ ڪيئن ڊوڙندا وڃن ٿا ۽ اهو عذر پيش ڪن ٿا تہ جيڪڏهن هنن سان دوستي نہ رکبي ۽ تعلقات ٽوڙي ڇڏبا تہ ڪنهن مصيبت جي چڪر ۾ ڦاسي ويندا سون. تون هنن جون اهي لغو ۽ لايعني (فضول، بي مقصد) ڳالهيون ٻڌندو رهہ ۽ تون ڏسندين تہ اهو وقت پري ناهي جو توکي فيصلاڪن ڪاميابي حاصل ٿي ويندي يا توکي الله جي طرفان ڪاميابي ۽ غلبي جي ڪا ٻي نويد ملندي ۽ جلد ظاهر ٿيندي. ان وقت اهي منافق پنهنجي انهن لڪل منافقت تي جيڪا هنن پنهنجن دلين ۾ لڪائي رکي آهي گهڻو شرمسار ٿيندا.

ياد رهي تہ هي اهو دور هو جنهن ۾ مسلمانن جو پوري جزيره عرب تي اڃان قبضو نہ ٿيو هو، پر مسلمانن جي جان فروشي سبب هڪ متوازن طاقت تي ويا هئا ۽ ان وقت ڪافر، مشرڪ، يهود ۽ نصاريٰ بہ برابر برابر جي ٽڪر ۾ موجود هئا. پر مال، دولت، باغ، سرسبز کيت هنن وٽ هئا ۽ سودي نظام جي ڪري پوري قوم هنن وٽ گروي ٿيل هئي. اهڙي حالت ۾ ڪجهہ ڪچا مسلمان خدا جي منع ڪرڻ باوجود يهودين ۽ ڪافرن سان دوستي رکندا هئا تہ اگر مسلمانن کي شڪست ملي تہ هو ڪافرن جي عذاب کان محفوظ رهن، پر اهو وقت پري ناهي، جو جڏهن مسلمانن کي فتح نصيب ٿيندي يا الله اهڙو ڪو ٻيو معجزو ظاهر ڪري، جنهن ۾ مسلمانن کي غلبو نصيب ٿئي ۽ ڪافر محڪوم ۽ مغلوب ٿي وڃن ۽ هنن منافقن کي پنهنجي روش تي ٻڏائڻو پوي تہ اسان کان غلطي ٿي وئي آهي، اسان کي معاف ڪريو. ان وقت ايمان جي دولت وارا مؤمن چوندا تہ هي اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي ڪلم ڪلا وڏي واڪ خدا جا قسم کڻي چوندا هئا، اسان اوهان مؤمنن سان ساٿ ۾ آهيون، حالانڪہ اهي منافق ڪوڙ هڻندا هئا ۽ دشمنن جا ساٿي هئا. ان ڪري هنن جا سمورا اعمال انهيءَ منافقت واري ڪوڙي روش سبب برباد ۽ تباهہ ٿي ويندا ۽ اهي وڏي خساري ۽ نقصان وارا هوندا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِي اللّٰهُ
بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ز
يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ ؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ
يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۵۴﴾ اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ
وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رٰكِعُوْنَ ﴿۵۵﴾
وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿۵۶﴾ ع ٨ ١٢

مؤمنو! (منافقن جو هي رويو دين کان ڦري وڃڻ جو آهي، ان ڪري ياد رکو) توهان مان جيڪو بہ پنهنجي دين کان مرتد ٿي ويندو (ڦري ويندو) تہ اللّٰه کي هن جي ڪا بہ پرواهہ نہ آهي، ان ڪري جو عنقريب اللّٰه اهڙي قوم کي اڳتي آڻيندو جن سان هو محبت ڪندو ۽ هو اللّٰه سان محبت ڪندا. مسلمانن لاءِ نرم ۽ ڪافرن لاءِ سخت گير هوندا. اللّٰه جي راهہ ۾ جهاد ڪندا ۽ هو (مخالفن پاران) ڪنهن بہ ملامت ڪرڻ واري جي ملامت جي ڪا پرواهہ نہ ڪندا. هي اللّٰه جو فضل آهي هو (پنهنجي قانون مشيت ۽ حڪمت مطابق) جنهن کي گهري ٿو عطا ڪري ٿو. اللّٰه وڏي وسعت جو مالڪ ۽ هر شيءِ جو علم رکڻ وارو آهي.(54) هي منافق ۽ مخالف اوهان جا سڄڻ نہ آهن، اوهان جا دوست تہ حقيقت ۾ اللّٰه ۽ ان جو رسول (عليه التحية والسلام) ۽ اهي مؤمن آهن، جيڪي عجز و نيازمندي، نهٺائي سان اقامت صلوات جو اهتمام ڪن ٿا ۽ (پابندي سان) زڪوات ڏيندا رهن ٿا ۽ اهي (اللّٰه جي حضور عاجزي سان) جهڪندا رهن ٿا.(55) جيڪو شخص، اللّٰه ۽ ان جي رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ۽ سچي دل سان ايمان وارن کي پنهنجو دوست ٺاهيندو تہ (اهو ئي غالب هوندو) ان ڪري جو (هميشہ) اللّٰه جي جماعت ئي غالب هجڻ واري آهي. (56)

پوئين آيت ۾ يهود ۽ نصاريٰ کي دلي دوست ۽ همراز بنائڻ کان ان ڪري روڪيو ويو هو ته متان اوهان هنن جي صحبت ۾ اچي، دين اسلام کان ئي ڦري وري ڪفر ۽ شرڪ جي راهه اختيار ڪريو. خدانخواسته ڪو شخص ايمان آڻڻ بعد ڦري ويندو ته مرتد ٿي ويندؤ. مؤمنؤ! جيڪڏهن ڪو شخص توهان مان پنهنجي دين اسلام تان ڦري ويندو ايمان ۽ احڪام خداوندي جو انڪار ڪندو ته اهو ماڻهو ائين نه سمجهي ته هن جي دين کان انحرافي ڪري دين حق کي ڪو نقصان پهچندو پر هن جي ڦري وڃڻ بعد الله تعالىٰ سچن مؤمنن جي اهڙي جماعت پيدا ڪندو جيڪي الله جي حڪمن جي تابعداري ڪري ان جي نظام کي قائم رکندا ۽ عملي طور الله سان محبت جو اظهار ڪن ٿا ته الله به انهن سان محبت ڪري ٿو ۽ انهن جي زندگي توڙي آخرت خوشگوار بنائي ٿو، انهن جي خصوصيت هوندي ته "اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ" هو مؤمن سان نهايت نرم رويو رکڻ وارا ۽ ڪافرن سان نهايت سخت هوندا. (الفتح 29/48) اهي نيڪوڪار انسان خدا جي مدد تي ڪامل يقين رکن ٿا. هي الله جي جماعت يعني حزب الله آهن ۽ ڪڏهن به ڪافرن وٽ مغلوب ٿيڻ وارا نه آهن.

گزرجا بن کے سیلِ تند رو کوہ و بیاباں سے
گلستان راہ میں آئے تو جوئے نغمہ خواں ہوجا۔ (اقبال)

ہو حلقۂ یاراں تو بریشم کی طرح نرم
رزم حق و باطل ہو تو فولاد ہے مؤمن۔ (اقبال)

دونیم ان کی ٹھوکر سے صحرا و دریا
سمٹ کر پہاڑ ان کی ہیبت سے رائی۔ (اقبال)

اهي الله جي دين جي قيام ۽ استحڪام لاءِ لڳاتار جدوجهد ڪندا رهندا ۽ جان قربان ڪندا. هو انهيءَ راهه ۾ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان خوف نه ڪندا، اهي نوازشون ان قوم لاءِ خاص آهن، جيڪي الله جي راهه ۾ جدوجهد ڪن ٿا ۽ مشيت ۽ قانون خداوندي مطابق ان جو فضل ۽ نوازشون حاصل ڪن ٿا ۽ "جَاهِدُوْا فِي سَبِيْلِ اللّٰهِ حَقَّ

جَهَادِهٖ" جي سچي تصوير هوندا، جن جي رهنمائي الله جل شانه ڪندو. "وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا" (العنڪبوت: 61/29) الله پنهنجي عطائن ۽ عنايتن ۾ وسعت جو مالڪ ۽ هر هڪ جي حال کان پوري طرح واقف هئڻ ڪري هو هر هڪ کي ان جي عمل ۽ ڪوشش مطابق بدلو ڏئي ٿو. مسلمانؤ! ياد رکو ته اوهان جو ڪو ولي وارث رفيق ۽ مددگار آهي (التوبه: 71/9) ته اهو الله آهي. (البقره: 257/2) ۽ ان جو رسول آهي ۽ مؤمنن جي جماعت آهي، جيڪي ماڻهو نماز قائم ڪن ٿا، زڪوات ادا ڪن ٿا ۽ خدا جي حڪمن آڏو هميشه سرنگون رهن ٿا. ياد رکو ته جنهن به الله کي الله جي رسول خاتم النبيين ﷺ کي ۽ مؤمنن کي پنهنجو رفيق ۽ مدد گار بنايو ۽ الله جي جماعت ۾ شامل ٿي ويو، ته اهڙن ماڻهن جي جماعت، جن جون مٿي صفات بيان ڪيون ويون آهن، هميشه ڪامياب ۽ سرخرو رهندي ۽ دشمنن تي هميشه غلبو حاصل ڪندي. اهي حزب الله يعني الله جو لشڪر آهن. (الحشر: 22/59) جيڪو الله جي دين لاءِ سر تري تي رکي لڙي ٿو.

سندس امت سان الفت آل سان اصحاب سان رک تون
ٻين سان دوستي جو هٿ وندبيندين دربدر ٿيندين.

(مشتاق سچاروي)

ايمان صادق ۽ يقين ڪامل هجي ته الله تعالىٰ مسلمانن کي سڀ کان وڏيڪ طاقتور، ناقابلِ تسخير هٿيار ڏنا آهن، جن جو هنن آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. اهي هٿيار هي آهن: (1) الله سان محبت (2) الله جو محبوب ٿيڻ لاءِ اهليت پيدا ڪرڻ يعني خدا ٻانهي جو ۽ ٻانهو خدا جو محبوب هجي. (3) مؤمن لاءِ شفيق ۽ نرم هجڻ (4) ڪافرن لاءِ سخت هجڻ. "اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ" (آل عمران: 3/ 103، الانفال: 8/ 63، الفتح: 48/ 29) (5) الله جي دين لاءِ هرممڪن ڪوشش ڪرڻ. (6) دين جي معاملي ۾ ڪنهن جي ملامت جو خيال نه ڪرڻ.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَكُمْ هُزُوًا وَّ لَعِبًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَالْكُفَّارَ اَوْلِيَآءَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ

اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾ وَ اِذَا نَادَيْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ اتَّخَذُوْهَا هُزُوًا
وَّلَعِبًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ﴿٥٨﴾ قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ هَلْ
تَنْقِمُوْنَ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلُ ۙ
وَ اَنَّ اَكْثَرَكُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٥٩﴾

مؤمنو! توهان کان اڳ جن کي ڪتاب ڏنو ويو (اهل ڪتاب) انهن مان جن ماڻهن توهان جي (سچي) دين کي کل ڀوڳ راند روند ٺاهيو آهي، انهن ۽ ٻين منڪرن سان دوستي نہ رکو. اللّٰه جي صريح حڪمن جي خلاف ورزي ڪرڻ وقت اللّٰه جي گرفت کان ڊڄو جيڪڏهن واقعي اوهان مؤمن آهيو.(57) اوهان ڏسو نٿا تہ اوهان جڏهن نماز لاءِ سڏيو ٿا تہ اهي ماڻهو ان کي کل ڀوڳ ڪري ڇڏين ٿا. هي ان ڪري آهي جو هو بلڪل نادان آهن. (58) (اي نبي مڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) هنن کي چئو تہ اي اهل ڪتاب! ڇا توهان اسان کان هن لاءِ انتقام وٺي رهيا آهيو جو اسان اللّٰه تي ايمان آندو آهي ۽ جيڪو اسان تي نازل ٿيو آهي، ان تي ايمان آندو آهي. ۽ ان تي بہ ايمان رکون ٿا جو هن کان اڳ نازل ڪيو ويو آهي ۽ يقينًا اوهان مان اڪثر فاسق فاجر ٿي ويا آهن. (59)

گذريل آيتن ۾ خاص يهود ۽ نصاريٰ سان دوستي ڪرڻ کان منع هئي، ڇوتہ انهن جي دوستيءَ ۾ اوهان جو دين کان ڦري وڃڻ جو خطرو هيو، جيڪو هڪ وڏو چئلينج هيو. هاڻي هت يهود ۽ نصاريٰ سان گڏ انهن ڪافرن ۽ مشرڪن سان دوستي رکڻ کان روڪيو وڃي ٿو، جيڪي بي عقل اوهان جي دين جو مذاق ڪن ٿا. چٿرون ڪن ٿا، غليظ جملا بڪڻ شروع ڪن ٿا. اوهان جي اذان تي پنهنجي نفرت جو اظهار ڪندي، گوڙ، شور ۽ چٿرون ڪن ٿا، حالانڪ ٿورڙي سمجھ وارو ماڻهو بہ ڪنهن جي عبادت ۾ اهڙو گندو ۽ قبيح ڪم نہ ڪندو آهي. هڪ ملعون شخص جڏهن بہ "اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ" جو

دلنواز، روح پرور آواز ٻڌندو هو تہ چوندو هيو ”حَرِقَ الْكَاذِبُ“ (ڪوڙو، سڙي وڃي) هڪ ڏينهن سندس گهر کي باهہ لڳي. هو پاڻ، سندس خاندان، گهر ۽ ان ۾ موجود سامان سڙي خاڪ ٿي ويو. مسلمانو! يهود و نصاريٰ ۽ ڪافرن مان جن ماڻهن اوهان جي دين کي چٿر، مذاق ۽ رانديڪو بنايو آهي ۽ ان جي تحقير ڪرڻ ۾ پيش پيش آهن، انهن کي اوهان پنهنجو ساٿي ۽ دوست نہ ناهيو. دين ۽ الله جي دشمنن سان دوستي رکڻ واري انجام کان الله جي پناهہ گهرو، پاڻ کي صحبتِ بد کان بچائي رکو. جيڪڏهن اوهان ۾ ايماني غيرت ۽ جذبو آهي تہ پوءِ ضرور هن حڪم تي عمل ڪريو. هي اهي ڪم ظرف انسان آهن، جو جڏهن اوهان نماز لاءِ سڏيو ٿا يا اذان ڏيو ٿا تہ هي ان کي ٺٺولي ۽ کيل تماشو بڻائين ٿا ۽ چٿرون ڪن ٿا، حالانڪ نماز جسماني پاڪيزگي خيالن جي پاڪائي ۽ انساني ڪردار ناهڻ جو اهم ستون آهي. پر هي اهڙي ذليل حرڪت ان ڪري ڪري رهيا آهن، جو اهي سوچ، سمجهہ، عقل ۽ دانش کان عاري آهن. هي بي عقل جيڪي خسيس ۽ ذليل حرڪتون ڪن ٿا، اهي هٺ، ضد، حسد ۽ ساڙ سبب ڪن ٿا. هي اخلاقي طور ايترا تہ پست ۽ بي حس ٿي ويا آهن، جو ڪو بہ هوش وارو ماڻهو خدا جي عبادت ڪرڻ وقت اهڙيون حرڪتون نہ ڪندو آهي. قرآن حڪيم ۾ آهي: ”يَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا مِّنَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَهُمْ عَنِ الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ ۝“ (الروم: 7/30) اهي ماڻهو دنياوي امور ۾ تہ پڙ آهن، پر آخرت کان غافل آهن.

اي پيغمبر حق خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! هنن يهودين کي چئو تہ اي اهل ڪتاب! اسان اوهان جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي ۽ ڪهڙي جرم جي سزا ڏيڻ گهرو ٿا، ڇا انهيءَ لاءِ اهي شرارتون ڪيو ٿا جو اسان الله تعاليٰ تي ايمان آندو آهي ۽ ان حق ۽ سچائي تي ايمان رکون ٿا جيڪو الله طرفان اسان تي نازل ٿيو آهي، يا هن کان اڳ رسولن ڪرام تي نازل ٿيو آهي، جنهن کي اوهان جي اڪثريت ڇڏي فسق و فجور جو رستو اختيار ڪيو آهي. (المائده 51/5 جا حوالا ڏسو.) اسان جو د ين اسلام تہ پوين سمورن ڪتابن، صحيفن جي سچائيءَ جي تصديق ڪري ٿو. هي نئون دين ناهي. هن جي تعليم توريت ۽ انجيل ۾ موجود آهي تہ پوءِ اهڙي ڪتاب ۽ اهڙي دين کي نہ مڃڻ لاءِ اوهان وٽ تہ ڪو دليل ناهي، رڳو هٺ، ضد حسد جي ڪري هن کان انڪار ڪري رهيا آهيو.

قُلْ هَلْ أُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكَ مَثُوْبَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ مَنْ لَّعَنَهُ اللّٰهُ
وَغَضِبَ عَلَيْهِ وَجَعَلَ مِنْهُمُ الْقِرَدَةَ وَالْخَنَازِيْرَ وَعَبَدَ الطَّاغُوْتَ ؕ
أُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّ أَضَلُّ عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٦٠﴾ وَإِذَا جَآءُوْكُمْ
قَالُوْٓا اٰمَنَّا وَ قَدْ دَّخَلُوْا بِالْكُفْرِ وَهُمْ قَدْ خَرَجُوْا بِهٖ ؕ وَاللّٰهُ أَعْلَمُ
بِمَا كَانُوْا يَكْتُمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَتَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يُسَارِعُوْنَ فِي الْإِثْمِ وَالْعُدْوَانِ
وَأَكْلِهِمُ السُّحْتَ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٢﴾

هنن کي چؤ تہ مان اوهان کي ٻڌايان جن جو انجام الله وٽ ان کان بہ برو آهي (جيڪو اوهان برو سمجهو ٿا) هي اهي آهن جن تي الله لعنت ڪئي آهي. جن تي هن جو غضب ٿيو، جن منجهان هن بندر ۽ سوئر ناهيا ۽ جن ماڻهن شيطان جي بندگي ڪئي، هو گهٽيا حيثيت وارا ۽ سڌي رستي کان گهڻو پري پٽڪيل آهن.(60) هي جڏهن تو وٽ اچن ٿا تہ چون ٿا تہ اسان ايمان آندو آهي، حالانڪ ڪفر سان اچن ٿا ۽ ان سان ئي واپس ٿين ٿا. اهو بہ نٿا سمجهن تہ هنن جي دل ۾ لڪايل راز سڀ الله ڄاڻي ٿو(61) توهان پاڻ ڏسو ٿا تہ هنن مان اڪثر حق تلفي، ظلم زيادتي ۽ حرام خوريءَ ۾ سرگرم عمل آهن. ڪيترو نہ برو آهي، جيڪو ڪجهہ هو ڪري رهيا آهن.(62)

اي اهل ڪتاب! اوهان اسان جي خلاف پلي عناد ۽ عداوت ڪريو، ان جو اسان تي ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيندو، انجام انهن جو خراب ٿيندو آهي، جيڪي الله جي قانون خلاف شرارت ۽ سرڪشي ڪندا آهن. انهن جو نتيجو تباهي ۽ بربادي هوندو آهي. اي پيغمبر عليه الصلوات والسلام! هنن کي چؤ تہ مان توهان کي ٻڌايان تہ الله جي حضور بداعمال جي سزا طور ڪير بدتر آهي، هي اهي ماڻهو آهن جن تي خدا لعنت ڪئي ۽ غضب ڪيو

آهي، جن مان انساني خصلتون ختم ٿي ويون هيون ۽ هو ڪردار ۽ سيرت ۾ خنزير ۽ خسيس پولڙا ٿي ويا. (البقره: 65/2) بتن ۽ باطل قوتن جي پوڄا ڪرڻ لڳا، اهي ماڻهو ئي سڌي رستي کان گمراهہ ٿي بدترين مقام تي پهچي ويا ۽ ذلت ۽ محڪومي ۾ مبتلا ٿي ويا. يهودين جي تاريخ خود سري، سرڪشي، عهد شڪني ۽ نافرماني سان ڀري پئي آهي. سندن بار بار نافرمانين جي ڪري بار بار سزا بہ ملندي رهي. مگر هنن جي سڌرڻ جي ڪا بہ اميد نہ رهي، ايتري قدر جو هو خنزير ۽ بندر ٿي ويا، يا انهن جي عادتن ۽ خصلتن جو مظهر ٿي ويا. خود تہ گمراهہ هيا، پر ٻين کي بہ سڌي رستي کان هٽائي گمراهہ ڪرڻ ۾ رذل هئا. اهي ماڻهو جڏهن تنهنجي مجلس ۾ آيا هئا تہ ان وقت بہ ڪفر هنن جي دلين ۾ موجود هو ۽ جڏهن مجلس مان اٿي هليا ويا تہ ايمان سان نہ ويا، پر جنهن ڪفر سان آيا هئا، اهو ڪفر گڏ ڪٽي ويا. (البقره:13/2) هو جاسوسيءَ لاءِ آيا هئا يا جو ڪجهہ نصيحت ٻڌن ان کي ٽوڙي مروڙي غلط نموني بيان ڪن، حالانڪ ڪين خبر آهي تہ انهن خيانتي ۽ شرارتي حرڪتن مان هنن کي ڪجهہ هٿ حاصل نہ آهي. پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن مان جو ڪجهہ دل ۾ لڪائي رکن ٿا ان کان الله پوري طرح باخبر آهي. هو ظاهري طور تي ايمان جي دعویٰ ڪن ٿا، سندن اهڙي دعویٰ تي افسوس آهي ڇو تہ تون هنن مان اڪثر کي ڏسندين تہ اهي گناهہ ڪرڻ سرڪشي ڏيکارڻ ۽ حرام کائڻ ۾ سڀ کان تيز ۽ اڳرا آهن. افسوس آهي ان ڪار گذاري ۽ ڪارنامن تي جيڪي اهي ڪن ٿا.

لَوۡلَا يَنۡهٰىهُمُ الرَّبّٰنِيُّوۡنَ وَالۡاَحۡبَارُ عَنۡ قَوۡلِهِمُ الۡاِثۡمَ وَ اَكۡلِهِمُ السُّحۡتَ ؕ
لَبِئۡسَ مَا كَانُوۡا يَصۡنَعُوۡنَ ﴿٦٣﴾ وَقَالَتِ الۡيَهُوۡدُ يَدُ اللّٰهِ مَغۡلُوۡلَةٌ ؕ غُلَّتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ
وَلُعِنُوۡا بِمَا قَالُوۡا ۘ بَلۡ يَدٰهُ مَبۡسُوۡطَتٰنِ ۙ يُنۡفِقُ كَيۡفَ يَشَآءُ ؕ وَ لَيَزِيۡدَنَّ وقف لازم
كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ مَّاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ طُغۡيَانًا وَّكُفۡرًا ؕ وَ اَلۡقَيۡنَا بَيۡنَهُمُ
الۡعَدَاوَةَ وَالۡبَغۡضَآءَ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ ؕ كُلَّمَاۤ اَوۡقَدُوۡا نَارًا لِّلۡحَرۡبِ اَطۡفَاَهَا
اللّٰهُ ۙ وَيَسۡعَوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ فَسَادًا ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الۡمُفۡسِدِيۡنَ ﴿٦٤﴾

هي جنهن بري عمل ۾ رڌل آهن تہ ڪين سندن علماءِ ۽ فقيه، انهي گناهہ جي ڪمن ڪرڻ ۽ حرام کائڻ کان ڇو نٿا منع ڪن(63) يهودي چون ٿا تہ الله جا هٿ ٻڌل آهن(ڪنجوس آهي جو مسلمانن کي چوي ٿو تہ مون کي قرض حسنہ ڏيو ۽ خرچ ڪريو.) درحقيقت هنن جا پنهنجا هٿ ٻڌل آهن، اهڙي گستاخيءَ واري قول تي هنن مٿان لعنت هجي، جو ڪجهہ هو چون ٿا، ائين هرگز نہ آهي. هن (الله) جا تہ ٻئي هٿ (جود وسخا لاءِ) ڪليل آهن. جهڙي طرح گهري ٿو عطا ڪري ٿو. اي حبيب خَاتَمَ النَّبِيِّينَ ﷺ جيڪو ڪتاب تو تي الله طرفان نازل ٿيو آهي. اهو يقينًا هنن جي اڪثر ماڻهن جي ضد سبب ڪين سرڪشي ۽ ڪفر ۾ هدايت نہ پر اضافي جو سبب بڻبو. اسان قيامت جي ڏينهن تائين هنن اندر دشمني ۽ عداوت وڌي آهي. هي جڏهن بہ جنگ جي باهہ ڀڙڪائين ٿا تہ الله ان کي وسائي ڇڏي ٿو. هي تہ هميشہ بغاوت ۽ فساد برپا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. مگر الله هنن فساد ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.(64)

---

علامه بيضاوي رحمة الله عليه لکي ٿو تہ ”لَوْلَا“ جيڪڏهن ماضيءَ جي صيغي تي داخل ٿئي تہ پوءِ تنبيه ۽ توبيخ آهي، پر جيڪڏهن فعل مضارع تي اچي تہ پوءِ ڪنهن ڪم تي همٿائڻ، ترغيب ڏيڻ ۽ زور ڏيڻ آهي. هٿ بہ آهي تہ يهود جا علماءِ ۽ مشائخ پنهنجي فرض منصبي ۾ ڪوتاهيءَ جا شڪار ٿيو آهن، ڇو نٿا پنهنجو فرض ادا ڪن ۽ ڇو نٿا ماڻهن کي راهِ راست تي آڻڻ جي ڪوشش ڪن. هنن جي عالمن ۽ مشائخ کي ڇا ٿي ويو آهي، جو هو هنن کي ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ حرام مال کائڻ کان منع نٿا ڪن، حالانڪ هو هنن جي انهن براين جو مشاهدو بہ ڪندا رهن ٿا. ڪيترو نہ برو ڪاروبار هي ڪري رهيا آهن، جيڪو تباهي ۽ بربادي وارو آهي. جڏهن هو اهو ڏسن ٿا تہ مسلمان هڪ ٻئي کي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏئي رهيا آهن تہ يهودي چٿرون ڪن ٿا تہ هنن مسلمانن جي خدا جو اهو حال آهي جو هو ماڻهن کان مالي مدد گهري ٿو ۽ قرض وٺي ٿو، ڇا هن جا هٿ ٻڌل آهن (يعني معاذالله هو بخيل آهي) اهو ساڳيو بيان سوره آل عمران: 3/181 ۾ آهي تہ ”قَالُوٓا اِنَّ اللّٰهَ فَقِيْرٌ

وَّنَحۡنُ اَغۡنِيَآءُ“ الله فقير آهي ۽ اسان يهودي مالدار ۽ غني آهيون. تڏهن ته مسلمان اسان کي به چون ٿا ته خدا جي مدد ڪري، ڪيس قرض ڏيو.

ياد رهي ته يهودي نهايت خوشحال، مالدار ۽ مغرور هيا. حقيقت اها آهي ته هٿ ته انهن (يهودين) جا ٻڌا ويا آهن جو حد درجي جا بخيل ۽ ڪنجوس آهن، انسان برادري جي فلاح ۽ بهبود تي خرچ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. هنن جي انهيءَ بد زبانيءَ ڪري خدا مٿن لعنت ڪئي آهي. يهودي چون ٿا ته توريت کان پوءِ ڪوبه آسماني ڪتاب نٿو اچي سگهي ۽ نه وري بني اسرائيل کان سواءِ ڪنهن به ٻئي قوم کي برڪت ۽ سعادت ملي سگهي ٿي. خدا جي خزاني ۾ پئسا آهن، پر هاڻي بني اسرائيل کان سواءِ ٻين کي ڏيڻ کان سندس هٿ (مبارڪ) بند آهن. حالانڪ حقيقت اها آهي ته هو ٻين کي ان سعادت ۽ برڪت سان نوازڻ لاءِ ”يَدَاهُ مَبۡسُوۡطَتَانِ“ الله جا ٻئي هٿ جود و سخا عطا ۽ بخشش لاءِ هميشه ڪشاده ۽ کليل آهن. سندس مشيت ۽ قانون خداوندي مطابق کليل رهن ٿا. هو جهڙي طرح گهري ٿو پنهنجي فضل و ڪرم سان بخشش ۽ عطا جي خزانن جا منهن کولي ٿو. پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ جن فرمايو ته اهو ان ڪري آهي جو الله جي طرفان جو ڪجهه اوهان تي نازل ٿيو آهي، هي ان مان هدايت ۽ رهنمائي وٺڻ وارا نه آهن. ان ڪري هنن مان ڪيترن جي سرڪشي ۽ ڪفر گمراهيءَ ۾ واڌارو آڻي ڇڏيو آهي. هنن جي انهي جهالت ۽ سرڪشي ۽ ضد سبب هنن ۾ هڪ ٻئي خلاف عداوت ۽ ڪينو اچي ويو آهي، جيڪو قيامت تائين رڪجڻ وارو نه آهي. ” فَاَغۡرَيۡنَا بَيۡنَهُمُ الۡعَدَاوَةَ وَالۡبَغۡضَآءَ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ‌ؕ وَسَوۡفَ يُنَبِّئُهُمُ اللّٰهُ بِمَا كَانُوۡا يَصۡنَعُوۡنَ○“ (المائده: 14/5) (هنن جي فرقه بنديءَ سبب) اسان هنن ۾ دشمني ۽ نفرت قيامت تائين بيجي ڇڏي هئي. الله ڪين جلد ٻڌائيندو ته هو ڇا ڪندا هيا. جڏهن هو مسلمانن خلاف يا ديني قوتن کي ڪمزور ڪرڻ خاطر لڙائي جي باهه ڀڙڪائين ٿا ته الله انهن جي منصوبن کي ختم ڪري ڇڏي ٿو.(الحج: 40/22) هي ملڪ ۾ فتنو ۽ فساد برپا ڪرڻ گهرن ٿا، جنهن ۾ هنن کي ناڪامي ٿئي ٿي ڇو ته الله تعالیٰ اهڙن فسادين کي پسند ڪرڻ وارو ناهي. اهي هميشه خدا جي ناپسنديدگي ۽ غضب ۾ رهندا. هو سمجهن ٿا ته خدا تي اهڙا الزام لڳائيندا سون ۽ سخت جملا استعمال ڪنداسون ته اسان جي سخت رويي سبب خدا مجبور ٿي اسان جي مدد ۾ ايندو، پر اها هنن جي غلط فهمي آهي. هو اها

گستاخي ڪري پاڻ لاءِ وڏيڪ عذاب گهري رهيا آهن. الله تہ 'اَلصَّمَدُ' (بي پرواهہ)، 'اَلْعَزِيْزُ' (غالب) ۽ 'اَلْقَدِيْرُ' (صاحب قدرت) آهي. هو انهن الزامن کان پاڪ صاف ۽ بي پرواهہ ۽ بي نياز آهي. سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم.

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْكِتٰبِ اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا لَكَفَّرْنَا عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاَدْخَلْنٰهُمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٦٥﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا التَّوْرٰىةَ وَ الْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ مِّنْ رَّبِّهِمْ لَاَكَلُوْا مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ ط مِنْهُمْ اُمَّةٌ مُّقْتَصِدَةٌ ط وَ كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ سَآءَ مَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ ع ١٣

(پنهنجي ضد ۽ هٺ واري روش کي ڇڏي) جيڪڏهن هي اهل ڪتاب (حضرت محمد مصطفیٰ خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ تي) ايمان آڻين ها ۽ تقويٰ اختيار ڪن ها تہ ان جي صلي ۾ اسان هنن جون برائيون هنن کان دور هٽائي ڇڏيون ها ۽ يقينًا انهن کي راحت وارن باغن ۾ رکون ها. (65) پر جيڪڏهن هنن جي قوم تورات ۽ انجيل ۾ جو ڪجهہ انهن تي نازل ڪيو ويو هو، ان تي پوري طرح عمل درآمد سان قائم رهي ها تہ مالي وسيلن جي فرواني سبب هو هر طرف يعني پنهنجي مٿان ۽ پنهنجي پيرن هيٺان رزق حاصل ڪن ها. هن ۾ هڪ جماعت اهڙي آهي، جيڪا درمياني(صحيح سچائي واري) رستي تي قائم آهي، پر انهن جي اڪثريت جا عمل نهايت برا آهن. (66)

هنن جي انهن بد اعمالين باوجود اسان هنن تي خوشحالي ۽ نيڪ بختي جا هميشہ لاءِ دروازا بند نہ ڪري ڇڏيا آهن، جيڪڏهن هاڻي بہ اهل ڪتاب قرآن مجيد ۽ الله جي رسول ﷺ تي ايمان آڻين، گمراهي ۽ سرڪشي ڇڏي اطاعت ۽ تقويٰ اختيار ڪن، پاڻ کي معاصي جي رستي کان بچائين تہ اسان ضرور هنن جون خطائون ميٽي ڇڏينداسون. يعني سندن ڪيل ڏوهن جا برا اثر هٽائي ڇڏينداسون ۽ ڪين نعمت ۽ خوشحالي وارن جنت جي

خوشگوار باغن ۾ داخل ڪنداسون. هي آخرت جي نعمتن ۽ هن دنيا جي راحت ۽ آرام جو وعدو ان وقت جي يهودين ۽ اهل ڪتاب لاءِ خاص پرڪشش نويد هئي. (البقره: 2/137-91، النساءِ: 4/171، المائده: 5/104، الاعراف: 7/157، التوبه: 9/80، ابراهيم: 14/31، مُحمّد: 2/47) پر هنن ايمان ۽ نيڪ عمل واري هدايت جي راهه ڇڏي سرڪشي ۽ نافرماني جو رستو اختيار ڪيو آهي. ان ڪري هو خدا جي رحمتن کان محروم ٿي ويا آهن. هنن کان اڳ به هنن تي عذاب الاهي انهيءَ ڪري ايندو رهيو آهي جو خدا پاران نازل ڪيل ڪتابن توريت ۽ انجيل جيڪي سراپا سچائيءَ جا شاهڪار هئا، انهن جي تعليم تي قائم نه رهيا، پر جيڪڏهن انهن صحيفن تي سچي دل سان عمل ڪن ها ته مٿن زمين ۽ آسمان جي برڪتن ۽ نوازشن جا دروازا کلي وڃن ها ۽ هر طرف کان رزق ۽ خوشحاليءَ جا انبار لڳي وڃن ها. (الاعراف: 7/96-94-40، الطلاق: 65/11) هنن ۾ هڪ ٿولهو ميانه روي تي آهي، باقي اڪثر ماڻهو جيڪو ڪجهه ڪن ٿا، اهو برائي ئي برائي آهي، اهڙي طرح هنن کان هي سنهري موقعو به هليو ويو ۽ قرآن مان هدايت حاصل نه ڪرڻ سبب هو اڳئين وانگر برڪتن ۽ رحمتن کان محروم رهيا ۽ برائي ۽ بدحالي کانسواءِ کين ڪجهه هٿ حاصل نه ٿيو.

يَاَيُّهَا الرَّسُوۡلُ بَلِّغۡ مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ ؕ وَاِنۡ لَّمۡ تَفۡعَلۡ فَمَا بَلَّغۡتَ
رِسَالَتَهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿٦٧﴾
قُلۡ يٰۤاَهۡلَ الۡكِتٰبِ لَسۡتُمۡ عَلٰى شَىۡءٍ حَتّٰى تُقِيۡمُوا التَّوۡرٰىةَ وَالۡاِنۡجِيۡلَ وَمَاۤ
اُنۡزِلَ اِلَيۡكُمۡ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ ؕ وَلَيَزِيۡدَنَّ كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ مَّاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ
رَّبِّكَ طُغۡيَانًا وَّكُفۡرًا ۚ فَلَا تَاۡسَ عَلَى الۡقَوۡمِ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿٦٨﴾

اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪجهه تنهنجي پروردگار پاران نازل ڪيو ويو آهي (بنا هٻڪ) هنن تائين پهچائي ڏي جهڙي طرح پهچائڻ جو حق آهي، پر جيڪڏهن تو ائين نه ڪيو ته ڄڻ تو پالڻهار جو پيغام پهچايو ئي نه آهي. (ان ڪري بنا خوف خطري) فرض منصبي ادا ڪندو رهه. هنن مخالفن کان الله پاڻ

تنهنجي مدد ڪرڻ فرمائيندو. بيشڪ الله هنن ڪافرن ڪي ڪاميابيءَ جو رستو نہ ڏيکاريندو. (67) هنن کي صاف صاف چؤ تہ اي اهل ڪتاب! توهان جي ديني دعوىٰ تيستائين سچي نہ آهي، جيستائين توهان توريت، انجيل ۽ الله پاران بيو جو ڪجهہ نازل ٿيل آهي، ان تي (عملي طور) قائم نہ ٿيو پر هنن جي سڌرڻ بجاءِ) ٿيندو ائين جو توتي نازل ڪتاب (قرآن) انهن مان اڪثر ماڻهن کي (ضد هٺ ۽ حسد سبب) سرڪشي ۽ ڪفر جي طرف مزيد وڌندي پائيندو. سو تون ڪافرن جي هن قوم تي افسوس ڪرڻ ڇڏي ڏي.(68)

جنهن دور ۾ پيغمبر عليه التحية والسلام مبعوث ٿي آيا، ان وقت عرب جي حالت اها هئي تہ سياسي طور تي بدنظمي، انتشار، معاشي طور تي بدحالي، اخلاقي لحاظ سان انسان چوائڻ لاءِ شرمناڪ حرڪتون، شراب نوشي، جوابازي، بدڪاري، سرداري دولتمنديءَ جو ڏهڪاءُ، حميت ۽ غيرت جو جنازو نڪتل، شرڪ، ڪفر جو راڄ، خود ڪعبة الله ۾ 360 بت رکيل، اهڙي گندي، غليظ ۽ خبيث ماحول کي پاڪ صاف ڪرڻ ۽ انسانيت تان انسانن جا وڌل بوجهہ هٽائڻ، سياسي، معاشي، معاشرتي ۽ اخلاقي سڌارا آڻڻ لاءِ هڪ دُرِّ يتيم، صادق امين، رحمة للعالمين کي الله عزوجل مبعوث ڪرڻ فرمايو. کيس ڪتاب (قرآن) ۽ حڪمت سان ڪامل مڪمل ڪري هڪ انڌيري دور جهالت کي علم، حڪمت جي روشنيءَ سان منور ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو تہ اي پيغمبر ﷺ تون هنن جي هٺ، ضد ۽ حسد جو ڪو اونو نہ ڪر. تنهنجي رب جي طرفان جو ڪجهہ توتي نازل ٿيو آهي، سو يڪسان طور خدا جي ٻانهن تائين پهچائيندو رهہ ۽ دشمنن جي مخالفت جي ڪا پرواهہ نہ ڪر، ائين نہ ٿئي جو ڪو ماڻهو پيغام حق پهچڻ کان محروم رهي مري وڃي. (الانعام: 70/6) تنهنجو فريضو هن پيغام کي ماڻهن تائين پهچائڻ آهي. (الرعد: 40/13) جيڪڏهن توهان انهي ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي ۽ خدا جو پيغام ماڻهن تائين نہ پهچايو تہ جڻ رسالت جو فريضو پوري طرح پورو نہ ڪري سگهيا. امان سائنڻ حضرت عائشه صديقه طاهره مطهره رضي الله عنها جو قول آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص اهو گمان ڪري تہ نبي ڪريم ﷺ ڪجهہ لڪايو ڇپايو تہ يقينًا ان شخص ڪوڙ ڳالهايو. پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو: ”بَلِّغُوْا

عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً" هڪ آيت هجي، هڪ حديث هجي، اها ٻين تائين پهچايو. غفلت ڪندڙ لاءِ ارشاد آهي: "مَنْ كَتَمَ عِلْمًا اُلْجِمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ بِلِجَامِ النَّارِ" جيڪو علم کي ڇپائيندو، ان کي قيامت جي ڏينهن باهه جو لغام (لگام) وڌو ويندو. خطبة الوداع ۾ حضور ﷺ حاضرين کان پڇيو ته اوهان جي مون لاءِ ڪهڙي راءِ آهي؟ سمورن يڪزبان ٿي چيو ته "نَشْهَدُ اَنَّكَ قَدْ بَلَّغْتَ وَ اَدَّيْتَ وَ نَصَحْتَ" اي ٻنهي جهانن جا سردار، اسان جا آقا! اسان شاهدي ڏيون ٿا ته توهان الله جو پيغام پهچايو، فرض ادا ڪيو ۽ خيرخواهي ڪرڻ فرمائي. مخالفن جي دشمني جي ڪا به پرواهه نه ڪريو. الله توکي انهن جي شر ۽ شرارت کان محفوظ رکندو.

عرب جا مشرڪ قريش ته مکي زندگيءَ ۾ خدا جي رسول خاتم النبيين ﷺ ۽ سندن مؤمنن جي ننڍڙي جماعت جا سخت مخالف ۽ دشمن هيا. ڪين طرح طرح جو ايذاءُ ۽ اهنج ڏيندا رهندا هيا. مسڪين مؤمنن تي ته ظلم جي قيامت ڪڙڪائي وئي. نبي اڪرم ﷺ کي سخت ايذايو ۽ رنجايو ويو. هجرت بعد مدينه منوره ۾ به يهودين اهو ڄاڻندي ته هي خدا جو سچو رسول ۽ نبي آهي، جنهن جي تصديق توارت ۽ انجيل ۾ ٿيل آهي، پر پنهنجي فرعونيت، غرور ۽ ذاتي مفادن سبب مخالف ٿي ويا. بيشڪ الله تعالىٰ هنن گمراهه ماڻهن جي هدايت ۽ ڪاميابي جي راهه نٿو کولي، جن ڪفر جي راهه اختيار ڪئي آهي. (البقره: 6-75/2) اي پيغمبر حق ﷺ تون اهل ڪتاب کي چؤ ته رڳو زبان سان ايمان جي دعوىٰ ڪرڻ سان اوهان کي ڪو فائدو ڪو نه ٿيندو، جيستائين توهان تورات ۽ انجيل جي حقيقي تعليم جيڪا هينئر قرآن ۾ محفوظ ڪئي وئي آهي، ان کي قائم نٿا ڪيو. ته پوءِ ان کانسواءِ اوهان وٽ ڪهڙو دليل آهي جنهن تي اعتماد ڪيو (المائده: 44/5) اي رسول حق ﷺ جو ڪجهه هينئر توتي نازل ٿيو آهي(قرآن) ان مان نصيحت پرائڻ بدران تون ڏسندين ته هنن جي زيادتي ۽ انڪار وڌي ويندو. هي هدايت قبول ڪرڻ وارا نه آهن، ان ڪري تون هنن جي گمراهه ٿي وڃڻ تي افسوس نه ڪر. (بني اسرائيل: 82/17، حٰم السجده: 44/41)

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ الَّذِيْنَ هَادُوْا وَ الصّٰبِـُٔوْنَ وَ النَّصٰرٰى مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ۞ ٦٩
لَقَدْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ وَ اَرْسَلْنَاۤ اِلَيْهِمْ رُسُلًا ؕ كُلَّمَا جَآءَهُمْ

رَسُوۡلٌۢ بِمَا لَا تَهۡوٰۤی اَنۡفُسُهُمۡ ۙ فَرِيۡقًا كَذَّبُوۡا وَ فَرِيۡقًا يَّقۡتُلُوۡنَ ﴿۷۰﴾
وَحَسِبُوۡۤا اَلَّا تَكُوۡنَ فِتۡنَةٌ فَعَمُوۡا وَ صَمُّوۡا ثُمَّ تَابَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ ثُمَّ
عَمُوۡا وَصَمُّوۡا كَثِيۡرٌ مِّنۡهُمۡ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيۡرٌۢ بِمَا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۷۱﴾

(الله وٽ نجات لاءِ ڪنهن جي به اجاره داري نه آهي پر 'جو وهي سو لهي' موجب) جيڪي ايمان وارا (مومن) آهن (يا ان کان اڳ پنهنجي پنهنجي دور ۾) جيڪي يهودي، صابئي (ستاره پرست) نصاريٰ انهن مان (ان وقت) جن ماڻهن به الله (جي وحدانيت) تي ايمان آندو ۽ قيامت جي ڏينهن تي به ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا ته انهن کي الله جي حضور حاضري وقت نه ڪو خوف هوندو ۽ نه وري غم هوندو. پر حضور خاتم النبيين ﷺ جي بعثت بعد ان تي ايمان آڻڻ لازم آهي. (69) حقيقت اها آهي ته اسان بني اسرائيل کان (دين جي پابندي جو) عهد به ورتو ۽ ان عهد جي ياد ڏهاني لاءِ پيغمبرن جو سلسلو جاري رکيو. پر جيڪڏهن ڪنهن پيغمبر هنن جي خواهش برخلاف ڪجهه انهن کي پيش ڪيو ته ڪنهن کي ڪوڙو قرار ڏنو ته ڪنهن کي (ناحق) قتل ڪري ڇڏيو. (70) ۽ گمان ڪيائون ته انهن کان پڇاڻو ڪونه ٿيندو، انهيءَ ڪري هو حق جي ڳالهه ڏسڻ کان انڌا ۽ ٻڌڻ کان ٻوڙا ٿي ويا، وري به الله انهن کي عنايت ڪري معاف ڪيو. ان کان پوءِ به انهن جي اڪثريت انڌا ۽ ٻوڙا ٿيندا رهيا. هينئر به ساڳيو حال آهي. الله هنن جي اعمال کي ڏسي رهيو آهي.(71)

پوئين آيت ۾ اهل ڪتاب يهود کي توريت ۽ نصاريٰ کي انجيل ۾ چيو ويو ته اوهان پنهنجن ڪتابن کي ڏسو، جيستائين ان جي سچي ۽ حقيقي هدايت تي عمل نٿا ڪريو ۽ ان ڪتابن ۾ ذڪر ٿيل نبي آخر الزمان ﷺ ۽ قرآن جو ذڪر موجود آهي، ان حڪم جي روشنيءَ ۾ خدا جي آخري رسول ﷺ ۽ آخري ڪامل ۽ مڪمل ڪتاب، جيڪو اڳين ڪتابن جي تعليم ۾ وڌيڪ آهي، ان تي ايمان آڻيو، باقي نسل رنگ يا قوم تي فخر ڪرڻ

فضول آهي. سلسلهِ ڪلام مان ظاهر آهي تہ هت ايمان ۽ عمل صالح جو تفصيل بيان ڪرڻ مقصود ناهي، پر يهودين جي ڪوڙي دعوىٰ تہ اسان ابن الله آهيون، الله جا پيارا آهيون، جنت رڳو اسان جو حق آهي، باقي ٻيا سمورا دوزخ جي باهہ لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن. اهل ڪتاب جي اهڙن ڪوڙن دعوائن جي جواب ۾ چيو ويو آهي. (البقره: 137/2) ياد رکو تہ مسلمان هجي، يهودي، صابئي ۽ عيسائي هجي، الله وٽ سندس قوم جماعت يا گروهہ جي بنياد تي ڪاميابي ۽ نجات منحصر نہ آهي، پر ڪير بہ هجي ڪنهن بہ نسل رنگ جو هجي، ڪارو يا گورو عربي يا عجمي هجي، جنهن بہ خدا جي اقتدار اعلىٰ ۽ وحدانيت تي قرآن جي روشني ۾ ايمان آندو، نيڪ عمل ڪيا، براين کان بچيو ۽ آخرت جي هجڻ تي يقين رکي ٿو تہ پوءِ اهڙن ماڻهن کي ڪنهن بہ قسم جو خوف خطرو ۽ حزن و ملال نہ آهي. (البقره: 26/2 ۽ 137، الحج 17/22) وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو: البقره: 62/2 ۽ 137. دراصل توريت، انجيل ۽ ٻين خدائي صحيفن جي تعليم جو مرڪزي نقطو هڪ آهي، ان ڪري تمام ڪتابن تي جيڪي الله تعالىٰ جي طرفان انبياء حضرات تي نازل ٿيا، ان تي يقين سان ايمان آڻبو، قرآن جي نازل ٿيڻ بعد جنهن ۾ ٻين ڪتابن جو جوهر موجود آهي ۽ آخري ڪتاب هجڻ سبب خدا جو آخري پيغام آهي تہ ان تي ايمان آڻڻ ۽ عمل ڪرڻ لازمي آهي. وڌيڪ تفصيل ڏسو (البقره: 62/2) هتان معلوم ٿيو تہ حضور ﷺ جي رسالت تي ايمان آڻڻ ضروري آهي. (النساء: 4/51-52) توڙي ڪٽي توريت، انجيل جي نزول وقت انهن تي ايمان آڻڻ ۽ عمل ڪرڻ بہ لازمي هو، پر حضور ﷺ جي بعثت بعد ان جي رسالت تي ايمان آڻڻ ۽ قرآن واري زندگي اختيار ڪرڻ لازمي آهي. هي حقيقت آهي تہ اسان بني اسرائيل کان عهد ورتو هو تہ هو الله پاران موڪليل هر هر رسول جي هدايت تي ايمان آڻيندا، عمل ڪندا ۽ اطاعت اختيار ڪندا. ان ڪري هڪ کان بعد هڪ رسول سندن رهبري ۽ رهنمائي لاءِ وقت بوقت موڪليندا رهياسون. جڏهن بہ ڪو رسول ڪريم هنن جي هدايت لاءِ حڪم الاهي کڻي آيو، جيڪو هنن جي نفساني خواهشن مطابق نہ هيو تہ پوءِ هنن بعض انبياء جي تعليم کي ڪوڙو سڏيو ۽ بعض انبياء جو قتل ناحق ڪيو. (البقره: 87/2) يهودين جي دعوىٰ هئي تہ اسان الله جي اولاد آهيون، اسان کي جهنم جي باهہ ڇهي بہ نہ سگهندي، اگر دوزخ وڃڻو پيو تہ بہ خير آهي. اهو بہ رڳو بہ چار ڏينهن مر مير ۽ غلاظت جي ختم ٿيڻ سان

وري جنت ۾ هونداسون. (البقره: 80/2) انهيءَ غرور ۽ گهمنڊ سميت هو سمجهندا هئا ته اسان کان ڪو پڇاڻو ڪونه ٿيندو. اسان جو ڪجهه ڪريون درست آهي، انهي ڪري هو گمراهيءَ ۾ حق ڏسڻ لاءِ تيار هئا نه ٻڌڻ لاءِ. هو انڌا ۽ ٻوڙا ٿي ويا هئا. پوءِ به الله تعالىٰ هنن کي مهلت ڏني، جنهن ۾ هنن ۾ ڪجهه سڌارو آيو ته الله مٿن رحمت جي پالوٽ ڪئي، پوءِ به الله هنن تي ڪرم جي نظر ڪرڻ فرمائي. يعني حضور ﷺ جي بعثت مان هنن مدهوش ماڻهن کي هوشيار ڪرڻ لاءِ اسوهِ حسنه جي روشني ڏيکاري، پر ان هوندي به وري ٻيهر انهن مان اڪثر گمراهي ۽ ضلالت ۾ وڪوڙجي حق ۽ سچ ٻڌڻ ڏسڻ کان انڌا ۽ ٻوڙا ٿي ويا. هنن جو خيال هو ته انبياء جي قتل ڪرڻ يا سندن تڪذيب ڪرڻ سان ڪو عذاب نه ايندو. الله هنن جي هر عمل کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ؕ وَ قَالَ الْمَسِيْحُ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبَّكُمْ ؕ اِنَّهٗ مَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ الْجَنَّةَ وَ مَاْوٰىهُ النَّارُ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٧٢﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ ثَالِثُ ثَلٰثَةٍ ۘ وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّآ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ وَاِنْ لَّمْ يَنْتَهُوْا عَمَّا يَقُوْلُوْنَ لَيَمَسَّنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ اَفَلَا يَتُوْبُوْنَ اِلَى اللّٰهِ وَ يَسْتَغْفِرُوْنَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧٤﴾

وقف لازم

حقيقت ۾ انهن ڪفر ڪيو آهي، جيڪي چون ٿا خدا (دراصل) اهو مسيح ابن مريم آهي. حالانڪ مسيح (عليه السلام) چيو هو ته اي بني اسرائيل! الله جي عبادت ڪريو، جيڪو منهنجو به رب آهي ته توهان جو به. (ياد رکو) جيڪو به الله جو ڪنهن کي شريڪ ٻڌائيندو ته ان تي الله جنت حرام ڪري ڇڏي آهي. هن جو مسڪن (ٺڪاڻو) دوزخ آهي ۽ انهن ظالمن جو اتي ڪو به مددگار نه هوندو. (72)

**اهڙي طرح انهن ماڻهن به ڪفر ڪيو آهي، جيڪي چون ٿا ته الله ٽن مان ٽيون آهي. حالانڪه هڪ الله کانسواءِ ڪو به معبود ناهي. جيڪڏهن هي پنهنجين ڳالهين کان باز نه آيا ۽ (اتمام حجت بعد) پنهنجي ڪفر تي قائم رهيا ته هنن کي هڪ نهايت درد ناڪ عذاب اچي پڪڙيندو(73) ڇا هي الله طرف رجوع نه ڪندا ۽ ان کان معافي طلب نه ڪندا. حالانڪه الله مغفرت ڪرڻ وارو آهي ۽ سندس شفقت ابدي آهي.(74)**

---

اهل ڪتاب جي هڪ ٽولي نصاریٰ (عيسائي) جو اهو عقيدو هو ته مريم جو پٽ مسيح عليه السلام خدا آهي، بيشڪ ائين چئي هنن ڪفر ڪيو. حالانڪه گذشته تمام انبياء وانگر حضرت مسيح عليه السلام به پنهنجي قوم بني اسرائيل کي چيو هو ته اوهان الله جي حاڪميت قبول ڪندي ان جي عبادت ڪريو ۽ ان جي حڪمن جي اطاعت ڪريو، جيڪو منهنجو به پالڻهار آهي ۽ اوهان جو به پروردگار آهي. قرآن مجيد ۾ آهي ته حضرت عيسیٰ عليه السلام پنهنجي بالڪپڻ ۾ عبوديت جو اظهار ڪيو: ”اِنِّيْ عَبْدُ اللّٰهِ ۣ اٰتٰىنِيَ الْكِتٰبَ وَجَعَلَنِيْ نَبِيًّا“ (سوره مريم: 30/19) ۽ وڏي عمر ۾ اها دعوت ڏني: ”اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۭ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ“ (آل عمران: 51/3) ان جي باوجود جيڪڏهن ڪو ماڻهو الله تعالیٰ سان سندس حاڪميت ۽ وحدانيت ۾ شريڪ ڪندو ته ان لاءِ الله جنت حرام ڪئي آهي، ان جو ٺڪاڻو دوزخ ۾ هوندو. ۽ اهڙن ظالمن (مشرڪن) جو ڪو به معاون ۽ مددگار نه هوندو، جو هنن کي بچائي سگهي.(المائده: 116/5 کان 118) ”اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ“ لقمان: 13/31)

عيسائين جو هڪ ٽولو حضرت مسيح عليه السلام کي خدا هجڻ جو عقيدو رکندو هو ته وري ٻيو فرقو هيو جيڪو تثليث يعني ٽن خدائن جو عقيدو رکندو هو. هنن ۾ به ٻه طبقا هئا هڪ جو عقيدو هو ته تثليث ۾ الله، حضرت مريم ۽ حضرت مسيح آهن.

God The Father, God the Mother, God The Son

حالانڪه جيترا به رسول آيا، اهي مرد هئا. (يوسف: 12/ 109، القصص: 28/ 7)
تثليث جي ٻئي ٽولي وٽ حضرت مريم کي خارج ڪري، ان جي جڳهه تي روح القدس کي آندو ويو. Holy Sprit, Holy Gost, God The Son and God the Father

يقيناً انهن ڪفر ڪيو جن چيو تہ ٽن مان ٽيون الله آهي، (باقي بہ حضرت مريم ۽ حضرت مسيح يا حضرت مسيح ۽ روح (القدس) يعني پيءُ، پٽ ۽ روح القدس، حالانڪ هڪ الله وحده لا شريڪ له ڪانسواءِ ٻيو ڪير بہ الله ڪانسواءِ عبادت جي لائق نہ آهي، صرف الله ئي معبود حقيقي آهي، هن عقيدي وارا جيڪي شرڪ جا قائل آهن، اهي شرڪ کان باز نہ آيا ۽ الله کي هڪ الله ڪري نہ مڃيو تہ اهڙن ماڻهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. الله تعالیٰ شرڪ ڪانسواءِ ٻيا گناهہ بخشڻ گهري تہ بخش ڪندو، پر شرڪ لاءِ بخشش ۽ معافي ناهي، ان جو ٺڪاڻو هميشہ لاءِ جهنم آهي. هنن کي چا ٿي ويو آهي، جو هو هي سڀ ڄاڻندي بہ ڪفر ۽ شرڪ جي عقيدي کي ڇڏي الله جي طرف رجوع ڇو نٿا ڪن ۽ ڪتاب الله (قرآن) جي روشني ۾ سڌي راهہ تي هلي خدا رحيم و ڪريم کان پنهنجي لاءِ بخشش ۽ حفاظت جي گهر ڇو نٿا ڪن، جيڪڏهن هو سچي دل سان توبہ تائب ٿين، تہ الله بخشڻ ۽ حفاظت ڏيڻ وارو آهي. ياد رهي تہ شرڪ جي معنیٰ آهي الله تعالیٰ ڪانسواءِ ٻين کي الله تعالیٰ جي برابر سمجهڻ ۽ خدا جي اقتدار ۾ ٻين کي شريڪ ڪرڻ. هي اهڙو گناهہ آهي جنهن جي بخشش ناهي.

مَا الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ؕ
وَ اُمُّهٗ صِدِّيْقَةٌ ؕ كَانَا يَاْكُلٰنِ الطَّعَامَ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُبَيِّنُ لَهُمُ الْاٰيٰتِ
ثُمَّ انْظُرْ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ۝٧٥ قُلْ اَتَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ
لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ؕ وَاللّٰهُ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝٧٦ قُلْ يٰۤاَهْلَ
الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ غَيْرَ الْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعُوْۤا اَهْوَآءَ قَوْمٍ
قَدْ ضَلُّوْا مِنْ قَبْلُ وَ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا وَّ ضَلُّوْا عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ۝٧٧ ع ١١ ١٤

مسيح ابن مريم (عليهما السلام) هڪ رسول ئي هو. هن کان اڳ بہ ڪيترا رسول ٿي گذريا ۽ سندس والده ماجده خدا جي صداقت شعار ٻانهي هئي. هو ٻئي کاڌو

كائيندا هئا. غور ڪريو تہ اسان پنهنجون آيتون انهن آڏو ڪهڙيءَ طرح کولي کولي بيان ڪيون آهن. پوءِ بہ ڏس تہ هو ڪهڙيءَ طرح ابتي راهہ وجي رهيا آهن.(75) تون ڪين چؤ تہ ڇا توهان الله کي ڇڏي انهن جي بندگي ڪريو ٿا، جيڪي اوهان جي ڪنهن نفعي نقصان پهچائڻ جو اختيار نٿا رکن. حالانڪ الله ئي سميع عليم خوب ٻڌڻ وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهي. (76) تون ڪين چؤ تہ اي اهل ڪتاب پنهنجي دين ۾ ناحق حد کان وڌيڪ تجاوز نہ ڪريو ۽ نہ وري انهن ماڻهن جي خواهش جي پيروي ڪريو، جو پاڻ پهريان ئي گمراهہ ٿي چڪا آهن ۽ جن ڪيترن کي ئي گمراهہ ڪيو آهي ۽ سڌي رستي کان ڀٽڪي ويا آهن (77)

عيسائين جي عقيدي الوهيتِ مسيح ۽ تثليث جو جواب گذشتہ آيتن ۾ بہ آيو آهي. هاڻي هت انهن عقيدي الوهيت ۽ تثليث کي دليلن سان پيش ڪيو وجي ٿو: (1) حضرت مسيح ابن مريم عليهما السلام هڪ پاڪيزه عورت جي پيٽ مان جنم ورتو آهي تہ هڪ مخلوق، خدا يا جزو خدا ڪيئن ٿي سگهي ٿو. (2) هو محض هڪ رسول آهي. رسولِ خدا جزوِ خدا ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن پاڻ خدا يا جزو خدا آهي تہ ڪنهن جي طرفان پيغمبري ڪري ٿو. (3) "قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ" بني اسرائيل ۾ اهڙا هزارين پيغمبر آيا آهن تہ پوءِ انهن کي خدا ڇو نہ چيو ويو. حضرت مسيح جي خرق العادت وانگر هنن رسولن حضرت موسىٰ، حضرت جالوت، حضرت ابراهيم عليهم السلام وغيره بہ معجزا ڏيکاريا هئا. معجزو الوهيت جي نہ، پر نبوت جي نشاني آهي. (4) "وَاُمُّهٗ صِدِّيْقَةٌ ؕ كَانَا يَاْكُلٰنِ الطَّعَامَ" سندس والده ماجده صديقه (سچار) آهي، هي ٻئي کاڌو کائن ٿا، جيڪو بشريت جي صفت آهي. الله تہ اها هستي آهي، جيڪا "وَهُوَ يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ" (الانعام: 14/6) ٻين کي کارائيندو آهي، پاڻ نہ کائيندو آهي. ان ڪري عيسائين کي بہ اصل ۾ حقيقي دين جو ڏس ڏنو ويو هو، جنهن ۾ ايمان ۽ عمل صالح جي تعليم ڏني وئي مگر هو هن حقيقت کان گمراهہ ٿي ويا تہ مسيح عليه السلام بہ الله جي پيغمبرن مان هيو. (آل عمران: 3/46-45، النساء: 4/158-157 ۽ 168، المائده: 5/17) جهڙي طرح هن کان اڳ الله جا پيغمبر گذري چڪا آهن، هن جي والده

حضرت مريم راست باز ۽ پاڪ باز عورت هئي. اهي ٻئي انسان هئا ۽ انسانن وانگر کاڌو کائيندا هئا. هنن جي خدا هجڻ جي خلاف هي دليل به ڪافي آهي جو ته خدا کي نه بک لڳي نه اڃ. اهو ٻين کي کارائي ٿو، پر پاڻ نٿو کائي. ڏسو اسان ڪهڙي طرح کولي کولي هنن کي اصل حقيقت بيان ڪيون ٿا، پر ان هوندي به هو حق ۽ سچ جو رستو ڇڏي باطل ۽ گمراهه راهه طرف الٽا وڃي رهيا آهن. حالانڪ عيسائين کي معلوم آهي ته عيسىٰ ؑ حضرت مريم ؑ جو پٽ آهي، هو ٻين وانگر کائي پيئي ٿو. هن جا روزو شب سڀ انسانن وارا آهن. هنن ڇٽن دليلن جي باوجود هن کي الله يا الله جو پٽ بنائڻ دماغي خرابيءَ کانسواءِ ڪجهه ناهي يا هنن جي خيال ۾ ڪو خيالي عيسىٰ ؑ آهي. اي پيغمبر ﷺ تون هنن ماڻهن کي ٻڌاءِ ته اوهان خالق حقيقي کي ڇڏي اهڙين غير الله شين جي عبادت ڪريو ٿا ۽ انهن کي الله جو درجو ڏيو ٿا جن کي نه اوهان جي نفعي جو اختيار آهي ته نه نقصان جو، انهن بي بس مورتين جي برخلاف الله تعالىٰ سب ڪجهه ٻڌڻ وارو ۽ ڏسڻ واور آهي. اي پيغمبر ﷺ هن اهل ڪتاب جي ٽولي کي ٻڌائي ڇڏ ته اصل ۽ حقيقي دين ۾ ڪنهن به قسم جي غلو (مبالغو) نه ڪيو ۽ هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي اصل مقام تي رکو ان کان اڳتي نه وڌو. الله کي الله سمجهو ۽ ان جي رسول کي سچو رسول ﷺ سمجهو ۽ اهڙي ٽولي جي خواهش جا پوئلڳ نه ٿيو، جيڪي توهان کان اڳ گمراهه ٿي چڪا آهن ۽ پنهنجي غلط عقيدي سبب ٻين ڪيترن کي گمراهه ڪيو اٿن.

خفتہ را خفتہ کے کند بیدار

يعني گهري ننڊ ۾ ستل ٻئي ننڊ واري کي ڪٿي جاڳائي سگهندو.

عيسائين کي جنهن شيءِ گمراهه ڪيو، سو هو عقيدت ۽ محبت ۾ غلبو (بي جا زيادتي ڪرڻ) جنهن سبب خدائي صفتون هن کان سواءِ ڪنهن ٻئي طرف منسوب ڪيون ويون ۽ ڪافرن وارو عقيدو ايجاد ڪيو، حالانڪ حضرت مسيح ؑ جي تعليمات ۾ هنن باطل عقيدن جي ڪا گنجائش نه هئي. هنن اصل تعليم کان منهن موڙي يوناني فسلفي جي روشني ۾ عقيدو گهڙي ورتو، جيڪو سراپا ضلالت ۽ گمراهي هيو، هينئر قرآن به ان جي وضاحت ڪئي آهي. (المائده: 116/5 کان 118)

لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَ عِيْسَى ابْنِ
مَرْيَمَ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ۞ كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَنْ
مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ۞ تَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يَتَوَلَّوْنَ الَّذِيْنَ
كَفَرُوْا ؕ لَبِئْسَ مَا قَدَّمَتْ لَهُمْ اَنْفُسُهُمْ اَنْ سَخِطَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَ فِي
الْعَذَابِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ۞ وَلَوْ كَانُوْا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالنَّبِيِّ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ
مَا اتَّخَذُوْهُمْ اَوْلِيَآءَ وَلٰكِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ۞ لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ
النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الْيَهُوْدَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ وَلَتَجِدَنَّ اَقْرَبَهُمْ
مَّوَدَّةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰى ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّ مِنْهُمْ
قِسِّيْسِيْنَ وَ رُهْبَانًا وَّ اَنَّهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ۞

بني اسرائيل جي جن ماڻهن بہ ڪفر ڪيو هو، انهن تي داؤد عليہ السلام جي زبان (جتان سندن ابتدائي سياسي عظمت تي) ۽ عيسىٰ عليہ السلام جي زبان سان لعنت ڪئي هئي. ان ڪري جو انهن خدا جي نافرماني ڪئي ۽ خدا جي مقرر حدن کان اڳتي تجاوز ڪري ويا هئا. (78) اها لعنت ان ڪري بہ هئي تہ هو جن براين جو ارتڪاب ڪندا هئا، هو ان کان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي منع نہ ڪندا هئا. هنن جو طرز عمل نهايت برو هيو، جيڪو هي اختيار ڪندا رهيا. (79) تون هنن مان اڪثر ماڻهن کي ڏسندين تہ هو ڪافرن سان دوستي رکن ٿا. نهايت برو سامان آهي، جيڪو هنن پنهنجي اڳتي لاءِ تيار ڪري موڪليو آهي. ان ڪري الله انهن تي ناراض ٿي ويو آهي ۽ اهي ماڻهو هميشہ عذاب ۾ رهڻ وارا آهن.(80) جيڪڏهن واقعي هو الله ۽ ان جي رسول ۽ ان ڪتاب تي ۽ جيڪو ڪتاب ان تي نازل ٿيو ان کي مڃڻ وارا هجن ها تہ ڪڏهن بہ انهن منڪرن کي دوستي ۾ نہ وٺن ها. پر

هنن مان اڪثر تہ نافرمان نڪتا. (81) حقيقت اھا آھي تہ مسلمانن جي دشمنيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ سخت يھود ۽ مشرڪن کي ڏسندين ۽ مسلمانن جي دوستي جي سڀ کان زياده قريب انھن ماڻھن کي ڏسندين جيڪي چون ٿا تہ اسان نصاريٰ آھيون. اھو ان ڪري جو ھنن ۾ علماء شريعت جا ڄاڻو ۽ راھب عبادت گذار گوشہ نشين بہ آھن ۽ اھي تڪبر بہ ڪو نہ ٿا ڪن. (82)

بني اسرائيل جي گمراھہ ڪندڙ عقيدن ۽ تباھہ ڪندڙ طريقن جي نئين ڪھاڻي نہ آھي، پر ھن کان اڳ پنھنجي زيادتين ۽ نافرمانين جي ڪري حضرت دائودؑ ۽ حضرت عيسىٰ ؑ جھڙن برگزيده پيغمبرن جي زبان سان بہ لعنتي ٿي چڪا آھن. يھود ۽ نصاريٰ کي سندن اسلاف جي گمراھيءَ جا بعض واقعا ياد ڏياريا وڃن ٿا، جن جو مقصد اھل ڪتاب کي سندن اسلاف جي انڌي تقليد کان روڪڻ آھي. حضرت دائود ؑ يھودين جي اصحاب السبت (البقره: 65/2، النحل: 124/16) جي نافرماني ۽ حيله بازيءَ تي لعنت وڌي. جنھن جي ڪري طاعون ۾ مبتلا ٿيا. بندر ۽ سوئر جون خصلتون ۽ صورتون ورتيون ۽ اھڙيءَ طرح ذلت ۽ خواريءَ جو موت مري ويا. حضرت عيسىٰ ؑ جي دعا سان آسمان کان المائده (دسترخوان،خونچو) نازل ٿيو تہ ان جو ذخيرو ڪرڻ لڳا ۽ وري ڪفر جي راھہ تي ھلڻ لڳا، جنھن ڪري عذابِ الاھيءَ جا نشانو بڻيا. اھو انھيءَ ڪري ھيو جو ھو گناھہ ڪندا ھئا ۽ ماڻھن سان زيادتيون ڪندا ھئا. ان وقت ھنن جي اخلاقي پستي ايتري تہ ٿي وئي ھئي جو ھو ڪنھن کي برائي کان نہ روڪيندا ھئا، ان ڪري برايون عام ٿي ويون ھيون. ھنن جي اھا روش ڪيتري نہ خراب آھي، جو برائي ھنن کي برائي محسوس نہ ٿيندي ھئي. جڏھن برائيءَ کي برائي سمجھڻ جو احساس ختم ٿي وڃي ۽ برائي ڪندو رھي تہ اھا گمراھي ۽ شقاوت جي انتھائي حالت آھي. (معاذالله) ياد رھي تہ برائيءَ جي شروعات افراد کان ٿيندي آھي. جيڪڏھن ابتدا ۾ ئي ان برائيءَ کي روڪيو وڃي، تہ معاشرو وڌيڪ براين کان بچي ويندو. پر جيڪڏھن افراد جي برائي کي نہ روڪجي تہ ھڪ ڏينھن اھا قومي اجتماعي برائيءَ جي صورت اختيار ڪري ويندي. بني اسرائيل جي انھي بنيادي تساھل ۽ غفلت جي ڪري قوم جو وڏو حصو انھي بگاڙ جي لپيٽ ۾ اچي ويو. اھل

ڪتاب جي صفت ۾ آهي تہ "كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ" (المائده: 79/5) ان ڪري مؤمن کي حڪم آهي تہ نيڪيءَ جو حڪم ڏيو ۽ برائيءَ کان روڪيو. (آل عمران: 110/3-104) "مَنْ رَاٰى مِنْكُمْ مُّنْكَرًا فَلْيُغَيِّرْهُ بِيَدِهٖ وَاِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِلِسَانِهٖ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِقَلْبِهٖ وَذَالِكَ اَضْعَفُ الْاِيْمَانِ" (صحيح مسلم) حديث شريف ۾ آهي تہ "جيڪڏهن برائيءَ کي ڏسو تہ طاقت جي زور تي ان کي روڪيو، پر جيڪڏهن طاقت نہ آهي تہ زبان سان ان کي برو سڏيو، جيڪڏهن ائين بہ نٿا ڪري سگهو تہ پوءِ دل ۾ خراب سمجهو ۽ اهو ضعيف يعني ڪمزور ايمان آهي". اهڙيءَ طرح هڪ ٻي حديث آهي: "اِنَّ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ لَا يُعَذِّبُ الْعَامَّةَ بِعَمَلِ الْخَاصَّةِ حَتّٰى يَرَوُ الْمُنْكَرَ بَيْنَ ظَهْرَانِيْهِمْ وَهُمْ قَادِرُوْنَ عَلٰى اَنْ يُّنْكِرُوْهُ فَلَا يُنْكِرُوْنَهٗ فَاِذَا فَعَلُوْا ذَالِكَ عَذَّبَ اللّٰهُ الْخَاصَّةَ وَالْعَامَّةَ" (مسند احمد) الله تعالىٰ خاص ماڻهن جي عملن (گناهن) ڪري عام ماڻهن کي عذاب نہ ڏيندو آهي، جيستائين عام ماڻهو برائي ٿيندي ڏسن ۽ هو ان کي روڪي سگهن ٿا، پر روڪين نٿا يا تنقيد نٿا ڪن تہ پوءِ اهڙي صورت ۾ الله جو عذاب خاص ۽ عوام تي نازل ٿئي ٿو. هڪ حديث ۾ آهي: "اِنَّ النَّاسَ اِذَا يَرَوُ الْمُنْكَرَ وَلَمْ يَغْتَرُوْهُ يُوْشِكَ اَنَّ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ اَنْ يُّعَقِّبَهُمْ بِعِقَابٍ" (سنن اربعه) ماڻهو برائي ٿيندي ڏسن ۽ ان کي نہ روڪن تہ ڪو شڪ ناهي تہ الله تعالىٰ سڀني کي عذاب ۾ وڪوڙي ڇڏي.

هنن مان اڪثر کي ڏسندين تہ اهي ڪافرن ۽ مشرڪن سان دوستي ڪن ٿا. (المائده: 51/5، الانفال: 72/8، التوبه: 71/9، الشورىٰ: 6/42، المجادله: 22/58، الممتحنه: 13/60) هنن پاڻ لاءِ جيڪو ڪجهہ تيار ڪيو آهي، اهو ڪيترو نہ خراب آهي، جنهن جي ڪري هو الله جي ڏمر هيٺ آيا ۽ هميشہ لاءِ عذاب ۾ رهندا. جيڪڏهن هي انهن ڪافرن سان دوستي رکڻ بدران الله تي ۽ الله جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ تي ۽ جيڪو ڪتاب ان تي نازل ٿيو آهي ان تي ايمان آڻين ها تہ پوءِ هو هنن ڪافرن سان دوستي ڪو نہ رکن ها. ڪافرن سان هنن جو دوستاڻو رڳو انهيءَ ڪري آهي، جو اهي اسلام جا دشمن آهن. يهود علماء بہ هڪ طرف توريت ۾ توحيد جا قائل آهن، پر وري مشرڪن سان بہ مليا، اسلام دشمني ڪن ٿا، حالانڪ مشرڪ توحيد جا قائل نہ آهن.

چڱا ڪن چڱايون، برايون برن
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن

اهڙا برا ڪم رڳو اهي ڪندا آهن، جيڪي فسق و فجور ۽ شرڪ و ڪفر ۾ مبتلا هوندا آهن.

ڪند هم جنس با هم جنس پرواز
ڪبوتر با ڪبوتر، باز با باز

هر ماڻهو هم خيال ۽ هم جنس سان دوستي ڪندو آهي، ڪبوتر ڪبوتر سان ۽ باز باز سان.

الله تي ايمان رکڻ وارو الله جي انڪاريءَ جو دوست نٿو ٿي سگهي.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے، شاہیں کا جہاں اور۔ (اقبال)

اي خدا جا رسول ﷺ تون ڏسندين ته يهودي ۽ مشرڪ مسلمانن جا سخت دشمن آهن، پر هنن جي مقابلي ۾ تون ڏسندين نصاريٰ (عيسائي) مؤمنن جي دوستي لاءِ قريب ترين آهن، ڇو ته انهن ۾ معتدل مزاج عالم ۽ تارڪ دنيا راهب يا مشائخ آهن، جن جي مزاج ۾ سرڪشي ۽ تڪبر نه آهي. معلوم هجڻ گهرجي ته حبش جي بادشاهه نجاشيءَ مسلمان مهاجرن کي پناهه ڏني ۽ سورت مريم جي تلاوت ٻڌي، سندس اکين مان ڳوڙها وهي آيا، جنهن سان هن جي ڏاڙهي تر ٿي وئي، بعد ۾ پاڻ ڪيترن عيسائين سميت مسلمان ٿيو. جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ کي نجاشيءَ جي وفات جي خبر ملي ته اصحاب سڳورن کي چيائون ته حبشه ۾ اوهان جو ڀاءُ نجاشي وفات ڪري ويو آهي، ان جي نماز پڙهو. اهڙيءَ طرح هڪ صحرا (کليل ميدان) ۾ ان جي غائبانه نماز جنازه پڙهائي. (صحيحين) هرقل عيسائي حاڪم به پاڻ ڪريمن جي خط کي عزت ڏني. مصر جي بادشاهه مقوقس به پاڻ ڪريم ﷺ لاءِ تحفا موڪليا، اهڙي طرح ورقه بن نوفل وغيرهم به عيسائي هئا، جيڪي مسلمان ٿيا هئا.

”قِسِّيۡسِيۡنَ“ مان مراد علماء، خطيب ۽ واعظ آهن. ”رُهۡبَانًا“ مان مراد عبادت گذار، گوشه نشين، درويش ماڻهو آهن.